
سفرنامو
هوائيءَ جي
هوائن مان
قربان منگي

# هوائيءَ جي هوائن مان

(سفرنامو)

قربان منگي

پوپٽ

پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور سنڌ

2014ع

ڊجيٽل ايڊيشن:

2017ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**POPAT BOOK NO. 50**

# هوائيءَ جي هوائن مان

(سفرنامو)

ليکڪ: **قربان منگي**

ادبي ايڊيٽر: امر اقبال

ڇاپو پهريون: جنوري 2014ع

تعداد: هڪ هزار

ٽائيٽل ڊزائين: سعيد منگي

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ: آصف نظاماڻي

ڇپيندڙ: پوپٽ پرنٽنگ پريس، خيرپور، فون:0243-552913

ڇپائيندڙ: پوپٽ پبلشنگ هائوس، سنڌ ٻالڪ سنگت – خيرپور

ملهه: **300/-** روپيه

**HAWAAI'A JEE HAWAAUN MAA'N**

(Travelogue)

By: **Qurban Mangi**

Literary Editor: Amar Iqbal

First Edition: January 2014

Quantity: 1000 Copies

Title Design: Saeed Mangi

Composing & Layout: Asif Nizamani

Printed by: Popat Printing Press, Khairpur Ph: 0243-552913

Published by: Popat Publishing House,

Sindh Balak Sangat Khairpur

Price: **Rs. 300/-**

## ارپيان ٿو پنهنجي مهربانن

محترم سيد علي اسلم جعفري

محترم سيد فرزند علي شاهه جيلاني (مرحوم)

محترم مولا بخش لاڙڪ

محترم عبدالقادر منگي

محترم لعل بخش منگي

محترم فضل قادر قلباڻي

محترم پروفيسر غُلام قادر قلپوٽو

محترم اُستاد غُلام رسول ميمڻ (مرحوم)

محترم غلام عباس پنپرو

محترم اُستاد محمد نواز ڪيهر

۽

محترم پروفيسر بدر سومرو

ڪي

جن منهنجي زندگيءَ جي سماجي ۽ شعوري سفر ۾
رهنمائيءَ وارو ڪردار ادا ڪيو.

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”هوائيءَ جي هوائن مان“** اوهان اڳيان پيش آهي. آمريڪا جي سفر جي سلسلي جي هن سفرنامي جو ليکڪ ناميارو پبلشر ۽ ليکڪ **قربان منگي** آهي. هو لکي ٿو:

”اوهان جي هٿن ۾ موجود هي سفر نامو ”هوائيءَ جي هوائن مان“ منهنجي آمريڪا جي ٻئين سفر جي ڪٿا آهي. آمريڪا ۾ رهي مون اتان جي سماجي لقائن کي جيئن ڏٺو انهن کي تيئن ئي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مون هي سفرنامو لکندي ڪٿي بہ ڪنهن مبالغي يا وڌاءَ کان ڪم ناهي ورتو. اُميد تہ اوهان پڙهندڙ منهنجي گذريل سفرنامن جيان هن سفرنامي کي بہ دل جي ويجهو جاءِ ڏيندؤ.“

هي ڪتاب **پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور** پاران 2014ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پوپٽ پبلشنگ هائوس جي سرواڻ قربان منگيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پاٺڪن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿين جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سنَاءُ


- **پبلشر نوٽ:** امر اقبال 7
- **پنهنجي پاران:** قربان منگي 8
- **مهاڳ:** عبدالقادر جوڻيجو 9

- هڪ نئين سفر جو سانباهو 13
- ”وينچورا“ ڏي پنڌ ۽ هالي ووڊ سان هيلو هاءِ 21
- يونيورسل اسٽوڊيو: تفريح جو انوکو جهان 24
- لاس اينجلس کان هوائي جو سفر 29
- ”هوائيءَ“ جي هوائن ۾...................... 34
- هر طرف ”علي علي“ ۽ ”هالووين ڊي“ جا رنگ 46
- بينڪ جو اعتبار، موالي نوجوان ۽ ”متبرڪ بيچ“ 51
- ”Denny's“ جا ڪردار.......... ”هر شخص ڪهاڻي آ“ 55
- 4 نومبر: آمريڪا ۾ صدارتي اليڪشن جو ڏينهن 60
- ذڪر مسٽر ”پريشان“ جو 62
- ڪُونا جي ڪافي ۽ ڪلچرل فيسٽيول 67
- ”هيلو“ ڏانهن پنڌ ۽ ”والڪينوز“ جا احوال 72
- ”ڪُونا“ ۾ گذاريل ڪي پَلَ، ڪي پَهرَ 78
- ڪي گهڙيون ”ڪوهالا“ ۾ 83
- ڪونا ۾ آخري ڏينهن 86
- شڪاگو ڏانهن سفر: سارَ ڪجهه ساعتن جي 89
- فيلڊ ميوزيم مان ڦيرو 96
- انڊيانا رياست جو احوال ۽ ”ڪُتن جو هوٽل“ 101
- ”ايڊلر پلانيٽوريم“ ۾ ڪجهه پَلَ 104
- آرٽ ميوزيم: فن جو لازوال مرڪز 107
- اسپرنگ فيلڊ: ابراهام لنڪن جون يادون 110
- آمريڪا ۾ آخري ڏينهن ۽ ذڪر هڪ لئبريريءَ جو 115

# پبلشر نوٽ

سفرنامہ نگاري جي حوالي سان قربان منگيءَ جو نانءُ پڙهندڙن لاءِ ڪنهن بہ روايتي تعارف جو محتاج نہ رهيو آهي. ”مسافر“، ”هڪ گهڙي پيار جي“ ۽ ”آمريڪا ۾ ايڪٽيهہ ڏينهن“ ڪانپوءِ هيءُ سفر نامو ”هوائيءَ جي هوائن مان“ قربان منگيءَ جي لکڻ جي سادي ۽ سهڻي انداز ۽ واقعن ۽ مشاهدن کي بيان ڪرڻ جي دلچسپ پيرائي سبب يقيناً پڙهندڙن جي دلچسپي ماڻيندو.

پوپٽ پبلشنگ هائوس جي ڪوشش رهي آهي تہ تخليقي ادب سان گڏوگڏ تنقيدي، تحقيقي ۽ ٻيو ڄاڻ ڀريو مواد پنهنجي مهربان پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچائجي. هيءُ ڪتاب يقيناً پڙهندڙن لاءِ آمريڪا جي زندگي، سماجي وهنوار، ماڳن مڪانن، قدرن ۽ انهن مڙني شين سان لاڳاپيل عڪسن ۽ احساسن کي چٽو ڪري ٻيهاريندو ۽ سفر جي خواهش رکندڙن لاءِ يقيناً هي ڪتابُ هڪ مضبوط انسپائريشن جو سبب بڻجندو.

اوهان پڙهندڙن جو ساٿُ، هاڪاري موٽ ۽ ڪتاب دوستيءَ جو جذبو، پوپٽ پبلشنگ هائوس کي مستقبل ۾ اجان بہ بهتر ڪم ڪرڻ لاءِ اتساهيندا رهندا.


**امر اقبال**
amariqbal45@yahoo.com
0331-3067097

سيڪريٽري
پوپٽ پبلشنگ هائوس
مال روڊ خيرپور ميرس.

# پنهنجي پاران

جستجو ۽ سفر منهنجي خمير ۾ شامل رهيا آهن. مون جيون جي هر پل کي سجايو ڪرڻ جا جتن ڪيا آهن. اهو ئي سبب آهي جو انهيءَ ڳالهہ جو قائل رهيو آهيان تہ انسان کي هر وقت ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪندو رهڻ گهرجي. پنهنجي وت، وس ۽ وسيلن آڌار مون ننڍڙا ننڍڙا ئي سهي ادارا ناهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهيءَ سڄي جستجو ۽ ڪوشش کان پوءِ مون کي جڏهن بہ وقت وٽي ڏني آهي تہ مون سفر ڪرڻ جا سانباها ڪيا آهن. منهنجي پهرين سفرنامي ”مسافر“ کان وٺي، هن سفرنامي تائين، منهنجيون رولاڪيون اوهان پڙهندڙن کان ڳُجهيون ڪونہ آهن.

اوهان جي هٿن ۾ موجود هي سفر نامو ”هوائيءَ جي هوائن مان“ منهنجي آمريڪا جي ٻئين سفر جي ڪٿا آهي. آمريڪا ۾ رهي مون اتان جي سماجي لقائن کي جيئن ڏٺو انهن کي تيئن ئي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مون هي سفرنامو لکندي ڪٿي بہ ڪنهن مبالغي يا وڌاءَ کان ڪم ناهي ورتو. اُميد تہ اوهان پڙهندڙ منهنجي گذريل سفرنامن جيان هن سفرنامي کي بہ دل جي ويجهو جاءِ ڏيندؤ.

آمريڪا جي هن سفر جي دوران جن دوستن آمريڪا جي مختلف علائقن ۾ رهندي منهنجو آڌرياءُ ڪيو، منهنجي مهمان نوازي ڪئي ۽ انتهائي مصروف زندگين مان وقت ڪڍي منهنجو ساٿُ ڏنو، انهن جا ٿورا مان دل جي گهراين سان مڃيندس. اهڙن دوستن ۾ ايم. اي راجا، فريد ڀُٽو، ڊاڪٽر مُبارڪ ميرجت، شنڪر لعل هرياڻي، ذوالفقار سهتو، مير محمد ميرجت ۽ ٻيا شامل آهن.

هن سفرنامي جي اشاعت جي موقعي تي مان تمام گهڻا ٿورا مڃيندس سنڌي ٻوليءَ جي برک ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامہ نگار محترم عبدالقادر جوڻيجي جا، جنهن انتهائي مصروف وقت مان منهنجي هن سفرنامي لاءِ ڪجهہ پَلَ ڪڍيا ۽ قيمتي راءِ مهاڳ جي صورت ۾ لکي ڏني.

تمام گهڻي مهرباني سنڌي ٻوليءَ جي سهڻي شاعِرَ ۽ پنهنجي دوست محترم امر اقبال جي جنهن منهنجي هن ڪتاب کي نظر مان ڪڍي، ان کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ ۾ محنتون خرچ ڪيون.

تمام گهڻي مهرباني محترم سعيد منگيءَ جي جنهن هن ڪتاب جو خوبصورت ٽائيٽل ناهيو ۽ پڻ مهرباني محترم آصف رضا نظاماڻيءَ جي جنهن ڪتاب جي اکر اکر کي پيار سان ڪمپوز ڪيو.

هن ڪتاب ۾ موجود موادَ جي حوالي سان اوهان پڙهندڙن جي راءِ جو اوسيئڙو بہ ضرور رهندو.

**قربان منگي**
qurban82@yahoo.com
0300-3116231

رابيل جو گهر
نظاماڻي محلو، خيرپور ميرس.

# مهاڳ

بنا دير جي اڏامندڙ وقت گذرندي دير ئي ڪونہ ٿو ڪري، انهيءَ ڪري لکڻو پئجي وڃي ٿو: ”ڪنهن زماني ۾ سو ڪنهن زماني ۾ برطانيہ حڪومت جي چغلين چائين، آمريڪي FBI جي ڪار گذارين ۽ سينسر شپ جي ڏاڍ جو شڪار ٿيندڙ اخلاقي، سياسي ۽ سماجي قدرن کان بغاوت ڪندڙ آمريڪي اديبن ۾ ”بيٽ جنريشن“ جو وڏو اپار آيو. بيٽ جنريشن جي گوروئن ۾ هڪ تہ ايلن گنسبرگ (Ellin Ginsburg) هو، جنهن”Howl“ جهڙو ڏکهو نظم لکي ادبي دنيا کي لوڏي ڇڏيو. انهيءَ نظم کي ويهين صديءَ جو هڪ وڏو ڪارنامو ڪري ليکيو وڃي ٿو. ٻيو گورو هو، جيڪ ڪيرويي (Jack Kerouee). اهو جيڪ ڪيرويي پنهنجي هاڪاريل ناول (On the road) ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو. ”علم عاليشان درسگاهن مان نہ، پر مسافر جي قدمن مان اڏامندڙ ڪهہ مان جنم وٺندو آهي،“ خود اهو ناول (On the road) بہ سفر نامي جي فارميٽ ۾ لکيو ويو آهي. آئون جڏهين بہ قربان منگيءَ جو ڪو سفر نامو پڙهندو آهيان تہ مون کي جيڪ ڪيرويي جو مٿي ڄاڻايل جملو ياد اچي ويندو آهي. هيءُ ڪتاب تہ آهي ئي آمريڪا جو سفر نامو، جيڪو سڌي سادي، سولي ۽ هر رنگ جي پڙهندڙ کي سمجهہ ۾ ايندڙ ٻوليءَ ۾ لکيو ويو آهي، تنهن ڪري هن سفرنامي جي اهميت وڌي وڃي ٿي. ڄاڪاڻ تہ لکڻ جي دنيا ۾ (Simplification) کي اڄڪلهہ پوري دنيا ۾ لازمي سمجهيو وڃي ٿو تہ جيئن ڪو بہ ڪتاب گهڻن هٿن تائين پهچي سگهي ۽ چڱيءَ طرح سمجهہ ۾ اچي. انهيءَ معيار تي قربان منگيءَ جو هيءُ ڪتاب ”هوائيءَ جي هوائن مان“ پورو لهي ٿو. جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جو اڄايو رئڪيٽ نہ هنيو ويو آهي ۽ نہ ئي هن ڪتاب ۾ ڪنهن قسم جي ڪا دانشورانہ ٽرڙ پائي (Intellectualistic Snoberry) پاتي وڃي ٿي. هونئن بہ سفرنامي جي فن ۽ هنر ۾ اها ٽرڙپائي عيب سمجهي وڃي ٿي، جنهن کان قربان منگي بچيل آهي ۽ اهو ئي سندس ڪاميابيءَ جو راز آهي. سندس اها خوبي ڪنهن بہ ٻئي ملڪ کي سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿي ۽ پڙهندڙ ساڻس سفر ۾ شريڪ رهي ٿو، ڇاڪاڻ تہ قربان منگي ڪلندي

ڪلنڊي پنهنجي پڙهندڙ سان پنهنجائپ (Intimacy) پيدا ڪري وجي ٿو. اها پنهنجائپ پڙهندڙ کي پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺي ٿي. تنهن کان پوءِ قربان منگي هن ڪتاب ۾ ڪٿي به آمريڪا جي انفارميشن ۽ سياحت کاتي طرفان شايع ٿيل، پروپئگينڊا تي ٻڌل، ٿڪائيندڙ ۽ بور ڪندڙ معلومات جو سهارو نہ ورتو آهي، جنهن مان سندس ايمانداري ظاهر ٿئي ٿي هن اهو ئي ڪجهہ لکيو آهي جيڪو ڏٺو ۽ پرکيو اٿائين. ٻين جي ڪلهي تي بندوق رکي ڇوڙڻ کان پاسو ڪيو اٿائين. قربان منگيءَ وٽ پنهنجي ئي اسٽائيل موجود آهي، جيڪا هن سفرنامي کي نج ٺاهيو بيٺي آهي. هن ڪٿي بہ پنهنجا اصليت نہ ڇڏي آهي. سندس اها اصليت ئي هن ڪتاب جي معيار جو ڪارڻ آهي. اها نج اصليت سندس ٻين ڪتابن يعني ”هڪ گهڙي پيار جي“ ۽ ”آمريڪا ۾ ايڪٽيهہ ڏينهن..........“ ۾ پڻ پاتي وڃي ٿي. ڪٿي بہ وڏيءَ گهاگهہ ۾ نہ ٿو پوي.

زماني سان گڏ جيئن تهذيبن جا مرڪز بدلبا رهيا آهن، ائين ئي لکڻ جي دنيا ۾ بہ مختلف صنفن تي ڌڪيا سڪيا ڏينهن ايندا ويندا رهيا آهن. هڪ زمانو هو جو رشين ماسترس، جهڙوڪ دوستو وسڪي ۽ ليو ٽالسٽاءِ وغيره جي لکيل شاهڪار ناولن جي اپار هيٺ اڇي مختصر ڪهاڻيءَ جو فن دٻجي ويو هو. پر پوءِ انٽن چيخوف جي ڪهاڻين ناول جي صنف کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو. پر ٻي عظيم جنت کان پوءِ وري ناولن جو دور شروع ٿي ويو. ڇاڪاڻ تہ جنگين ۽ انقلابن جي نتيجي ۾ انهن ڳرين (Socio – political) حالتن کي چٽڻ لاءِ وڏو ڪئنواس ٿي ڪتو. انهيءَ وڏي ڪئنواس ئي وڏن ناولن کي جنم ڏنو، ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئون تہ اها هڪ گهوڙن جي ڊوڙ هئي، جنهن ۾ ڪڏهن ڪهاڻي پوئتي رهجي ٿي ويئي تہ ڪڏهن ناول پوئتي رهجي ٿي ويو. پر 1960ع تائين پهچندي پهچندي ناول جي صنف ڪتابن جي دنيا تي ڇانئجي ويئي. پر هن دور ۾ انهيءَ گهوڙي ڊوڙ ۾ دستاويزي ادب جهڙوڪ: تخليقي مضمون، سوانحون، آتم ڪٿائون، ڊائريون، اعليٰ اخباري رپورٽون ۽ سفر نامہ وغيره شامل ٿي ويا آهن. ائين ڪڏهن ناول تہ ڪڏهن دستاويزي ادب جون صنفون اڳتي وڌنديون رهن ٿيون. هن وقت رشيارڊ ڪاپوشنسڪي (پولينڊ) ۽ مارٽن ايمس (برطانيہ) جون تخليقون گرن سان پريل اخباري رپورٽون ۽ پال ٿيرو (آمريڪا) جا سفرناما جيترو

پڙهيا وڃن ٿا، اوترو شايد ناول پڙهيو نٿو وڃي. ائين ڪتابن جي دنيا ۾ وارا ڄمارا ايندا رهن ٿا. خود اسان وٽ سنڌيءَ ۾ سفرنامہ وڏيڪ شوق سان پڙهيا وڃن ٿا، جنهنجي شروعات الطاف شيخ جي سفرنامن کان ٿي. سندس سفرنامن تہ (Home sick) سنڌين کي ڇڪي ملڪ کان ٻاهر ڪڍيو، جو ڪين انهن سفرنامن ۾ هڪ نئين دنيا نظر آئي. اسان جو هيءُ يار قربان منگي بہ انهيءَ جو تسلسل آهي، جنهن جي سفرنامن ۾ هڪ نئون ۽ سندس پنهنجو رنگ نظر اچي ٿو، جيڪو سنڌيءَ جي دستاويزي ادب ۾ هڪ وڏو اضافو آهي ۽ جيڪو زماني سان گڏ هلندڙ هڪ نئون رخ آهي. هو پنهنجن سفرنامن ۾ ٻين ملڪن، خاص طور تي آمريڪا کي بنا ڪنهن تعصب، هوڏ ۽ طرفداريءَ جي Explore ڪي ٿو. 9/11 کان پوءِ آمريڪا دنيا جي نگاهن جو مرڪز بڻجي چڪو آهي، جنهن ۾ اسان سنڌي ماڻهو بہ شامل آهيون ۽ ڄاڻڻ ٿا چاهيون تہ سپر پاور آمريڪا ۾ موجود عام زندگي ڪيئن ۽ ڪهڙين حالتن مان گذري رهي آهي. اسان کي پروپئگيندا جو هٿيار بڻيل ملڪي ۽ غير ملڪي ميڊيا کان هٽي ڪري آمريڪا جي سماج جي ڄاڻ جي ضرورت آهي، جيڪا پڪي پختي ۽ اکين ڏٺي شاهديءَ تي ٻڌل هجي، هن ڪتاب ۾ قربان منگي اسان کي اهڙي ڄاڻ ڏيندو نظر اچي ٿو ۽ ائين اسان جي Imagination جو هڪ حصو بڻجي وڃي ٿو. گڏوگڏ هيءُ ڪتاب پڙهندڙ کي اهو اتساهہ بہ ڏياري ٿو تہ اهو پاڻ گهر ڇڏي پنڌ پوي ۽ آمريڪا ۾ وڃي اهو ڏسي تہ اتان جون حالتون ڪيئن ۽ ڪهڙيون آهن. انهيءَ حساب سان هيءُ سفرنامو ڄاڻ ڏيڻ سان گڏوگڏ Source of Inspiration بہ بڻجي وڃي ٿو، جنهن لاءِ اهو چئي سگهجي ٿو تہ قربان منگي هيءُ ڪتاب لکي هڪ تير سان بہ شڪار ڪيا آهن.

**عبدالقادر جوڻيجو**

11-02-2010

ڄامشورو

# هڪ نئين سفر جو سانباهو

هي ٻيون دفعو هو جو مان آمريڪا جي سفر لاءِ سانباهو ڪري رهيو هُيس ۽ انهيءَ سفر لاءِ منهنجو دوست ۽ ماضيءَ جو پي ٽي وي جو شاندار اداڪار ايم اي راجا مون کي مسلسل اُتساهي رهيو هُيو. راجا سان فون تي منهنجي اڪثر ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهندي هئي. هِن کان اڳ راجا لاس اينجلس ۾ هڪ سيڪيورٽي ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪري رهيو هو، مگر هينئر هُو آمريڪي رياست ”هوائي“ ۾هوٽل مئنجمينٽ ۾ نوڪري ڪري رهيو هُيو. راجا مون کي چيو ته ڪجهه هفتن کان پوءِ مان لاس اينلجس موٽندس، تون ٻه اچ ته گڏجي لاس اينجلس گُهمون. مون کي راجا جي صلاح وڻي ۽ ان وقت جو انتظار ڪرڻ لڳس ته راجا لاس اينجلس اچي ته هيڏانهن مان ٻه سفر جي تياري ڪريان. هڪ ڏينهن اوچتو راجا جو فون اچي ويو، چيائين: ”مان 21 آڪٽوبر 2008ع تي لاس اينجلس اچي رهيو اهيان تون ٻه اچ“ وقت تمام ٿورو هُيو صرف هڪ هفتي جو نوٽيس هيو ۽ هتي خيرپور ۾ مون کي ڪم ايترا هُيا جو هڪ ڏينهن جي وٿي ئي نه پئي مِلي ۽ ائين ڏينهن گذرندي دير ئي ڪانه ٿي 21 آڪٽوبر تي راجا لاس اينجلس پهچي ٻه ويو.

مون ٻه تڪڙ ۾ سيني ڪمن ڪارين کي اُڪلائي 22 آڪٽوبر تي خيرپور کي خير باد چيو ۽ رات جو سکر ايڪسپريس ۾ سوار ٿيس. منهنجا دوست ضمير لاشاري ۽ امر اقبال خيرپور ريلوي اسٽيشن تي مون سان گڏ هُيا. 23 آڪٽوبر تي ڪراچي پهتس. ڪراچيءَ مان سفر لاءِ ڪجهه ضروري شاپنگ ٻه ڪرڻي هئي پر مان سڀ کان پهريان پريس ڪلب ڪراچي جي سامهون واقع ”نائيس ٽريولز“ نالي ٽريول ايجنسي جي آفيس پهتس، ڪين پنهنجي سفر ۽ روٽس متعلق ٻُڌايم. مون کي منهنجي مختلف سفرن لاءِ مجموعي طور نَوَ فلائيٽس گُهربل هيون جڏهن ته انهيءَ وقت اَٺَ فلائيٽ ڪنفرم ٿي رهيون هيون. لنڊن کان لاس اينجلس تائين هڪ فلائيٽ ڪنفرم نه پئي ٿي. ايجنٽ صلاح ڏني ته مان سفر کي ٿورو ملتوي ڪريان پر مون ڪيس چيو ته ”مونکي اڄ ئي وڃڻو آهي............ جي اڄ ته نه پوءِ ڪڏهن ٻه نه“ منهنجي انهيءَ جواب تي هُو حيران ٿي ويو آخر گهڻي ڪوشش ڪان پوءِ شام جو ڇهين بجي ڪراچيءَ

ڪان وچڻ ۽ واپس ڪراچيءَ تائين جون نَوَ ئي فلائيٽس ڪنفرم ٿي ويون. سمورو ڏينهن انهيءَ خفي ۾ گذري ويو، مان سفر لاءِ ڪائي شاپنگ بہ ڪري ڪونہ سگهيس. رات جو يارهين بجي ڪراچيءَ ڪان دبئي تائين منهنجي فلائيٽ هئي، پر مون کي اٺين بجي تائين ايئرپورٽ پهچڻو هُيو. جنهن لاءِ مون وٽ وقت صرف بہ ڪلاڪ هُيو.

هن دفعي منهنجو شڪاگو ۾ رهندڙ پنهنجي دوست فريد پُنو ڏانهن وڃڻ جو ڪو ارادو نہ هو. (آمريڪا جي گذريل سفر ۾ فريد اسان جي ڀرپور مهمان نوازي ڪئي هئي) مگر عين وقت تي مون ٽريول ايجنٽ ڪان پڇيو تہ جيڪڏهن شڪاگو کي بہ پنهنجي سفر ۾ شامل رکجي تہ ڪيترا پئسا وڌيڪ لڳندا؟! ايجنٽ ٻُڌايو تہ صرف پنج هزار روپيہ وڌيڪ لڳندا. مون ڪان رهيو نہ ٿيو ڪيس چيم شڪاگو کي بہ سفر ۾ شامل ڪري ڇڏيو. فون ڪري فريد کي ٻُڌائي ڇڏيم تہ توڏانهن بہ اچي رهيو آهيان. فريد سرهائيءَ مان چيو: ”ضرور، پر هتي سخت سردي آهي گرم ڪپڙن جو انتظام ڪيو اچجانءِ.“ مون ڪيس چيو تہ ”اهو انتظام بہ توکي ئي ڪرڻو آهي ڇاڪاڻ تہ مان ڏاڍي تڪڙ ۾ نڪري رهيو آهيان.“

ڇهين بجي بوڪنگ پڪي ڪرائي. مون ڪراچيءَ ۾ رهندڙ پنهنجي ڀائٽي اختر منگي ۽ پنهنجي نياڻي رابيل کي فون ڪيو تہ توهان منهنجو سامان کڻي ايئرپورٽ پهچو مان بہ اتي پهچي رهيو آهيان. ايئرپورٽ پهچڻ ڪان پوءِ مون کي ايترو وقت بہ نہ مليو تہ شلوار قميض مٽائي پينٽ شرٽ پائي وٺان. تڪڙ ۾ ايئرپورٽ تي ئي مئڪڊونالڊ تان پيٽ پوڄا ڪئي.

مون کي ٽي بورڊنگ ڪارڊ مليا. ڪراچيءَ ڪان دبئي امارات ايئر لائينز، دبئي ڪان لنڊن امارات ايئر لائينز ۽ لنڊن ڪان لاس اينجلس آمريڪن ايئرلائينز جا، ٽئي بورڊنگ ڪارڊ وٺي مان اميگريشن لاءِ اچي قطار ۾ بيٺس. مُنهنجي پويان بيٺل همراهہ مون ڪان پڇيو تہ ”ڪاڏي ٿو وڃين؟“ مون ڪيس چيو تہ ”لاس اينجلس“، انهيءَ تي هُن ڪان ٽهڪ نڪري ويو ۽ چيائين ”لاس اينجلس ٿو وڃين سو بہ شلوار قميض ۾؟“ مون ڪيس ٻُڌايو تہ تڪڙ ۾ ڪپڙا مٽائي نہ سگهيس جنهن تي هُن چيو تہ آمريڪا وارا اڳيئي مسلمانن تي چڙيل آهن مٿان وري تون شلوار قميض پاتيون ٿو وڃين، بهرحال، دبئيءَ ۾ مٽائي وٺجان. مون ڪيس چيو تہ مون

پڻ ائين ئي سوچيو آهي. هِن موقعي تي خيرپور مان دوست ضمير لاشاري مسلسل مون سان فون تي رابطي ۾ هُيو ۽ مون کان حال احوال وٺي رهيو هو.

منهنجو ڪالهوڪو ڏينهن خيرپور ۾ تياريءَ جي وٺ پڪڙ ۾ گذريو هو، سڄي رات سکر ايڪسپريس ۾ سفر ڪندي ۽ اڄوڪو سڄو ڏينهن ڪراچيءَ ۾ ٽڪيٽ جي ڀڄ ڊوڙ ۾. ٿڪاوٽ جي ڪري منهنجو سنڌ سنڌ چُور ٿي چُڪو هو ۽ هينئر هڪ ڊگهي سفر جو آغازٿي رهيو هو. ايئرپورٽ تي اميگريشن لاءِ هڪ ڪائونٽر هيو جنهن ڪري الاهي رش هئي. اميگريشن جي سمورن مرحلن ۾ سنڌ جي نامياري گلوڪاره شازيہ خشڪ ۽ سندس مڙس ابراهيم خشڪ مون کي منهنجي پنيان نظر آيا. هُو بہ دبئي ئي وڃي رهيا هئا. جهاز جي اڏام جو وقت ساڍا يارنهن هُيو پر رش جي ڪري جهاز ساڍي ٻارهين بجي روانو ٿيو ۽ پاڪستاني وقت مطابق رات جو اڍائي بجين دبئي انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي لٿو.

دبئيءَ جي وقت مطابق ان گهڙيءَ ڏيڍ ٿي رهيو هُيو. لنڊن وڃڻ لاءِ منهنجي فلائيٽ ۾ ڏيڍ ڪلاڪ باقي هيو. اسان کي خبر پئي تہ گيٽ نمبر121 تي پهچڻو آهي. مان جيئن ئي گيٽ تي پهتس تہ شازيہ خشڪ ۽ سندس مڙس بہ پرسان اچي بيٺا. امارات ايئرلائينز وارن منهنجو پاسپورٽ فوٽو ڪاپي ڪرائڻ لاءِ روڪيو اهڙي ڪاپي ڪراچي ايئرپورٽ تي بہ ورتي وئي هئي. دبئي ايئرپورٽ هڪ شاندار ايئرپورٽ هُيو، پنهنجو ڪراچي ايئرپورٽ تہ ان جي ڪنهن حصي ۾ بہ محسوس نہ پئي ٿيو. گيٽ نمبر 121 تان اعلان ٿيو، پهريان بزنس ڪلاس وارن کي سڏ ٿيو ۽ بعد ۾ ٻين کي. جهاز بہ ڪلاڪ ليٽ هُيو. دبئي جي وقت مطابق جهاز اڍائي بجي هلڻو هيو پر اهو ساڍي چئين بجي روانو ٿيو.

مان لَٿ ڏئي جهاز ۾ سمهي رهيو هُيس ٿڪل تہ ڏاڍو هئس ان ڪري سمهندي ئي ننڊ وٺي وئي هئي ۽ اوچتو ڪنهن جي اٿارڻ تي مون کي جاڳ ٿي هئي. مون ڏٺو تہ جهاز اُتي ئي بيٺو هُيو ۽ اُنهيءَ ٻهاني مون کي ڪلاڪ ڏيڍ ننڊ ڪرڻ جو موقعو ملي ويو هيو. اسان جي فلائيٽ جو نمبر ”007“ هيو ۽ هي جهاز گذريل جهاز کان بهتر لڳي رهيو هو. جهاز ۾ مون کي هڪ شيدياڻي ايئر هوسٽس نظر آئي. مون محسوس ڪيو تہ دبئي وارا بہ دُنيا سان گڏ هلڻ سکي ويا آهن. ڪاري

رنگ جي ايئر هوسٽس اِنهيءَ ڳالهہ جو ثبوت هُيو تہ ايئرلائينز انتظاميہ رنگ نسل جي ڪائي متيبد نہ ٿي رکي. دبئي ننڍڙو شهر آهي مگر جڳ مڳ روشنين سان روشن ايئرپورٽ تي مون کي سڄي دنيا جي مختلف خطن جا ماڻهو نظر آيا. جهازن جو وسيع نيٽ ورڪ ۽ ايئرپورٽ تي مصنوعي کجيون ڏسي منهنجي دل باغ بهار ٿي وئي. مان کجين جي شهر خيرپور جو مُسافر ۽ هتي بہ کجيون ئي منهنجي آجيان ڪري رهيون هيون.

آمريڪا جي گذريل سفر وقت لنڊن ۾ اسان جي اِسٽي گيٽ وڪ ايئرپورٽ تي هئي، پر هن ڀيري هيٿرو ايئرپورٽ تي. گذريل ڀيري هيٿرو ايئرپورٽ اسان واپسيءَ ۾ تڙ تڪڙ ۾ڏٺو هو. ايئرپورٽ تي گهڻي ڀاڱي يورپين مسافر نظر اچي رهيا هئا. دبئيءَ جي وقت مطابق صبح جو پنجين بجي جهاز سفر جي شروعات ڪئي. جهاز ڇٽيهہ هزار فوٽن جي اوچائي تي هيٿرو ايئرپورٽ لنڊن لاءِ روانو ٿيو. مسلسل ساڍا ست ڪلاڪ سفر جاري رهيو. مون کي سيٽ جهاز جي وچ ۾ ملي هئي. جهاز منجهند جو هڪ وڳي ويهن منٽن تي هيٿرو ايئرپورٽ پهتو.

ان وقت لنڊن جي وقت مطابق صبح جا اٺ لڳي ويهہ منٽ تي رهيا هئا. جهاز ليٽ هئڻ سبب هيٿرو ايئرپورٽ تي اسان کي انتظار گهٽ ڪرڻو پيو. لنڊن جي وقت مطابق يارنهن لڳي پنجٽيهہ منٽن تي اسان جي فلائيٽ لاس اينجلس لاءِ رواني ٿيڻي هئي ۽ انهيءَ فارغ وقت جو فائدو وٺندي مون ايئرپورٽ تي آواره گردي شروع ڪري ڏني. مون شيڊيول بورڊ پڙهيو جنهن تي لکيل هيو تہ اسان جي فلائيٽ نمبر 137 جي گيٽ جو اعلان سوا ڏهين بجي ڪيو ويندو ۽ ائين مان سوا ڏهين تائين هيٿرو ايئرپورٽ تي هيڏانهن هوڏانهن گهمندو رهيس ۽ مختلف چهرا ڏسندو رهيس. ”زندگي هڪ سفر آهي ۽ اسين سَڀُ مُسافر، اسان مان هر ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي ماڳ تي لهي، الوداع چئي وڃڻو آهي“. ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيل جُملا منهنجي ذهن ۾ ڦري رهيا هُئا.

هيٿرو ايئرپورٽ تي مون نظر ڊوڙائي، هتي بہ مونکي ڪافي ڪارا نظر آيا. هتي سرڪار شيدين تي مڙئي مهربان نظر آئي، جو شيدي سيني ادارن ۾ برابريءَ جي بنياد تي ڪم ڪندي نظر آيا. اسان وٽ لياريءَ جي ”شيدي باشاهم باشا“جا اهڙا ڀاڳ ڪٿي؟! اُهي ويچارا تہ

ڪسمپرسيءَ ۾ ئي وقت گذارڻ تي مجبور آهن. هيٿرو ايئرپورٽ تي سخت سيڪيورٽيءَ جي باوجود بار بار اهو اعلان ورجايو پئي ويو ته ڪوئي به اڻ ڄاتل يا لاوارث ٿيلهو ڏسو ته انتظاميه کي فوراً اطلاع ڪريو.

هيٿرو ايئرپورٽ تي اڻ ڳڻيا دوڪان نظر آيا ائين محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ مان ڪنهن ايئرپورٽ تي نه بلڪ ڪنهن شاپنگ مال ۾ پهچي ويو هُجان. هڪ دوڪان جي ٻاهران مون کي هڪ ڄاتل سڃاتل مونوگرام نظر آيو. مونو گرام ۾هڪ فونو ۽ ڪُتي جي شبيهه اڪريل هُئي. مون جڏهن ڪان هوش سنڀاليو هو اِهو مونوگرام پنهنجي گهر ۾ ڏسندو پئي آيس، اهو ”هز ماسٽرس وائيس“ جو مونو گرام هُيو، انگلينڊ جي مشهور ۽ قديمي ميوزڪ ڪمپني ۽ هي پورو دوڪان پڻ ”هز ماسٽرس وائيس“ وارن جو هو. ۽ انهيءَ وقت مون کي سنڌي ٻوليءَ جي برک شاعِرَ لکمي ڪلاٽيءَ جو هڪ هائيڪو ياد اچي ويو. جيڪو مون ڪنهن مخزن ۾ پڙهيو هو ته:

ڪُتو وينو ٻڌي
هز ماسٽرس وائيس جو
فونو پيو وڄي.

بهرحال مون بورڊ تي نظر ڦيرائي، جتان خبر پئي ته اسان جي فلائيٽ آمريڪن ايئرلائينز نمبر137، گيٽ نمبر پنج وٽان هلڻي هئي، مون اوڏانهن هلڻ شروع ڪيو جيئن ئي گيٽ نمبر پنج ۾ داخل ٿيس آمريڪن ايئرلائينز جي ملازم ڪمپيوٽر ۾ ڊيٽا انٽري ڪندي مونکان پُڇيو ته ”لاس اينجلس ۾ ڪهڙي جاءِ تي ويندين؟“ مون کيس ٻُڌايو ته ”منهنجو دوست هوائي ڪان لاس اينجلس آيل آهي اُهوئي مون کي رِسيو ڪندو ۽ کيس ئي اِها خبر آهي ته اسان کي ڪهڙي جاءِ تي رهڻو آهي.“ منهنجي ڳالهه همراهه کي سمجهه ۾ نه آهي، چئي: لاس اينجلس ۾ پنهنجي ائڊريس ٻُڌاءِ! مان چوان اِهو اجا طئہ ناهي ٿيو ته مون کي ڪٿي رهڻو آهي ته مان توکي ڪيئن ٻُڌايان؟!! اسان جو اِهو جهيڙو اجا جاري ئي هو ته ٻئي ڪائونٽر تي وينل شڪل شبيهه مان هندستاني نظر ايندڙ خاتون مون کان منهنجو مسئلو پُڇيو. مون کيس ٻُڌايو ته منهنجو دوست هوائي ڪان لاس اينجلس آيل آهي، اُهو مون کي رسيو ڪندو ۽ کيس ئي

خبر آهي تہ مان ڪٿي رهندس. مائيءَ ڪي منهنجي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئيءَ هُن ائڊريس واري خاني ۾ هوائيءَ واري ائڊريس لکي.

هيٿرو ايئرپورٽ تمام وڏو ايئرپورٽ هُيو هڪ ٽرمينل ڪان ٻئي ٽرمينل تائين پهچندي ماٺهو ٿڪيو وڃي. شڪر ٿيو جو اسان جنهن ٽرمينل تي لٿا هئاسين اُتان ئي اسان جي اينڊڙ فلائيٽ وڃڻي هئي. اسان جي فلائيٽ ٽرمينل نمبر ٿي تان وڃڻي هئي. آمريڪن ايئرلائينز آمريڪا جي بهترين ۽ مهانگي ايئر لائين آهي. مون ڪي اِهو فائدو پيو جو مون پنهنجي سموري سفر جي شيڊيول مطابق نوَ ئي فلائيٽس هڪ ئي مهل بوڪ ڪرائي ڇڏيون هيون جنهن ڪري مونکي نسبتاً سستيون پيون، جيڪڏهن الڳ الڳ بوڪ ڪرايان هان تہ مهانگيون پون ها. جيڪڏهن مان لاس اينجلس وڃي اتان ئي واپس ٿيان ها تہ مون ڪي اٺياسي هزار روپيہ ادا ڪرڻ پون ها. پَر مان لاس اينجلس، وري لاس اينجلس ڪان هوائي جي ڪونا انٽرنيشنل ايئرپورٽ، ڪُونا ڪان لاس اينجلس، وري لاس اينجلس ڪان شڪاگو جون لوڪل فلائيٽس، انٽرنيشنل ۾ اِن ڪري ڪرايون ۽ ائين اِهي ٿئي ٽڪيٽون مون ڪي سٺيهہ هزار روپين ۾ مليون. جڏهن تہ ايم اي راجا ڪي ڪُونا ڪان لاس اينجلس ۽ لاس اينجلس ڪان ڪونا تائين ٻاونجاهہ هزار روپيہ ادا ڪرڻا پيا.

هيٿرو ايئرپورٽ دُنيا جي مختلف ايئرلائينز جي جهازن سان ڀريل هُئي. جيئن تہ مون ڪي دريءَ واري سيٽ ملي هئي ان ڪري مان سموري دنيا جي مختلف جهاز ڪمپنين جي بيٺل جهازن جو نظارو ڪري رهيو هوس. انهن جهازن ۾ مونکي انڊيا جي ايئرلائينز جا جهاز بہ نظر آيا پَر پي آءِ اي جو ڪوئي جهاز ان وقت نظر نہ آيو. سوا يارهين بجي اسان جو جهاز اُڏاڻو، مون هيٺ نهاريو ساوڪ سان ڀريل لنڊن شهر منهنجي اکين اڳيان هُيو. ڇا تہ خوبصورت شهر آهي لنڊن. جهاز جي سفر دوران منجهند جو هِڪُ بجي مسافرن ڪي ڪولڊ ڊرنڪ پيش ڪئي وئي، پر مونکي بک لڳي رهي هُئي ۽ ڪاڌي جو انتظار هيو. آمريڪا جي هيلوڪي سفر ۾ هيءَ منهنجي ڊگهي ۾ ڊگهي فلائيٽ هئي جيڪا سوا يارنهن ڪلاڪ هلڻي هئي. وسيع ائٽلانٽڪ سمنڊ جي مٿان اسان جو جهاز 507 ميل يعني 816 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان اُڏامي

رهيو هيو. جهاز جي هيٺان ڪڪرن جي ڌُڪَ ٻوڙ جاري هئي جنهن ڪري سمنڊ جو صحيح نظارو نظر نه پئي آيو.

مُنهنجي ڀر واري سيٽ تي لنڊن جي اٺاويهه سالہ ڇوڪري ويٺل هُئي، جنهن سان رسمي گفتگو هلي رهي هئي ڪجهه ئي دير کان پوءِ مسافرن لاءِ کاڌو آندو ويو. کاڌي ۾ گهٽي قدر مختلف قسمن جا پيزا موجود هئا جيڪي وري مون کي گهڻو نه پئي وڻيا. ڪائڻ دوران منهنجي پرواري همسفر منهنجي پسند کي ڏسندي پنهنجي حصي جون ڪجهه شيون به مون کي ڏيندي پئي وئي ۽ ائين ساڻس گفتگو جو سلسلو به جاري پئي رهيو. کاڌي کائڻ کان پوءِ ايئر هوسٽس يونيسيف لاءِ فنڊ گڏ ڪرڻ لاءِ هڪ باسڪٽ کڻي سيني مسافرن جي اڳيان ايندي وئي بلڪل ائين، جيئن پاڻ وٽ جُمع جي نماز کان پوءِ مسجد ۾ چندي جي لاءِ ٻَہ نمازي ڪپڙو جهلي نمازين جي قطارن جي آڏو ڦرندا ويندا آهن.

اسان جو جهاز سوا يارنهن ڪلاڪن جو طويل سفر پورو ڪري لاس اينجلس جي وقت مطابق ٽين بجي لاس اينجلس ايئرپورٽ پهتو. ايئرپورٽ تي منهنجو پاڪستاني پاسپورٽ ڏسندي ئي مون کي هڪ ڪمري ۾ آندو ويو. جتي ڪائونٽر تي هڪ ميڪسيڪن نسل جو آمريڪي نوجوان ويٺل هُيو. هُن مون کان احوال ورتو. مون کيس ساڳيو ئي احوال ٻُڌايو ته مان رائيٽر آهيان ۽ هتي لاس اينجلس ۾ پنهنجي دوست وٽ آيل آهيان پر هُن به ساڳيو ئي بحث شروع ڪيو ته لاس اينجلس ۾ پنهنجي ائڊريس ٻُڌاءِ. اسان جو بحث اجان جاري ئي هو ته آمريڪا جي اميگريشن ڊريس پاتل هڪ پاڪستاني نوجوان ڪنهن ڪم سانگي انهيءَ ڪمري ۾ داخل ٿيو. ميڪسيڪن نوجوان چيو ته هي تنهنجي مُلڪ جو آهي، هن سان تون ڳالهاءِ. پاڪستاني نوجوان، جنهن جو نالو ”سهيل خان“ هيو مون کان حال احوال ورتو مون کيس چيو ته منهنجو دوست ”عبدل“ هوائي ۾ رهندو آهي (اصل ۾ ايم اي راجا جو اصل نالو عبدالفتاح آهي ۽ آمريڪا ۾ کيس ”عبدل“ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي) اهو دوست لاس اينجلس آيل آهي هُو مونکي وٺڻ ايندو ۽ اسان به ٽي ڏينهن هتي رهي پوءِ هوائي هليا ويندا سين، نوجوان، راجا جو نانءُ ٻُڌي رڙ ڪئي ”ايم اي راجا؟!.............. اڳ ۾ چو نه ٻُڌايئہ، هُو ته منهنجو دوست آهي ۽ اسان هڪ ڏينهن اڳ هتي هڪ پارٽي ۾ گڏ

هياسي، پَر هُن پاڪستان ڪان ايندڙ مهمان جو مون سان ذڪر ڇو ڪو نہ ڪيو؟“ سهيل خان مون ڪان راجا جو نمبر وٺي ساڻس ڳالهايو ۽ ڪائنس لاس اينجلس ۾ اسان جي رهائش جي ائڊريس وٺي انٽر ڪرائي. منهنجي پاسپورٽ تي ٺپو هڻي مون کي فارغ ڪيو ويو. سُهيل خان چيو تہ سامان چيڪ ڪرائڻ اچو تہ منهنجي ڪائونٽر تي اچجو. سامان چيڪ ڪرائڻ لاءِ ٻہ ڪائونٽر هُيا هڪ تي هڪ خاتُون ويٺل هُئي، جڏهن تہ ٻئي تي سهيل خان، مان سهيل جي ڪائونٽر تي هليو ويس. سُهيل منهنجو پاسپورٽ ڏٺو ۽ پاسپورٽ ۾ لاس اينجلس مان واپسيءَ جي تاريخ ڏسي ڪاوڙ ۾ ويڙهجي ويو ۽ مون کي چيائين تہ ”ميڪسيڪن تنهنجي واپسيءَ جي تاريخ 23 ڊسمبر انٽر ڪئي آهي جڏهن تہ تنهنجي ٽڪيٽ ۾ واپسي ٻہ 23 تي ئي آهي، پر جيڪڏهن خدانخواستہ تون بيمار ٿي ٿو پوين ۽ توکي هڪ ٻَہ ڏينهن وڌيڪ ترسڻا پون تہ پوءِ تنهنجو هتي رهڻ غير قانوني ليکبو ۽ ائين تون ڪيئن رهي سگهندين؟!“ سُهيل پنهنجي ڪائونٽر تان اُٿي وري ساڳي ميڪسيڪن نوجوان ڏانهن ويو ۽ ڪائنس منهنجي واپسيءَ جي تاريخ 30 ڊسمبر تائين وڌرائي آيو. سهيل منهنجو سامان چيڪ ڪرڻ ڪان سواءِ ئي مون کي ايئرپورٽ ڪان ٻاهر ڏانهن پيو ڇڏڻ آيو ۽ ايم اي راجا کي فون ڪري ڪيس ٻڌايائين تہ اچي پنهنجي مهمان کي وٺي وڃ. راجا پندرنهن منٽن ۾ پهچي ويو. ساڻس گڏجي سندس گهر آيس، حالي احوالي ٿياسي، مان شيو ڪري، وهنجي سهنجي فريش ٿيس ۽ پوءِ اسان رات جي ماني کائڻ لاءِ هڪ پاڪستاني هوٽل ”الوطن“ ۾ آياسي. اسان ٻنهي صرف برياني کاڌي پر پوءِ بہ بِلُ 22 ڊالر يعني تقريباً 1850 پاڪستاني روپيہ آيو. ساڳي ئي وقت ٻاهر نڪري موبائل چارج ڪرڻ لاءِ هڪ ”پلگ پوائنٽ“ ورتي تہ اها 11 ڊالرن ۾ يعني 924 پاڪستان روپين ۾ ملي جيڪا پاڻ وٽ وڌ ۾ وڌ ڏهہ روپين ۾ ملندي اهي. پلگ وٺي پسار ڪندا گهر آياسون، اسان جي رهائش واري علائقي جو نالو ”سٽي هيٽرون“ هيو. مان ٿڪل تہ اڳ ۾ ئي هُيس سو جلدي سمهي پيس.

# ”وينچُورا“ ڏي پنڌ ۽ ”هالي ووڊ“ سان هيلو هاءِ

صبح جو اُٿي تازا توانا ٿي، اسان ناشتو ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي پاڪستاني هوٽل ”بلال“ تي آياسي جتي حلوو، پوريون ۽ چولا ناشتي ۾ ملي رهيا هئا. اسان ٻنهي جي ناشتي جو بل 12 ڊالر يعني تقريباً هڪ هزار روپيہ آيو. راجا ٻڌايو تہ آمريڪا ۾ مالي بحران شدت اختيار ڪري ويوآهي انهيءَ ڪري هتان جو عوام بہ پريشانيءَ ۾ وڪوڙجي ويو آهي. راجا هوائيءَ کان لاس اينجلس پنهنجي گاڏي بحري جهاز ۾ بُوڪ ڪرائڻ ۽ پنهنجي ياءُ جي گهران پنهنجا سوٽ ڪيس کڻڻ آيو هُيو. ناشتي مان فارغ ٿي اسان ”وينچورا ڪائونٽي“ روانا ٿياسي جيڪو لاس اينجلس کان تقريباً سٺ ڪلوميٽرن جي فاصلي تي هُيو. راجا جو ياءُ ”وينچورا ڪائونٽي“ ۾ پنهنجي گهر واريءَ سان رهندو هُيو، جنهن جي سندس زال کان تازو ئي علحدگي ٿي وئي هُئي، جنهن ڪري هُو ٻئي گهر خالي ڪري هليا ويا هُئا. گهر جي گئريج ۾ راجا جا سوٽ ڪيس رکيل هُئا ۽ گئريج جي دروازي جو رموٽ راجا وٽ هُيو. راجا انهيءَ آسري تي ”وينچورا ڪائونٽي“ هلي رهيو هو تہ مَنَ رموٽ ذريعي گئريج جو دروازو کُلي پوي ۽ هُو پنهنجا سوٽ ڪيس ڪڍي اچي. اسان انهيءَ رستي تي سفر ڪري رهيا هئاسي جنهن رستي مان هڪ رستو وري سن فرانسسڪو نڪري رهيو هو ۽ سن فرانسسڪو اُتان کان تقريبن چار سو ميلن جي فاصلي تي هُيو. ”وينچورا ڪائونٽي“ هڪ ڳوٺ جو ڏيک ڏئي رهيو هو، چوڌاري اسٽرابيريءَ جا خوبصورت ۽ وسيع باغ نظر اچي رهيا هئا. راجا جي ياءُ جي خالي ڪيل گهر پهچي، راجا گئريج جي دروازي کولڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي پر دروازو نہ کلڻو هيو سو نہ کليو. گهر مالڪن شايد دروازي جو رموٽ بدلائي ڇڏيو هُيو. نيٺ مايوس ٿي اسان شامَ جو لاس اينجلس واپس موٽي آياسي. واپسيءَ تي اسان راجا جي هڪ انڊين دوست جهانگير خان جي ”پيزا شاپ“ تي آيا سي، ساڻس ڪچهري ڪئي، هُنَ اسان جي لاءِ اسپيشل پيزا ٺهرايا، گڏجي

ڪائي، گهر واپس آياسي، گهر ۾ ٿورڙي دير آرام ڪري، رات جو تيار ٿي اسان ٻئي گهمڻ ڦرڻ لاءِ نڪتاسي. اسان جو رُخ هالي ووڊ طرف هيو. جي ها سموري دنيا جي فلمي صنعت تي راڄ ڪندڙ "هالي ووڊ" جا رنگ پسڻ لاءِ اسان ٻئي وڃي رهيا هئاسين.

اسان مان اڪثر جي ذهنن ۾ اهو هوندو آهي تہ شايد "هالي ووڊ" اها جاءِ هوندي جتي وڏي پئماني تي اسٽوڊيوز هوندا، جتي ڏينهن رات هالي ووڊ جي فلمن جي رڪارڊنگ جو ڪم ٿيندو هوندو پر هتي اهڙي ڳالهہ ڪونہ هئي. اصل "هالي ووڊ" هڪ علائقي جو نالو آهي "هالي ووڊ" جي علائقي ۾ داخل ٿيندي هڪ خاص روڊ نظر آيو، جتي هڪ تمام وڏو چائنيز ٿيٽر واقع هيو. ٿيٽر جي ٻاهران ڪيترائي سيمينٽيڊ بلاڪ نظر آيا، جن بلاڪن جي خاص خوبي اِها هئي تہ انهن جي مٿان هاليووڊ جي ڪيترن ئي اداڪارن جي هٿن ۽ پيرن جا نشان ۽ سندن ئي اڱر سان لکيل سندن نالو ۽ انهن جي صَحي اُڪرل نظر آئي ۽ هينان وري اُن ڏينهن جي تاريخ جنهن ڏينهن تي انهن اداڪارن انهن بلاڪن تي پنهنجي اِها يادگيري ڇڏي هُئي. اهڙن سيميٽيڊ بلاڪس تي مون ڪي سو سال پراڻا اُڪريل ڇاپا بہ نظر آيا ۽ اهو سلسلو هتي اڄا سوڌو جاري آهي. مون ڪي اها ڳالهہ ڏاڍي وڻي. پنهنجي ثقافتي هيروز جي ياد ڪي ان انداز ۾ محفوظ ڪرڻ جو اهو هڪ سُهڻو انداز هُيو. پَر هڪ ڳالهہ جيڪا مون محسوس ڪئي اُها اِها تہ بلاڪس تي پيرن جا نشان بُوٽ سميت نظر آيا جيڪڏهن انهن اداڪارن کان بُوٽ لهرائي سندن اگهاڙن پيرن جا نشان محفوظ ڪيا وڃن ها تہ اڃا بہ بهتر ٿئي ها. خبر پئي تہ جڏهن بہ ڪوئي اداڪار هتي اچي پنهنجي ياد جا نشان بلاڪن تي ڇڏيندو آهي تہ هتي هڪ تقريب منعقد ٿيندي آهي ۽ انهيءَ پروقار تقريب ۾ ئي اهو بلاڪ نصب ٿيندو آهي تقريب کان پوءِ وري پرسان ئي واقع فوٽ پاٿ ۾ ستاري جي شڪل جي ٺهيل بلاڪس ۾ بہ اُن اداڪار جي نالي جو بلاڪ شامل ڪيو ويندو آهي. هالي ووڊ جي علائقي ۾ سوين دُوڪان ۽ سووينئر شاپ نظر آيا. اهڙن دوڪانن تي هالي ووڊ فلمي صنعت سان لاڳاپيل اداڪارن ۽ اداڪارائن جون تصويرون،انهن جي نالن ۽ تصويرن سان سينگاريل ٽي شرٽون، ڪي چين ۽ ٻيون يادگار شيون وڪامي

رهيون هيون. هالي ووڊ جي فلمن جي رڪارڊنگ وارن اسٽوڊيوز جي باري ۾ پڇا ڪرڻ تي خبر پئي ته اهي بند ٿي ويا آهن.

هالي ووڊ مان واپسيءَ تي مون موبائيل فون جي هڪ دوڪان تي موبائل خريد ڪرڻ لاءِ پڇا ڪئي. ٻڌايائون ته ٻن سالن جي پئڪيج ۾ توهان کي فري موبائل ڏنا ويندا، جڏهن ته پاڪستان ڳالهائڻ لاءِ پري پيڊ لاءِ ٻه ڊالر ۽ ٻاونجاهه سينٽ في منٽ تي خرچ ٿيندا، يعني في منٽ ٻه سو روپين کان به مٿي، مون موبائل وٺڻ کان ئي توبهه ڪئي. رات جو گهر ڏانهن واپس ورندي رستي ۾ هڪ ”نيوڊ ڪلب“ پئجي رهي هئي. راجا مون کي هن ڪلب ۾ ڇڏي چيو ته: ”تون گهمي ڦري وٺ مان ٻن ڪلاڪن کان پوءِ توکي هتان کڻان ٿو“ ڪيس ڪوئي ڪم هيو. مان ٻن ڪلاڪن تائين هِن ڪلب کي ڏٺو. بي لباس نارين جو مدهوشيءَ جي عالم ۾ رقص ۽ ڏسڻ وارن پاران مٿن نوٽن جي برسات، بهرحال راجا جي واپسيءَ تي اسان گهر هليا آياسي ان وقت رات جو تقريباً هڪ ٿي رهيو هو. اسان ٻئي ٿڪل به ڏاڍا هياسي ان ڪري جلدئي سمهي رهياسي.

# يونيورسل اسٽوڊيو: تفريح جو انوکو جهان

ٻئي ڏينهن صبح جو تيار ٿي اسان مشهور ”يونيورسل اسٽوڊيو“ ڏسڻ لاءِ وياسي. راجا مون سان گڏ هُيو پرَ اوچتو راجا کي هڪ فون اچي ويو، ڪنهن پُراڻي سنگتياڻيءَ جو، جنهن ڪيس ٻُڌايو ته هوءَ لاس اينجلس آيل آهي ۽ ڪجهه ڪلاڪ ساڻس گڏ گذارڻ چاهي ٿي. مون راجا کي چيو ته تون پلي پنهنجي دوست ڏي وڃ، مون کي يونيورسل اسٽوڊيو ڇڏ ۽ شام جو فارغ ٿي هتان ئي مونکي اچي ڪٽجان. اهڙي طرح راجا مونکي صبح جو ڏهين بجي يونيورسل اسٽوڊيو ڇڏيو ۽ گڏوگڏ مون کي ”AAA“ ڪمپنيءَ جو هڪ ڪارڊ ٻه ڏنو جنهن جو هو ميمبر هُيو. اِهو ڪارڊ ڏيکاري مان يونيورسل اسٽوڊيو جي مختلف ماڳن (attractions) کي ڏسڻ تي ڊسڪائونٽ حاصل ڪري پئي سگهيس. ”AAA“ هڪ اهڙو ادارو آهي. جيڪو آمريڪا ۾ گهڻن ماڻهن جو سهارو آهي. اهڙا ماڻهو جيڪي ڪنهن مصيبت ۾ آهن انهن جو ڪوئي گهرياتي يا مٽ مائٽ هن اداري جا ميمبر آهن اُهي هن اداري کان مختلف حوالن سان مدد حاصل ڪري سگهن ٿا. جيڪڏهن ڪنهن جي گاڏي ڪٿي ڦاسي پوي ته هِن اداري کي فون ڪرڻ سان هِن اداري جي پئنل تي موجود مڪينڪ اُتي پهچي گاڏيءَ کي ٺيڪ ڪري سگهي ٿو، ائين چابي گم ٿي وڃي ته گاڏي يا گهر جي چابي ٺاهڻ لاءِ ٻه مدد ملي سگهي ٿي. گاڏي جي رجسٽريشن جو مسئلو هجي يا ٻي حوالي سان ڪائي مدد، هي ادارو پنهنجي پينل تي موجود سهڪاري ادارن وسيلي مدد فراهم ڪندو آهي. ائين ئي يونيورسل اسٽوڊيو ٻه ”AAA“ ڪمپنيءَ جي پئنل تي موجود هُيو ۽ ان جي ميمبرن لاءِ هتي خاص رعايت ڏنل هئي. يونيورسل اسٽوڊيوز کي ”The Entertainment Capital of Las Angles“ ٻه چيو ويندو آهي، جنهن ۾ ٿيم پارڪ، اسٽوڊيو ٽوئر، سٽي واڪ، سئنيما ۽ ڪنسرٽس سميت انيڪ دلچسپيون موجود هيون. ٿي سال اڳ مان جڏهن آمريڪا آيو هيس تڏهن اورلينڊو جي يونيورسل اسٽوڊيو ۾ داخل ٿيڻ جي ٽڪيٽ مون کي 69 ڊالرن ۾ ملي هُئي، جڏهن ته هينئر ”AAA“ جي ڪارڊ

هجڻ ڪري مون کي رعايت ٽڪيٽ 64 ڊالرن ۾ ملي ٽڪيٽ جي پويان لکيل هُيو تہ هيءَ ٽڪيٽ استعمال ڪندڙ پنهنجي ذاتي سامان جي حفاظت ۽ انفرادي جسماني حفاظت جا خود ذميوار آهن. ٽڪيٽ تي اهو بہ لکيل هُيو تہ هيءَ ٽڪيٽ يونيورسل اسٽوڊيوز ۾ منعقد ٿيندڙ خاص موقعن لاءِ ڪم نہ اچي سگهندي. يونيورسل اسٽوڊيو ۾ رنگن، روشنين، دلچسپين، حيرت ناڪين، ٽهڪن، مُرڪن جو هڪ وسيع جهان آباد هُيو. جن ۾ اسٽوڊيو ٽوئر، اسٽوڊيو ٽوئر اسپيشل، The Adventure of curious george، واٽر ورلڊ، ٽرمينيٽرٽُو، Shrek 4-D، دي بليوز برادرس، يونيورسل اينيمل ايڪٽرس، The Simpsons ride revenge of the Mummy the ride، جُراسڪ پارڪ رائيڊ، اسپيشل اِفيڪٽس اسٽيجز، دي يونيورسل ايڪسپيرئينس سميت مختلف رنگ برنگ دلچسپيون شامل هيون. تقريباً پندرنهن رائيڊس مان، مان صرف ڇهہ رائيڊس ئي ڏسي سگهيس ڇاڪاڻ تہ مون وٽ وقت تمام ٿورو هُيو ۽ اهو ممڪن ئي نہ هو تہ مان چند ڪلاڪن ۾ دلچسپيءَ جا سمورا جهان ڏسي سگهان. يونيورسل اسٽوڊيو ۾ خريداريءَ لاءِ بہ وڏو جهان هُيو. يادگار شين، رانديڪن، ڪپڙن، موويز، ڪئميرائن ۽ ٻين انيڪ شين جا شاپس اسٽوڊيو ۾ موجود هُيا، جتي مختلف چهرن وارا خوبصورت ماڻهو خريداريءَ ۾ مصروف هُيا. چهري تي پينٽ ڪرڻ ۽ ماڻهن کي ڪلائڻ وارا آرٽسٽ الڳ پنهنجيون منڊليون مچايون وينا هُيا. ٻارڙن جي حفاظت جا الڳ اسپاٽ موجود هُيا. هنڌين هنڌين ڪيترائي ريسٽورينٽ بہ يونيورسل اسٽوڊيوز ۾ موجود هُيا جتي ناشتو، برگر، پيزا، چائنيز، بيئر، ڪولڊ ڊرنڪ، سنيڪس، چڪن، سُوئيٽ ۽ ٻيون کاڌي پيتي جون شيون موجود هُيون، هر ڪوئي پيٽ پوڄا ڪندي بہ نظر آيو. يونيورسل اسٽوڊيو ۾ ATM ڪارڊ، فرسٽ ائڊ، سيڪيورٽي، ٽيليفون بُوٿس جو بهترين انتظام نظر آيو. پنهنجو قيمتي سامان محفوظ جاءِ تي رکڻ لاءِ لاڪرس، معذورن لاءِ وهيل چيئرز جو بہ سُنو انتظام ٿيل نظر آيو. يونيورسل پارڪ ۾ سگريٽ نوشيءَ تي پابندي هئي سواءِ ڪجهہ مخصوص جاين جي، جيڪي مختلف هنڌن تي نهيل هُيون.

مان سڀ کان پهريان اسٽوڊيو ٽوئر، ڏسڻ لاءِ ڊگهي قطار ۾ بيهي رهيس. هي اسٽوڊيو ٽوئر دنيا جي بهترين ۽ مشهور ترين ٽوئرز

مان هڪ آهي. قطار ۾ بيٺي مون ڏٺو تہ منهنجي اڳيان بيٺل نوجوان جوڙا هر منٽ کان پوءِ چَپَ چپن ۾ ملائي ائين قرب ونڊي رهيا هئا ڄڻ سندن آس پاس ڪو هجي ئي ڪونہ. ڊگهي قطار طئہ ڪري اسان ٽن گاڏن تي مشتمل هڪ ريل ۾ ويناسي ۽ سفر شروع ٿيو. رستي ۾ هالي ووڊ جي قديمي فلمن جا بينر، يادگار تصويرون، اسٽوڊيوز ۽ مختلف سيٽ نظر آيا. هڪ هنڌ هڪ تباهہ ٿيل هوائي جهاز ۽ پڳل ٽٽل عمارت نظر آئي، مختلف مشهور فلمن جا سيٽ، پراڻا شهر، گهاٽا جهنگل، فلمن ۾ استعمال ٿيل گاڏيون ۽ ڪيترائي اداڪار انهن مڙني شين جي وچ ۾ پرفارم ڪندي نظر آيا، جيڪي پڻ مصنوعي هُيا. اوچتو برسات اچي وئي، جيڪا پڻ مصنوعي هُئي، تلاءُ جي مٿان ڪانيءَ جي پل جو ٽٽڻ ۽ ٻيهر جُڙي وڃڻ، مطلب تہ تمام گهڻا من موهيندڙ ۽ حيران ڪندڙ منظر منهنجي اکين ڏٺا. اڳتي هلي رهائشي علائقو نظر آيو جتي وري اداڪارن جي رهائش جو انتظام هُيو، اوبي وين ۽ ٻيا ٽيڪنيڪل شعبا بہ نظر آيا. گڏوگڏ ماضيءَ جي سُپر هٽ فلمن جا ٿيٽر بہ قائم ٿيل نظر آيا. اسٽوڊيو ٽوئر ڪان پوءِ مان ٽرمينيٽر ٿُو، جيڪو پڻ ٿِري - ڊي افيڪٽس تي ٻُڌل هيو ڏسي سگهيس، ”شيرڪ - D “ ۾ هڪ گڏهہ جو ائڊونچر هيو محسوس پئي ٿيو ڄڻ اهو گڏهہ بلڪل توهان جي ڪن جي پرسان هينگي رهيو آهي ۽ سندس ناسن مان نڪرندڙ پاڻي توهان جي منهن ڪي لڳي رهيو آهي، ”هائوس آف هاررس“ ۾ هارر مويز جا جديد توڙي قديم ڪردار، ايتري تائين جو خاموش فلمن جا ڪردار، انهن جي چرپر ۽ پرفارمنس ڏسڻ لاءِ ملي. ”جُراسڪ پارڪ“ ۾ ڄڻ تہ جيئرا جاڳندا ڊائنو سار اسان جي مٿان حملي آور ٿي رهيا هجن. ”اسپيشل افيڪٽس“ واري اٽريڪشن ڏاڍي دلچسپ هئي جنهن ۾ اهو ڏيکاريو پئي ويو تہ هالي ووڊ جي يادگار فلمن ۾ اسپيشل سائونڊ افيڪٽس ڪيئن ڏنا ويندا آهن. هڪ ٽيبل تي هڪ ٻارڙو ٻنهي هٿن جي آڱرين سان آواز پيدا ڪري رهيو هو ۽ بعد ۾ ڏيکاريو ويو تہ اهوئي آواز ڪيئن ماڻهن جي ڀاڄ واري منظر ۾ انهن جي پيرن جي آواز طور ڪتب آندو ويو. بهرحال هيءَ اٽريڪشن ڏاڍي دلچسپ هئي.

مان گهمي گهمي ڏاڍو ٿڪجي پيو هُيس. ايڏيون دلچسپيون ايڏيون حيرت ناڪيون، انسان جو دماغ دنگ رهجي وڃي. ماڻهو پنهنجي

پنهنجي مستي ۾ مگن انهن سيني دلچسپين کي سميٽي رهيا هئا. شامَ لڙي رهي هئي. مون کي بک بہ اچي ورايو هو سو اچي هڪ فرانسيسي فوڊ شاپ جو پاسو ورتو. ڏهن ڊالرن ۾ هڪ ماڻهوءَ جو کاڌو مليو، پَر کاڌو ايترو هو جو مان کائي ڪنائي نہ سگهيس مجبور اڌ کاڌو واپس رکي ڇڏيو جيڪڏهن راجا، مون سان گڏ هجي ها تہ اسان ٻنهي جو پيٽ آرام سان ڀرجي وڃي ها. بهرحال مون سوچيو تہ يونيورسل اسٽوڊيو جون جيڪي بہ خوبصورتيون آهن انهن سيني کي ڏسڻ اچوڪي ڏينهن ۾ ممڪن نہ آهي ان ڪري بهتر اهو آهي تہ دنيا جي هن شاندار تفريحي ماڳ کي الوداع چئي، اڳتي جو سوچجي. مون هڪ دفعو ٻيهر پنهنجي چوڌاري نظر ڊوڙائي. اڻ ڳڻيا ماڻهو، جڻ تہ اڻ ڳڻيون دنيائون هيڏانهن هوڏانهن حرڪت ڪري رهيون هيون. شام جا پنج وڄي ڏهہ منٽ ٿي رهيا هئا. مان يونيوسل اسٽوڊيو مان ٻاهر نڪري آيس. ٻاهر ايم اي راجا منهنجو مسڪرائيندي انتظار ڪري رهيو هو. هُو بہ ڏاڍو خوش هو ڇاڪاڻ تہ هو هِڪ پُراڻي دوست سان گذريل ڪجهہ ڪلاڪَ گهاري آيو هو. گهر پهچي ٿورڙو آرام ڪيو، رات جو انين بجي ڏاران راجا جي انڊين دوست جهانگير (پيزا شاپ وارو) جي گهر ڏانهن روانا ٿياسي.

جتي هُن اسان جي رات جي ماني جو اهتمام ڪيو هو. سندس گهر واري پناڻ نسل سان تعلق رکندڙ هئي. سندس نالو پروين هيو. هُو ٻئي اسان جي انتظار ۾ هُئا. اسان جي پهچڻ تي مُرڪي آڌر ڀاءُ ڪيائون، حال احوال ڏنائون، ورتائون، ساڻن ڪچهري ڪندي مون ڏانهن خيرپور مان سنڌ چلڊرينس اڪيڊمي جي پرنسپل ميڊم دُرِ بتول جو فون اچي ويو.

مون ساڻس حال احوال ڪرڻ کان پوءِ فون ڀاڀي پروين کي ڏنو ۽ ائين فون تي خواتين هڪ ٻئي سان ڪچهريءَ ۾ مصروف ٿي ويون ۽ اسان مرد پاڻ ۾ ڪچهري ڪرڻ لڳاسون. کاڌي جي ٽيبل تي هنن اسان جي لاءِ بهترين اهتمام ڪيو هو، هنن ٻنهي، اسان لاءِ قسمين قسمين کاڌا تيار ڪيا هئا. مانيءَ دوران ڪچهري ڪندي هنن ٻڌايو تہ اسان جو گهر ننڍڙو آهي جنهن کي ڊهرائي ٻنيان ٻيل خالي پلاٽ هن گهر ۾ ملائي وڏو گهر نهرائيندا سي. مون دل ۾ سوچيو هِي هيترو وڏو ۽ عاليشان گهر جيڪڏهن ننڍڙو آهي تہ وڏو گهر ڇا هوندو! لاس اينجلس

۾ راجا مسلسل سندن ٺي ڊبل ڪئبن گاڏي استعمال ڪري رهيو هو. مانيءَ کان پوءِ ڪجهه دير ويهي اسان ڪانئن موڪلايو ۽ واپس اچي پنهنجي گهر سمهي رهياسي.

# لاس اينجلس کان هوائي جو سفر

ٻئي ڏينهن صبح جو مان اڃان ننڊ ئي پيو هيس تہ راجا تيار ٿي پنهنجي مرسيڊيز گاڏي ڪاهي، شپنگ ڪمپني وارن جي حوالي ڪرڻ ويو تہ جيئن هُو گاڏي ”لاس اينجلس“ کان ”هوائي“ موڪلي سگهن. شپنگ ڪمپنيءَ وارا راجا سان ڦڏو ڪري ويهي رَهيا تہ جنهن بينڪ مان ليزنگ تي هيءَ گاڏي ورتي اٿئي انهيءَ بينڪ جو ”اين او سي“ ڪٽي اچ. راجا بينڪ مان ”اين او سي“ وٺي ڪين ڏنو تہ وري چيائونس تہ گاڏيءَ جي انشورنس ٿيل ناهي، تنهن تي راجا وري بينڪ مان ڪين سرٽيفڪيٽ وٺي ڏنو تہ هِن بينڪ طرفان ڏنل سڀئي گاڏيون انشورنس ٿيل آهن. تنهن تي وري هڪ نئون ڦڏو پيدا ڪيائون تہ هِن گاڏيءَ جي انشورنس آمريڪا جي سيني حدن لاءِ تہ آهي پر سامونڊي حصي لاءِ انشورنس ٿيل ڪونهي! نيٺ تنگ ٿي راجا ڪين يارنهن سؤ ڊالر ڪرايو ۽ ٻي سو ڊالر انشورنس جا اضافي ڏنا. مان ننڊ مان اُٿي ناشتو ڪري سامان ٻڌي ڪري گهر ۾ راجا جو انتظار ڪري رهيو هيس. ٽن ڪلاڪن کان پوءِ راجا موٽيو. اسان جو سامان تيار هو. راجا جي گهر جي سامهون هڪ بزرگ جوڙو رهندو هو جنهن سان اڪثر واندڪائي جي وقت ۾ راجا، حال احوال ۽ سياسي صورتحال تي ڪچهريون ڪندو رهندو هو. پَر هن ڪين اِهو ڪونہ ٻُڌايو تہ هُو مسلمان آهي. جهونن جي جوڙي کي اها خبر هئي تہ راجا ڪوئي عيسائي آهي. راجا چيو تہ جُهونا پاڻ کي ايئرپورٽ ڇڏي ايندا پَر اتفاق سان ٻئي پنهنجي گاڏي سميت غائب هئا. شايد ڪنهن ڪم ڪار سان نڪتل هُئا. مجبوراً راجا ريڊيو ٽيڪسي وارن کي فون ڪيو جن جو وائرليس ذريعي نيٽ ورڪ جُڙيل هيو. فون کان پوءِ گهربل علائقي ۾ سندن جيڪا بہ ويجهي ٽيڪسي بيٺل هوندي آهي اُن کي ضرورت واري جاءِ تي موڪلي ڏيندا آهن.ٿورڙي ئي دير ۾ ٽيڪسي اچي وئي، اسان ٽيڪسيءَ ۾ سامان رکي ئي رهيا هئاسي تہ جُهونا پاڙيسري بہ اچي ويا. راجا چيو ڏهہ منٽ انتظار ڪريون ها تہ ٽيڪسيءَ جو ڪرائو بچي پوي ها. بهرحال هاڻي تہ ڪجهہ نہ پئي ٿي

سگهيو اسان راجا جي جُهونن پاڙيسرين کان موڪلائي سامان رکي ٽيڪسيءَ ۾ سوار ٿياسي. ٽيڪسيءَ وارو ايراني هُيو، ساڻس دعا سلام ٿي ۽ پوءِ ڪچهري ڪندا آياسي. مُلڪ جون سياسي حالتون، سندس خاص موضوع هُيو. خير سان ايئرپورٽ پهتاسي ڊرائيور اسان کان رعايتي ڪرائو ورتو. ايئرپورٽ تي راجا هوائيءَ لاءِ بورڊنگ ڪارڊ ورتو ته ڪائنس سامان جا پندرنهن ڊالر چارج ڪيا ويا، جڏهن ته منهنجي سامان جو ڪجهه به چارج نه ڪيو ويو، چاڪاڻ ته مون وٽ انٽرنيشنل ٽڪيٽ هئي ۽ مون کي سامان کڻڻ جي اجازت هئي. اهڙي طرح منهنجا پندرنهن ڊالر بچي ويا. چيڪنگ واري مرحلي دوران سخت چيڪنگ نظرآئي اسان جهاز جي اڏام کان هڪ ڪلاڪ اڳ ۾ ئي لائونج ۾ پهچي چُڪا هئاسي. راجا جو چوڻ هو ته هوائي سفر لاءِ جيترو جلد ٿي سگهي اڳ ۾ پهچڻ گهرجي چاڪاڻ ته اهڙي طرح ماڻهو تڙ تڪڙ جي پريشانين کان بچي ويندو آهي. مون هيڏانهن هوڏانهن نظر ڊوڙائي سامهون هڪ گوري آمريڪن ڇوڪري هِڪ ڪاري نوجوان سان قرب وندبيندي نظر آئي. مون دل ۾ چيو ”واهه ڪارا تنهنجا ڀاڳ“. لائونج ۾ ويني راجا ٻُڌايو ته ڪجهه ڏينهن اڳ سندس هوٽل ۾ جتي هُو نوڪري ڪندو آهي، هڪ آمريڪن نيشنلٽي رکندڙ ڪورين ڇوڪري ”هوسٽ“ جي نوڪري ڪرڻ آئي ۽ ڪيس اِها نوڪري ملي وئي. راجا سان سندس سلام دُعا ٿيڻ کانپوءِ ڪيس خبر پئي ته اُها ڇوڪري لاس اينجلس ۾ رهندڙ هئي جتي هوءَ پنهنجي بواءِ فرينڊ سان رهندي هئي جڏهن ته هتي هوائي ۾ سندس ماءُ رهندي آهي ۽ هوءَ ماءُ جي ڪري ئي لاس اينجلس مان هوائي آئي هئي. جيئن ته راجا هتي هوٽل ۾ مئنيجر هيو سو هُنَ ڇوڪريءَ سان دوستيءَ جو ناتو جوڙيندي ڪيس چيو ته تون ۽ مان ٻه ئي ”ڳوٺائي“ آهيون چاڪاڻ ته مان به لاس اينجلس مان هتي آيو آهيان. بهرحال ڇوڪريءَ جو راجا سان سلام دُعا وارو رشتو قائم ٿيو ۽ هن ڀيري جڏهن راجا هوائي کان لاس اينجلس اچي رهيو هو ته هُنَ ڇوڪريءَ کي به صلاح ڪئي ته جيڪڏهن هوءَ ساڻس گڏ پنهنجي پراڻي شهر لاس اينجلس هلڻ چاهي ته هو سندس ڀاڙو ڪرائو ڀريندو. اصل ۾ راجا ساڻس واسطو وڌائڻ جي چڪر ۾ اِهي پئسا مٿس سيڙائي رهيو هو. ڇوڪري راضي ٿي وئي ۽ ائين راجا سندس هوائي کان لاس اينجلس جو ڪرائو

ساڍا ڇهه سو ڊالر ادا ڪيو. پر لاس اينجلس جي ايئرپورٽ تي لهندي ئي هوءَ ڇوڪري پنهنجي گهر هلي وئي ۽ راجا وري پنهنجي گهر ۽ هينئر جڏهن اسان لاس اينجلس ۾ ايترا ڏهاڙا گذاري هوائيءَ لاءِ اڏام جي تيارين ۾ هئاسي ته هوءَ به ايئرپورٽ تي اچي ظاهر ٿي. جهاز ۾ راجا ۽ ڪورين ڇوڪريءَ کي ٿورو اڳيان واريون سيٽون مليو جڏهن ته مونکي وچ واري حصي ۾ هنن جي پرسان هڪ سيٽ خالي هئي پر مان ڄاڻي واڻي اوڏانهن ڪونه ويس، مان پاڻ پرپرو ٿي وينس، ته جيئن ويچارو ساٿس سفر ۾ ڪچهري ڪري سگهي. واپسيءَ جو سفر پنج ڪلاڪن ۽ پنجٽيهه منٽن تي مشتمل هيو. تقريباً ايترو سفر جيترو پاڪستان کان ٿائليند پهچندي ڪرڻو پوندو آهي. جهاز هلڻ شروع ڪيو، لاس اينجلس ايئرپورٽ تي مختلف هوائي ڪمپنين جا ڪيترائي جهاز نظر آيا. جن مان ڏهه ٻارنهن جهاز ته صرف ”Fed Ex“ جا نظر آيا. هيءَ ساڳي ڪمپني آهي جيڪا پاڪستان ۾ ڪوريئر سروس پڻ مهيا ڪندي آهي. جهاز جي اُڏام کان ڪجهه دير بعد ئي لاس اينجلس شهر ختم ٿي ويو ۽ شروع ٿي ويو هڪ وسيع، نه ڪٽندڙ سمنڊ ۽ پوءِ سمنڊ جي اهو سفر هُيو ۽ اسان هئاسي. ايتري تائين جو ”هوائي“ جيڪو اسان جو ماڳ هُيو اهو به هڪ ٻيٽ تي واقع آهي. لاس اينجلس جي هڪ پاسي پهاڙي سلسلو هُيو ته ٻئي طرف سمنڊ. پاڪستان کان دبئي پهچندي ٻَہ ڪلاڪ وقت لڳندو آهي، جڏهن تي هتي هڪ اسٽيٽ کان ٻئي اسٽيٽ پهچندي ٻه ساڍن پنجن ڪلاڪن جو سفر طئہ ڪرڻو پوي ٿو. جهاز ۾ سفر ڪندي هيڊ فون استعمال ڪرڻ جا الڳ پئسہ چارج ڪيا ويا، جڏهن ته انٽرنيشل فلائيٽس ۾ ائين ناهي هوندو. اسان پنج لڳي چاليهه منٽن تي لاس اينجلس مان روانا ٿياسي هوائي پهچڻ وقت اُتان جي وقت مطابق رات جا اٺ لڳي سترنهن منٽ ٿي رهيا هئا. هوائي وقت جي حساب کان لاس اينجلس کان ٽي ڪلاڪ پوئتي اهي. اسان جي فلائيٽ ”هوائي“ جي ”ڪونا بگ آئرليند“ جي انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي لٿي. ”هوائي“ جو ايئرپورٽ ڏسي مان حيران ٿي ويس. هيءَ ايئرپورٽ آمريڪا جي منهنجي هيل تائين ڏٺل سيني ايئرپورٽن کان مختلف هو، جيڪو سمورو جپاني آرڪيٽيڪچر تحت نهيل هو ۽ سمورو کليل، بس هنڌين هنڌين ڇپرا نهيل هئا ۽ باقي خالي خالي. ايئرپورٽ تي پهچي راجا،

پنهنجي ياءُ ذوالفقار علي کي فون ڪيو جنهن جو نِڪ نيم ”علي“ هُيو. علي، ساڳي هوٽل ۾ جنرل مئنيجر جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو جنهن ۾ راجا ڪم ڪندوآهي. اسان ايئرپورٽ کان ٻاهر آياسي، راجا جي دوست، ڪورين ڇوڪري بہ اسان جي پرسان ئي بينل هُئي، ٿوري دير کان پوءِ سندس ننڍي ڀيڻ ۽ ان جو ٻواءِ فرينڊ آيا ۽ ڪيس گاڏيءَ ۾ پِڪ ڪري ويا. ٿوري ئي دير کان پوءِ علي بہ اچي ويو. اسان گاڏيءَ ۾ سامان رکيو ۽ سڌو ”Denny’s“ نالي انهيءَ فاسٽ فوڊ ريسٽورينٽ پهتاسي جتي راجا ۽ سندس ننڍو ياءُ علي نوڪري ڪري رهيا هيا. عليءَ سان گپ شپ ٿي رات جي ماني گڏجي کاڌي سون. هوٽل ۾ گهرندي ئي ويٽر راجا کي ٻُڌايو تہ ”سڀُ ڪراڙا وينا آهن“ مان ويٽر جي انهيءَ جملي تي حيران ٿيس تہ الائي ڪهڙا ڪراڙا وينا آهن؟ اندر گهڙياسي تہ ڏهن جُهونڙن فنڪارن جو هڪ گروپ وينل نظر آيو. انهن ۾ ڪجھ جهونڙيون هُيون ۽ ڪجھ جُهونا. هي گٽار وڄائيندڙ ميوزڪ گروپ هيو. راجا ٻُڌايو تہ هُو هر آئي ڏينهن هتي اچي ڪچهريون بہ ڪندا آهن ۽ گٽار بہ وڄائيندا آهن. جڏهن تہ خميس جي ڏينهن تہ هُو ضرور هتي ايندا آهن. ڇاڪاڻ تہ خميس جي ڏينهن هتي سينئر سٽيزنس (جن جي عمر پنجونجاھ سالن کان مٿي هوندي آهي) جي لاءِ خاص رعايت هوندي آهي. راجا ٻُڌايو تہ جهونڙن جو هي ميوزڪ گروپ ڏاڍو مشهور ۽ سوشل گروپ آهي جيڪو ”ڪونا بگ آئرلينڊ“ ۾ تمام گهڻو سڄاتو وڃي ٿو ۽ هُو بنا ڪنهن پئسي جي لالچ جي هر جاءِ تي پرفارم ڪرڻ لاءِ تيار رهندا آهن. ڪونا بگ آئرلينڊ، هوائي اسٽيٽ جو هڪ شهر آهي. هوائي اسٽيٽ ٻيٽن تي مشتمل آهي جن مان ”ڪونا“ سڀ کان وڏو ٻيٽ آهي. هي آمريڪا جو آخري ٻيٽ آهي هن ٻيٽ کي ”The land of valcino“ بہ ڇيو ويندو آهي، يعني ”آتش فشان جي ڌرتي“. ڌرتيءَ جي هن حصي تي روز ازل کان آتش فشان پنهنجي ڪرت ۾ مصروف آهي ۽ ان جون حدون وقت سان گڏ وڌنديون ئي رهن ٿيون. ”هوائي“ جي ماڻهن جا مهاندا مون کي سنڌين سان ملندڙ جلندڙ لڳا. ايتري تائين جو سندن عادتون بہ مونکي سنڌين سان ميل ڪائيندڙ لڳيون جن جو ذڪر اڳتي ايندو. ”هوائي“ بنيادي طرح هڪ الڳ مُلڪ هيو جيڪو بعد ۾ آمريڪا ۾ شامل ٿيو. هي ٻيٽ دُنيا جو تمام خوبصورت ٻيٽ آهي. سندس قدرتي حُسن کي لفظن ۾ بيان نہ ٿو ڪري

سگهجي. منهنجي هِن سفر دوران هتان جون جيڪي جيڪي خوبصورتيون مان ڏسي پَسي سگهيس انهن جو ذڪر مرحليوار ضرور ايندو. اسان رات جو يارهين تائين ”Denny’s“ ۾ ڪچهري ڪندا رهياسي نندڍ بہ ڏاڍي اچي رهي هئي. اُن ڪري ڳالهين جي ڳنڍين کي بند ڪري اسان گهر آياسي، گهر پهچندي ئي مون کي پٽ تي هڪ رنگين ڪِرڙي نظر آئي پُڇا ڪرڻ تي خبر پئي تہ انهيءَ گهريلو رنگين ڪرڙيءَ کي ”geico lizard“ چيو وڃي ٿو. جيڪا هر گهر ۾ ملي ٿي. بلڪل بي ضرر ٿئي ٿي. انهيءَ جو رنگ سائو، پيلو ۽ نارنگي ٿئي ٿو. انهيءَ رنگبرنگي ڪرڙيءَ جي نالي سان هوائي ۾ ڪيتريون ئي ڪمپنيون ڪَم ڪري رهيون آهن جن مان گهڻيون انشورنس ڪمپنيون آهن. ٿورڙي ئي دير کان پوءِ اسان نندڍ جي وادين ڏانهن نڪري وياسي.

# ”هوائيءَ“ جي هوائن ۾.........

ٻئي ڏينهن صبح جو ستين بجي مون کي جاڳ ٿي وئي. راجا اجان تائين ننڊ ۾ آرامي هُيو. مان آهستگيءَ سان گهر کان ٻاهر نڪري آيس. گهر کي ڪائي بائونڊري وال نه هُئي ان ڪري ٻاهر نڪرندي ئي مان مئن روڊ تي اچي ويس سامهون سمنڊ جو خوبصورت نظارو هو. گهرَ سمنڊ جي سطح کان مٿي نهيل هُئا. سمنڊ ۾ هڪ وڏو هوٽل نما، ڇهه ست ماڙ بحري جهاز بيٺل نظر آيو. مون پنهنجي چوڌاري هڪ نظر ڦيرائي، چو طرف حد نظر تائين ساوڪ ئي ساوڪ نظر آئي. ٻهار جهڙي موسم، چوڌاري ڪاٺ جا نهيل خوبصورت گهر ڪنهن خوبصورت لئنڊ اسڪيپ جو منظر پيش ڪري رهيا هئا. هتان کان جاپان ويجهو هو. راجا جي گهر جي ٻاهران ئي هڪ فورڊ ويگن نما گاڏي بيٺل نظر آئي پَر اها جُهوني ڪٺارا گاڏي هئي اها گاڏي هڪ مڪمل ننڍڙي گهر وانگر هُئي. اِها گاڏي گهٽو ڪري سياحت لاءِ ئي استعمال ٿيندي هُئي. گاڏيءَ جي پليٽ تي مون نظر وڌي، لکيل هيو ”Aloha State“ مان حيران ٿيس ته هيءَ ”هوائي“ اسٽيٽ آهي.... اهو ”الوها“ وري ڇا آهي؟! خير! مان ٿوري واڪ ڪري واپس گهر آيس، ڏهين بجي ڌاران راجا ننڊ مان سجاڳ ٿيو. مون راجا کان پُڇيو ته ”الوها“ جو مطلب ڇا آهي؟! راجا وراڻيو ته ”الوها“ جو مطلب آهي ”وئيل ڪم“ يعني ”ڀلي ڪري آيا“ ۽ اهو لفظ هر گاڏيءَ جي نمبر سان گڏ لکيل هوندو آهي. اسان تيار ٿي ”Denny’s“ ڏانهن روانا ٿياسي. راجا، جيڪا گاڏي استعمال ڪري رهيو هو اها گاڏي ”Denny’s“ جي مالڪ جي هئي مون ريسٽورينٽ جي سامهون لڳل بورڊ تي نظر وڌي جتي لکيل هو ”Nothing good happenes after mid night except Denny’s“ ڏاڍو دلچسپ سلوگن هُيو هِن ريسٽورينٽ جي باري ۾ جيڪو جهڙوڪر منهنجي من جي تختيءَ تي اُڪري ويو. صُبح جي هِنَ سُهاني پهر ويلي ريسٽورينٽ تي تمام گهڻي رش نظر آئي. مون حيران ٿي راجا کان پُڇيو ته هي ماڻهو ناشتو پنهنجي گهرن ۾ ڇونه ٿا ڪن؟ راجا ٻُڌايو ته هتي ماڻهو گهر ۾ ڪوڪنگ ڪرڻ بجاءِ هوٽلنگ کي

ئي ترجيع ڏيندا آهن ۽ هن علائقي ۾ هي واحد ريسٽورينٽ آهي جيڪو چوويھ ئي ڪلاڪ کليل پئي رهيو. مان ماڻهن جي چهل پهل، ڳالهيون، سس پس، ٺهڪڙا ٻہ ٻڌندو رهيس ۽ کين ناشتو ڪندي ٻہ ڏسندو رهيس. منهنجي نظر اوچتو هڪ ويٽريس جي ڪَن ۾ پيل سفيد گُلَ تي پئي اُهو خوبصورت گل رابيل جي گُلَ کان ڪجهہ وڏو هو. مون راجا سان اُنَ گُلَ جو ذڪر ڪيو تہ راجا انهيءَ جو ڏاڍو دلچسپ پس منظر ٻُڌايو. راجا ٻُڌايو تہ اِهو هڪ خاص گل آهي جيڪو هڪ خاص مقصد لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي.جيڪڏهن اِهو گُل ناريءَ جي ساڄي ڪن ۾ لڳل هجي تہ اِن جو مطلب اِهو ٿيندو تہ اِها ناري اڪيلي آهي ۽ ڪيس پنهنجي لاءِ ڪنهن ساٿيءَ جي تلاش آهي ۽ جيڪڏهن گل ناريءَ جي کاٻي ڪن ۾ لڳل هجي تہ ائين سمجهو تہ اِها ناري والاريل آهي، ڪيس پنهنجو ساٿي آهي ۽ ڪوئي بہ ڪيس ماڻڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ جي تڪليف نہ ڪري. راجا جي وضاحت کان پوءِ مان آس پاس گهمندڙ نارين جي ڪنن ۾ هنيل گُلن جو جائزو وٺڻ ۾ مصروف ٿي ويس تہ اِهي گل سندن ساڄي ۾ لڳل آهن يا کاٻي ڪن ۾ ؟!

راجا جنهن ريسٽورينٽ تي نوڪري ڪري رهيو هو اِهو ريسٽورينٽ سندس مطابق هندستان جي هڪ هندو واپاريءَ جو هيو ۽ سندس ان جهڙا ڇهہ ٻيا بہ ريسٽورينٽ آمريڪا ۾ موجود هُيا. جن مان ٽي ”لاس اينجلس“ ۽ ٽي ”هوائي“ ۾ واقع هئا. انهن ريسٽورينٽن جو مالڪ يعني راجا جو ”سيٺ“ هتي ”AJ“ جي نالي سان مشهور هيو. راجا مون کي ڪرسيءَ تي ويهاري پاڻ مئنيجر جي ڪمري ۾ هليو ويو. انهيءَ دوران هڪ ويٽرس مون وٽ آئي۽ مون کان ڪائڻ پيئڻ لاءِ پڇيائين. مون ڪيس ”مهرباني“ چئي پر هُن وري بہ ”ڪولڊ ڊرنڪ“ جي آفر ڪئي مون ڪيس آڻڻ لاءِ چيو. هوٽل جي عملي لاءِ هتي ڪولڊ ڊرنڪ فري هُئي. هُو ڪنهن بہ وقت مفت ۾ ڪولڊ ڊرنڪ پي پئي سگهيا. راجا اندران ڪم ڪار اڪلائي مون سان گڏ ڪُرسي رکي اچي ويهي رهيو. راجا ٻُڌايو تہ سندس ريسٽورينٽ جو مالڪ ريئل اسٽيٽ (جائداد جي خريد ۽ فروخت) جو ڪاروبار بہ ڪندو آهي. جنهن بلڊنگ ۾ راجا رهيل هُيو اِها عمارت بہ سندس ريسٽورينٽ مالڪ جي ئي هُئي. اصل ۾ اهو هڪ وڏو بنگلو هيو جنهن کي مختلف حصن ۾ ورهايو ويو هو. مٿين فلور تي جاءِ جا ٻہَ حصا

هُئا. هڪ حصو مالڪ جي ذاتي استعمال ۾ هُيو جتي هو ڪڏهن ڪڏهن ايندو هو ۽ رهائش اختيار ڪندو هو جڏهن ته هڪ پراپرٽي ڊيلر سان سندس اِهو به طئه ٿيل هو ته سندس غير موجودگي ۾ جيڪڏهن ڪوئي سياح اچي ته جاءِ جو اهو حصو ڏيڍ سو ڊالر في ڏينهن جي حساب سان يلي ياڙي تي ڏنو وڃي. مٿين فلور تي واقع جاءِ جو ٻيو حصو راجا جي نندي ياءُ عليءَ کي ٻارنهن سؤ ڊالر ماهوار ڪرائي تي ڏنل هيو. جڏهن ته هيٺ گرائونڊ فلور تي هڪ حصي ۾ راجا رهي رهيو هو ۽ جنهن جو مالڪُ ڪائنس ڪوئي به ياڙو ڪرائو نه وٺندو هو. ڇاڪاڻ ته راجا هميشه پراپرٽي ڊيلنگ جي ڪمن ۽ معاملن ۾ سندس ٻانهن ٻيلي رهندو هو. گرائونڊ فلور جي باقي بچيل حصي ۾ پنج سنگل ڪمرا موجود هُئا. جن جا باٿ روم ۽ ڪچن گڏيل (Comman) هئا. انهن مان هر هڪ ڪمرو ساڍا ڇهه سو ڊالر ماهوار ڪرائي تي مختلف ماڻهن کي ڏنل هيو.

شامَ جو پنجين بجي کان رات جو ٽين وڳي تائين راجا جي هوٽل تي ڊيوٽي هئي. شامَ لڙندي ئي مان راجا کي پنهنجي ڊيوٽيءَ تي ڇڏي اڪيلو ئي اڪيلو سمنڊ جو سير ڪرڻ نڪري ويس. صاف شفاف سمنڊ، اُن جو خوبصورت ڪنارو، خوبصورت ڇهرا، شامَ جا لڙندڙ ياڇا، مان اٽڪل ٻَہ ڪلاڪ سمنڊ جو نظارو ڪري واپس هوٽل تي هليو آيس. مان هوائي ۾ جتي جتي به ويس مون کي هتان جي اصل مقامي ماڻهن جا مهاندا سنڌي ماڻهن سان ملندڙ جلندڙ نظر آيا. مون جڏهن اها ڳالهه راجا سان شيئر ڪئي ته هُن ٻُڌايو ته هتان جي اصل باشندن جا نه صرف منهن مهاندا بلڪ انهن جا ڪَمَ ۽ ڪرتوت به اسان اڪثر سنڌين جهڙا آهن. منهنجي پڇڻ تي هُن ٻُڌايو ته هتان جا اصل هوائي، ڪم ڪوس، حد در جي جا هڏ حرام، موالي آهن ڪين پنهنجي اسٽيٽ ڇڏي ڪنهن ٻئي اسٽيٽ ۾ وڃي روزگار حاصل ڪرڻ کان به ٻَرو ڇڙهيو وڃي. مون راجا کان پڇيو ته ڪٿي ائين ته ناهي ته اِهي اصل ۾ سِنڌُ جا ئي هجن جيڪي بحري سفر ڪري هتي هِن ٻيٽ ۾ پهتا هُجن. راجا چيو ته ممڪن اهي ائين هجي. سندن ٻولي به سنڌيءَ سان ميل ڪائيندڙ هئي. جيئن "مهربانيءَ" کي "مهالو" چئي رهيا هئا. راجا جي چوڻ مطابق "هوائي" جي اصل باشندن پنهنجي ڪاهليءَ سبب هِنَ ٻيٽ کي ترقي نه وٺرائي، خوبصورت نه بنايو، نتيجي ۾ آمريڪا ان کي پنهنجي قبضي ۾ وٺي

ترقياتي ڪم ڪرايا ۽ پوءِ آمريڪين اچي هتي پنهنجو ديرو ڄمايو ۽ ائين هتان جا اصل باشنده هِتي پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي اقليت ۾ تبديل ٿي ويا آهن. ”هوائي“ جا اصل باشنده، آمريڪين توڙي ٻين ڌارين آبادڪارن کان شديد نفرت ڪندا اهن. منهنجي اڳيان پنهنجي سنڌ جي صورتحال تري آئي جتي پڻ ڌارين جي آباد ڪاري نہ محسوس ٿيندڙ طريقي سان هوريان هوريان وڌي رهي آهي.

راجا ٻُڌايو تہ هتي ”ڪُونا بگ آئيلينڊ“ ۾ سنڌس ۽ سندس ياءُ ”علي“ کان سواءِ ڪوئي بہ پاڪستاني ڪونہ ٿو رهي. هِتي اڪثر جاپاني بہ گهمڻ ڦرڻ ايندا آهن. جاپانين ڪي وري هوٽل ۾ ٽپ ڏيڻ جي عادت ناهي جنهن ڪري هتان جا ويٽر ڪين پنهنجي ٻوليءَ ۾ گاريون ڏيندا آهن. مون کي ياد آيو تہ منهنجي جاپان جي سفر دوران مون بہ جاپان ۾ اِها ڳالهہ نوٽ ڪئي هئي تہ ويٽر کي ٽپ ڏيڻ جو رواج نہ هو بلڪ ”ٽپ“ ڏيڻ ويٽر جي بي عزتيءَ ۾ شمار ڪيو پئي ويو. راجا ٻُڌايو تہ هن هوٽل ۾ ويٽر هفتي جا پنج ڏينهن ڪم ڪندا آهن ۽ ٻَہ ڏينهن آرام ڪندا آهن. انهن پنجن ڏينهن ۾ وري هُو روزانو پنج ڪلاڪ ڪم ڪندا آهن. ڪين هِڪَ ڪلاڪ جو معاوضو ست ڊالر ملندو آهي، جڏهن تہ روزانو هڪ سو کان بہ سو ڊالر ٽپ بہ ڪمائي وٺندا آهن. هن وڌيڪ ٻُڌايو تہ ويٽرن جي ڊيوٽيءَ جو هفتيوار شيڊيول نهندو آهي جنهن ۾ محنتي ويٽرن کي پنج ئي ڏينهن ڊيوٽي ملندي آهي ۽ ڪم چورن کي گهٽ ڏينهن، جڏهن تہ گراهڪن يا انتظاميہ سان بدتميزي ڪرڻ تي ويٽرن کي هميشہ لاءِ فارغ بہ ڪيو ويندو آهي. اهڙي ئي هڪ ويٽريس ”اتينا“ کي راجا جي ياءُ ان وقت نوڪري مان فارغ ڪري ڇڏيو هو، جڏهن راجا مون سان گڏ لاس اينجلس ۾هُيو ۽ پوءِ اها ويٽرس روزانو هڪ بينر کڻي اچي هوٽل جي سامهون احتجاج ڪندي هُئي. اتفاق سان اها ويٽرس، هوٽل مالڪ جي بنگلي جي سنگل ڪمرن مان هڪ ۾ رهندڙ بہ هُئي.

راجا ٻُڌايو تہ ”ڪُونا“ ۾ ڪوئي بہ نائيٽ ڪلب ڪونهي ها باقي ”پب“ ۽ ”بار“ موجود آهن. انهيءَ ڳالهہ تي مون کي حيرت زده ڏسي هُن چيو تہ هتي جيڪو بہ گهمڻ ڦرڻ ايندو آ اُهو جوڙيءَ ۾ ئي ايندو آ. ان ڪري ڪنهن ڪلب جي ضرورت محسوس ڪونہ ٿئي. اڪثر جوڙا ”پب“ ۽ ”بار“ ۾ ملاقاتون ڪندي نظر ايندا آهن . راجا جي ڪم ۽ مون ساڻ

سندس ڪچهريءَ وقت جو احساس ئي ٿيڻ نہ ڏنو خبر پئي تہ رات جا ٽي ٿي رهيا آهن. سو راجا پنهنجي ڪَم ڪي سميٽيو ۽ اسان گڏجي پنهنجي گهر هليا آياسي ننڊ جي هڪ نئين سفر ڏانهن روانو ٿيڻ لاءِ.

نئين ڏينهن تي جنهن وقت اسان ڪي جاڳ ٿي ان وقت صبح جا ڏهہ ٿي رهيا هئا. اَڄُ راجا ڪي پنهنجي ڊيوٽيءَ تي ٽي ڪلاڪ اڳ ۾ پهچڻو هيو. چاڪاڻ تہ اڄ سندس ريسٽورينٽ تي رش جو ڏهاڙو هيو. پوڻين ٻي بجي ڌاران، اسان ٻئي تيار ٿي نڪتاسي. ٻاهر نڪرڻ سان سامهون ئي شفاف سمنڊ ۾ هڪ ٻيو بحري جهاز بيٺل نظر آيو. جهاز تي نهار وجهندا اسان ريسٽورينٽ پهچي وياسي. ريسٽورينٽ جي ٻاهران وسيع پارڪنگ ايريا ۾ بيٺل وڻن جي ڇانگ جو ڪم جاري هُيو. راجا ٻُڌايو تہ هي هتان جو ٻيلي کاتي جو عملو آهي. هتي پنهنجي مرضيءَ سان وڻ پوکڻ ۽ انهن ڪي ڪٽڻ تي پابندي آهي. ادارو پاڻ ئي پنهنجي پلاننگ سان وڻ پوکيندو آهي ۽ ضرورت آهر انهن جي ڇانگ ۽ ڪٽائي ڪندو آهي. مون ڪي پنهنجو شهر ياد اچي ويو جتي آبپاشي کاتي جي ملي ڀڳت سان واهن جي ٻنهي ڪنارن سان بيٺل ٽالهين جا وَڻ چوري ڪاٽيا ويندا آهن. ڪاٺ جا واپاري قيمتي وڻ ائين رشوت عيوض ڪاٽي نہ صرف چوريءَ جا مرتڪب ٿيندا آهن پَر انهن ڪاٺ چورن ۽ عملي جي بي ايمانيءَ سبب ماحول تي بہ خراب اثر پوندا آهن. اهوئي حال اسان وٽ ٻيلي کاتي وارن جو بہ آهي جيڪي نہ صرف وڻن جي ڪٽائي بلڪ ناياب جانورن ۽ پکين جي نسل ڪشيءَ ۾ بہ ڀاڱي ڀائيوار هوندا آهن. مون ڪي مير صوبدار سعيد ياد اچي ويو جنهن جي هڪ مزاحيہ غزل جو شعر آهي تہ:

لِڪَ ڇُپ ۾ مون ڪي داروغا وڍرائن،
مان ميرواهہ تي بيٺل ڪا ٽاري تہ ناهيان.

ڪو زمانو هوندو هو جو خيرپور ۾ پرڳڙي ريگيوليٽر کان يونيورسٽيءَ طرف روڊ جي ٻنهي طرفن کان سرنگهہ وانگر گهاٽا سائي دار ٽالهي جا وڻ هوندا هُئا ۽ هاڻ اُهي ڳولهيا ڪونہ ٿا لڀن. خيرپور جي وچ مان وهندڙ ميرواهہ ڪئنال جي ٻنهي طرفن بيٺل ٽالهين جو ذڪر تہ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ پنهنجي شعرن ۾ بہ ڪيو آهي. بهرحال مون ڏنو تہ

ريسٽورينٽ جي ٻاهران اداري جون جديد اوزارن سان ليس گاڏيون وٺن جي چانگ ۾ مصروف هيون. گاڏين ۾ ئي فٽ ٿيل اوچين ڏاڪڻين ذريعي اهو ڪم آسانيءَ سان ٿي رهيو هو. جڏهن ته ڪٽيل ڏار هڪ ٻي ٽرڪ نُما گاڏيءَ گڏ پئي ويا. مان جيئن ئي اندر داخل ٿيس ته هڪ ويٽرس ناز ۽ انداز سان لُڏندي لمندي آئي ۽ اچي مون کان پڇيائين ته ڇا ڪائيندين؟ مون ڪيس فرينچ فرائيز ۽ ڪولڊ ڊرنڪ آڻڻ لاءِ چيو. راجا ٻُڌايو ته "Denny's" ۾ هر پنجن سالن کان پوءِ فرنيچر ۽ ٻيو اندروني ڊيڪوريشن جو سامان تبديل ٿيندو آهي ۽ اهو "Denny's" فرينچائيز حاصل ڪندڙ ڪمپنيءَ سان معاهدو ٿيل هوندو آهي. جيڪڏهن ڪوئي پنجن سالن کان اڳ اِهو سامان تبديل ڪرڻ چاهي ته ڪمپنيءَ کي انهيءَ تي ڪوئي ٻہ اعتراض ناهي هوندو باقي پنجن سالن کان پوءِ ڪين هر صورت ۾ تبديل ڪرڻو هوندوآهي، اڄ مون ريسٽورينٽ ۾ تفصيل سان معائنو ڪيو. ڪاڏي پيتي جي سامان کي گڏ ڪرڻ لاءِ هتي ٽي مختلف حصا هئا جن ۾ ڊراءِ اسٽوريج، واڪ ان ڪولر ۽ فريزر شامل هُئا هوٽل ۾ استعمال ٿيندڙ اسي سيڪڙو ڪاڌي پيتي جون شيون ٻاهران مختلف ڪمپنين کان پيڪنگ جي صورت ۾ پئي آيون. جن کي پوءِ ضرورت جي مطابق رَڌو، پچايو، اُٻاريو يا تريو پئي ويو. اهڙين پيڪنگس ۾ ساين ڀاڄين کان وٺي گوشت ۽ مڇي تائين جهڙيون شيون شامل هُيون. مئنيجر وٽ موجود ڪمپيوٽر ۾ هوٽل ۾ استعمال ٿيندڙ هر ننڍي وڏي شيءِ جي لسٽ موجود هُئي. مئنيجر جو اِهو ٻہ ڪم هُيو ته هُر هر هفتي انهيءَ لسٽ کي ڏِسي، وڌيڪ گهربل شين ۽ انهن جي مقدارکي لسٽ ۾ چاڙهي ۽ پوءِ اتان ئي ضرورت وارين شين جي لسٽ متعلقہ ڪمپنين ڏانهن اي ميل ڪري ڇڏي. ڪمپنيءَ وارا پاڻ اُهو ميل آرڊر وصول ڪري گهربل شيون پهچائي پئي ويا. هر هفتي پهچندڙ ڪاڌي پيتي جي انهيءَ سامان مان خشڪ شين کي "ڊراءِ اسٽوريج" ۾ رکيو پئي وَيو جڏهن ته باقي شين کي واڪ ان ڪولر ۾ رکيو پئي ويو جتان پوءِ سمورو هفتو هوريان هوريان روزاني ضرورت آهر شين کي ڪڍي فريزر ۾ رکيو پئي ويو جتان وري ڪڍي پچائي گرهاڪن کي پيش ڪيو پئي ويو. ڪونا ۾ مڇيءَ کي "ماهي ماهي" سڏيوپئي ويو. پاڻ وٽ وري مهاڻن کي "ماهي گير" سڏيو ويندو آهي. "ماهي" جيڪو فارسيءَ

جو لفظ آهي ۽ جنهن جي معنيٰ آهي ”مڇي“. منهنجو اهو خيال وڏيڪ پختو ٿي ويو ته هِتان جي باشندن جون جڙون ضرور سنڌ يا ڏکڻ ايشيا ۾ هونديون. وڌيڪ ڪو محقق انهيءَ حوالي سان تحقيق ڪري سگهي ٿو.

راجا ٻُڌايو ته سندس ريسٽورينٽ ۾ ويٽر ايڏو ڪمائن ٿا جو دل چوي ٿي ته ويٽر ٿي وڃجي. هتي ڪم ڪندڙ ڪورين هوسٽ ڪالهه فون ڪري راجا کي ٻُڌايو ته هوءَ ڊيوٽيءَ تي نه ٿي اچي سگهي ۽ بعد ۾ هن وري فون ڪري هيءَ نوڪري ئي ڇڏڻ جو ٻُڌايو. هُن ٻُڌايو ته سندس ماءُ لاس ويگاس وئي آهي ۽ هاڻ هوءَ هتي پنهنجي ماءُ جو جنرل اسٽور هلائيندي. راجا انهيءَ ڪورين هوسٽ تي ساڍا ڇهه سو ڊالر سيڙايا هئا، انهيءَ آسري تي ته ساڱس دوستي رکندي پر سندس اِهو سرمايو کُوهه جي تري ۾ وڃي پيو. مون ڏٺو ته ريسٽورينٽ ۾ ڪم ڪندي ڪوئي به شخص ڪنهن قسم جي شرمندگي محسوس نه پئي ڪئي. ايتري تائين جو ويٽر به پنهنجين شاندار گاڏين ۾ اچي رهيا هئا. اِهي سوٽيڊ بوٽيڊ ويٽر ڪپڙا تبديل ڪري ريسٽورينٽ جو يونيفارم پائي، ڊيوٽي ڪري وري ڪپڙا بدلائي پنهنجين گاڏين ۾ ”جوڳي نه ڪنهن جا مٽ“ ٿي پئي ويا. هتي ڪم ڪندڙ هڪ خوبصورت ويٽرس جو نالو ”ايشلي“ هُيو سندس بواءِ فرينڊ جيڪو ٿورڙو منڊڪائي هلندڙ هو اهو وري هتي ئي ڊش واشنگ ۽ ٽيبلون صاف ڪرڻ جو ڪم ڪندو هُيو. ايشلي اڪثر مون کي ڪائونٽر وٽ مُرڪندي نظر ايندي هئي ۽ جڏهن ڪم جو دٻاءُ وڌي ويندو هيو ته هوءَ پنهنجي بواءِ فرينڊ جي ڪم ۾ هٿ ونڊائي ونندي هئي. رات جو ٻي بجي کان پوءِ ريسٽورينٽ ۾ رش جهڪي ٿي ويندي هئي. راجا ٻُڌايو ته هتي ”ڪونا“ ۾ پپيتو ۽ پائن ايپل جام ٿئي ٿو. راجا اهو به ٻُڌايو ته پاڻ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ”ويلڪينوز“ هلنداسي جتي وچ سمنڊ ۾ ٻرندڙ جبل لاوو اوڳاڇي رهيا آهن. روزانو ڪيترائي سياح هيليڪاپٽرس ۽ جهازن وسيلي اهو منظر ڏسڻ لاءِ ويندا آهن. هيليڪاپٽر جو ڪرائو في ماڻهو ڪونا کان 366 ڊالر ۽ هيلو کان 185 ڊالر هيو جيڪو ڪونا کان 250 ميل پري ۽ آتش فشان جبلن جي ويجهو هُيو. سياح جبل ڏانهن وڃڻ کان اڳ اتان معلومات وٺندا اهن ۽ جنهن ڏينهن اِها سُڌ پوندي آهي ته اَڄُ لاوو نڪري رهيو آهي ته سياحن جا ڪٽڪ اچي ڪڙڪندا آهن.

اَڄُ شامَ جو "Denny's" ۾ رش تمام گهٽي وڏي وئي ايتري تائين جو راجا کي ويٽر ۽ سندس ياءُ کي بورچيءَ جو ڪم ڪرڻو پئجي ويو. مان حيران ٿي ويس تہ هوٽل جو جنرل مئنيجر بورچي ۽ مئنيجر ويٽر جو ڪم ڪري رهيا آهن. پَر هتي تہ اهڙي قسم جو ڪوئي ڪامپليڪس هُيوئي ڪونہ. اصل ۾ هر اڱاري جي شامَ جو ڇئين بجي کان رات جو ڏهين بجي تائين هن ريسٽورينٽ ۾ گراهڪن سان گڏ ايندڙ ٻارڙن جو کاڌو پيتو مفت هيو. اَڄُ جيئن تہ اڱارو هُيو ان ڪري هر فئمليءَ سان ٻارڙا گڏ هيا جنهن سبب ئي رش هيڪاندي وڌي وئي هئي. راجا کي پنهنجي ڪم ۾ گهڻو مصروف ڏسي مان رات جو اٺين بجي واڪ ڪندو گهر موٽي آيس، گهر ريسٽورينٽ کان تقريباً ٻن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي هيو. دير سان رات جي ٽين بجي راجا بہ موٽي آيو. آمريڪا ۾ رات جو نائين کان پوءِ اڪثر فون تي انڪمنگ ڪال فري هوندي آهي ۽ مون ان وقت پنهنجي گهر وارن ۽ دوستن کي "مس ڪالون" ڏئي، ساڻن ڪچهري ڪئي ۽ ڪين سفر جا احوال ڏنا ۽ پوءِ مان آرام ڪرڻ لاءِ سمهي پيس.

ٻئي ڏينهن صبح جو ننڊ مان اُٿي اسان ٻنهي چانهہ ۽ بسڪيٽن سان ناشتو ڪيو. ٻاهر گهٽيءَ ۾هڪ گاڏي آئي جنهن کي هڪ عورت هلائي رهي هئي اها پوسٽ آفيس جي گاڏي هُئي. عورت گاڏيءَ ۾ ويٺي ويٺي دريءَ مان ئي گهرن جي ٻاهران پوسٽ جي دٻن ۾ اُتان جي ٽپال وجهي رهي هئيءِ ائين ڪيس ڪائي دير ئي نہ پئي لڳي. اڄ منجهند جو ٻي بجي اسان ريسٽورينٽ پهچي وياسي. سمورو ريسٽورينٽ خالي خالي نظر اچي رهيو هو صرف هڪ ٽيبل تي هڪ ماڻهو ويٺل هُيو. راجا ٻُڌايو تہ مڇي مارڻ هتان جي ماڻهن جو شوق رهيو آهي چڱا ڀلا ماڻهو شوقيہ مڇي ماري انهن جا پيڪٽ ناهي في پيڪٽ ويهہ ڊالر ۾ وڪڻندا آهن. اوهان کي خبر هوندي تہ پاڪستان جا ماڻهو آمريڪا جي ويزا حاصل ڪرڻ ۽ اتي وڃي پئسا ڪمائڻ لاءِ آتا هوندا آهن ۽ حيلا بهانا هلائيندا پر هتي مون کي "هوائي" جي ماڻهن ۾ اها ڳالهہ نظر نہ آئي تہ آمريڪا ۾ رهندي ئي مختلف شهرن ۽ اسٽيٽس ۾ وڃي پئسو ڪمائين.

مون ڏٺو تہ "Denny's" جي ڪائونٽر تي هڪ شيشي جي برني رکيل هئي جنهن ۾ ايندر ويندڙ پنهنجو وزيٽنگ ڪارڊ وجهي رهيا هئا.

راجا ٻُڌايو تہ هر هفتي انهن ڪارڊن جي قرعہ اندازي ٿيندي آهي ۽ ڪجھ ماڻهن کي ڪُٽي ذريعي مفت ۾ ڊنر ڪرڻ جي دعوت ڏني ويندي آهي. مون راجا کي مذاق ۾ چيو تہ مان پنهنجو ڪارڊ انهيءَ برنيءَ ۾ وجهان؟ جنهن تي راجا کان ٺهڪ نڪري ويو ۽ چيائين تہ تون اڳي ئي هوٽل ۾ مفت ۾ ڪائي پي رهيوآهين، توکي ڪارڊ وجهڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

اڄ شامَ جو مان ۽ راجا گڏجي ايئرپورٽ وياسي جتي راجا کي ٻئي بيٽ کان ايندڙ ”هئنڊي مئن“ کي ڪٽڻو هيو. راجا ٻُڌايو تہ ”هئنڊي مئن“ هٿ جو ڪم ڪندڙ کي چيو ويندو آهي، جيڪو هڪ ئي وقت ڊکڻ بہ هوندو آهي تہ اليڪٽريشن بہ، پلمبر بہ هوندو آهي تہ پينٽر بہ ۽ هي جيڪو ”هئنڊي مئن“ اچي رهيو هو ان جو نالو هيو ”چارلس“ جيڪو ”Denny’s“ جي ٽِن ريسٽورينٽن جو آفيشل”هئنڊي مين“ هُيو ۽ وقت بہ وقت ٽنهي ريسٽورينٽن ڏانهن سنهي ٿُلهي مرمت جي ڪم لاءِ ويندو رهندو هُيو. راجا اِهو بہ ٻُڌايو تہ ”چارلس“ سندس ياءُ ”علي“ جو آخري سهرو بہ ٿئي. عليءَ جي جنهن زال کان تازو عليحدگي ٿي هئي اُها ”چارلس“ جي ڌيءُ هُئي ۽ عجيب ڳالهہ تہ انهيءَ عليحدگي جا چارلس ۽ عليءَ جي تعلقات تي ڪي بہ اثر نہ پيا هئا. سندن تعلقات معمول مطابق هلي رهيا هُئا. اصل ۾ علي هڪ جذباتي نوجوان هُيو ۽ ”جهان پيي گئي داستان چوڙ آئي“ سندس مزاج جو حصو هُيو. اهو ئي سبب آهي جو هُن هڪ کان وڌيڪ شاديون ڪيون ۽ انهن زالن کان عليحدگي اختيار ڪئي. ايئرپورٽ تي مون کي ڪيترائي ننڍا ننڍا جهاز نظر آيا. جيڪي هڪ بيٽ کان ٻئي بيٽ تائين اڏامون ڪندا هُئا. ايئرپورٽ کان واپسيءَ تي مون کي ”ڪونا“ جي اڪثر زمين خالي نظر آئي. چارلس کي گهر ڇڏي اسان ريسٽورينٽ موٽي آياسي. چارلس انهن پنجن سنگل ڪمرن مان هڪ ڪمري ۾ رهندو هيو اڄ وري ريسٽورينٽ ۾ جهونڙن جو خاص ڏهاڙو هيو. اڄوڪي ڏينهن تي بزرگن کي ويھ سيڪڙو رعايت ڏني پئي وئي ۽ ماڻهو اڄوڪي ڏينهن جو فائدو وٺندي پنهنجي بزرگن کي تفريح ۽ کاڌي پيتي لاءِ هتي وٺي پئي آيا. اڄ راجا مونکي هڪ فلپائيني عورت سان متعارف ڪرايو سندس نالو ”Epifania Sadumiano“ هُيو. ٻاونجاهہ سالن جي هن پروقار خاتون سان

راجا منهنجو تعارف هڪ دوست ۽ ليکڪ جي حيثيت سان ڪرايو. هوءَ پنجونجاهه سالن کان مٿي عمر جي نہ هئي پر راجا ڪيس دوستيءَ سبب اڄوڪي ڏينهن تي ويهہ سيڪڙو رعايت ڏيندو هو. اصل ۾ اها عورت راجا تي عاشق هوندي هُئي پر راجا وري ڪائنس لهرائيندو هيو. مون ساڻس ڪچهري ڪئي. وقت آهستگيءَ سان کسڪي رهيو هو، وقت جيڪو هتي پاڪستان کان پندرنهن ڪلاڪ پوئتي هُيو جڏهن تہ شڪاگو ۾ هوائي جي وقت ۾ پڻ چئن ڪلاڪن جو فرق هُيو. هِتان کان شڪاگو تائين ڏهن ڪلاڪن جو هوائي سفر هُيو- رات جو جهونن جو ميوزيڪل گروپ بہ اچي ويو. ساڻن خوب ڪچهري ٿي، ڪائنن مختلف گيت ٻُڌاسي ۽ مون پنهنجي موبائيل فون وسيلي انهن گيتن کي رڪارڊ بہ ڪيو. سندن گٽارن جي گونجار ماحول کي دلچسپ ٻڻائي ڇڏيو. رات جو ڏيڍ ٿي رهيو هو ۽ مون کي ننڊ اچي رهي هُئي. مون ميوزيڪل گروپ جي هڪ جهونيءَ کي گهر ڇڏي اچڻ لاءِ چيو جنهن کي هن خوشيءَ سان قبوليو ۽ مون کي گهر ڊراپ ڪري آئي گهر جي ٻاهران پهچندي ئي مونکي هڪ ڪُتي اچي ورايو. ڪتي جي ڊُڪائڻ تي مان پَري فٽ پاٿ تي چُپ ڪري وڃي ويهي رهيس. مان ڪُتي جي وڃڻ جو انتظار ڪري رهيو هئس ۽ ڪتو وري منهنجي اچڻ جو، نيٺ ويهن منٽن کان پوءِ ڪُتو پاڻ ئي پوئتي هليو ويو. مان چپ چاپ تالو کولي گهر ۾ سمهي پيس. رات دير سان راجا آيو تہ مون ساڻس ڪُتي جي ڪارگذاريءَ جو ذڪر ڪيو. راجا چيو تہ اِهو ڪُتو سندس پاڙيسرياڻي ستر سالن جي عورت ”اينجليءَ“ جو آهي جيڪو ڇَڪُ ناهي پائيندو. بهرحال مان تہ پنهنجي حساب سان ڏاڍو پريشان ضرور ٿيس. راجا سان مختصر ڪچهري ٿي ۽ ان کان پوءِ اسان ٻئي آرام ڪرڻ لاءِ سمهي پياسي.

مان صبح جو ڏهين بجي ننڊ مان اُٿي، چانهہ جو ڪوپ ٺاهي، گهر جي ٻاهران ڪُرسي رکي ويهي رهيس راجا اڃان تائين آرامي هُيو. اوچتو منهنجي نظر سامهون پئي مون ڏٺو تہ راجا جي پاڙيسرياڻي ۽ ڪرائيدار ستر سالہ اينجلي پنهنجي ڪُتي سميت اچي رهي هئي. هو اهو ساڳيو ئي ڪتو هو جنهن رات مون کي پريشان ڪيو هو. اينجلي جيئن ئي ويجهو آئي مون کيس ڪيڪاري راتوڪي کهاڻي ٻُڌائي. اينجلي پنهنجي ڪُتي تي ڪاوڙجي پئي ۽ چيائينس تہ مهمان کان معافي وَٺُ.

ڪُتو منهنجي پيرن ۾ ڪري پيو وري ڪيس چيائين تہ مهمان سان دوستي ڪر. ڪُتي مون ڏانهن پنهنجو اڳيو پير هيندبَ شيڪ ڪرڻ لاءِ وڌايو، مون ساڻس هٿ ملايو. اينجلي جي مک تي مرڪ ڇانئجي وئي، هوءَ ٿوري دير مون سان بيٺي رهي ۽ پوءِ هلي وئي. اينجليءَ جا ”ڪونا“ ۾ پنهنجا ٻہ وڏا گهر آهن پَر اُهي ٻئي ڪرائي تي ڏئي پاڻ راجا جي هوٽل مالڪ جي گهر جي سنگل ڪمرن مان هڪ ڪمري ۾ ڪرائي تي رهي رهي هُئي ۽ جڏهن تہ ٻنهي گهرن جي ڪرائي مان سندس زندگيءَ جا ٻيا خرچ پُورا پياتيندا هُئا.

راجا جي گهر واري عمارت جي پرسان ئي خالي پيل پلاٽ تي هڪ جهوپڙي نما عارضي گهر نهيل هو. جنهن ۾ هڪ اناويهہ سالہ ڇوڪري پنهنجي بواءِ فريندبَ سان گڏ رهي رهي هُئي. ٿوري دير ۾ راجا بہ نندبَ مان اُٿي آيو ۽ اچي منهنجي پرسان وينو. راجا ٻُڌايو تہ انهيءَ ڇوڪريءَ جو نالو ”لورين“ آهي پر هُو ڪيس ”لوري“ سڏيندو آهي. راجا ٻُڌايو تہ اِها ڇوڪري اڪثر هتي رهندڙ ڇڙن ڇاندبن ڪي ”ڏکئي وقت“ ۾ ڪم ايندي رهندي آهي ۽ هُو بہ وقت بہ وقت، اڙيءَ اوڏيءَ ۾ ڪيس ڏهہ، پندرنهن ڊالرن جي مدد ڏيندا رهندا آهن. راجا ٻُڌايو تہ لوريءَ ڪي سندس جهوپڙي نما گهر ۾ باٿ روم جي سهولت ڪونہ آهي جنهن ڪري هُو ۽ سندس بواءِ فريندبَ لڪي ڇُپي اسان واري عمارت جي سنگل ڪمرن سان لاڳاپيل باٿ روم استعمال ڪري ونندا آهن. جنهن تي وري انهن ڪمرن ۾ رهندڙن اعتراض واريو ۽ لوريءَ جي پاسي کان کُليل پلاٽ وٽ ڄاريءَ مان نهيل بائونڊري هٽائي ڇڏيائون. راجا ٻُڌايو تہ هن لوريءَ ڪي چئي ڇڏيو آهي تہ ڪيس جڏهن بہ شاور ونڻو هجي تہ هُوءَ سندس گهر ۾ اچي شاور ڪري وجي ۽ ائين هاڻي ويچاري لوري ڄاري لڳڻ سبب هڪ ڏکهو وکڙ ڪري پوءِ اچي راجا جي گهر ۾ پنهنجو ڪم ڪار ڪري ويندي آهي. راجا ٻُڌايو تہ لوري، ٿهڪندي ۽ ٽپ ڏيندي ايندي آهي ان ڪري هو ڪيس ”جنگل ڪوئين“ ۽ ”هرڻي“ سڏيندو آهي. هينئر بہ راجا ٻُڌايو تہ لوريءَ فون ڪيو آهي تہ هوءَ ٿوري دير ۾ وهنجڻ لاءِ اچي رهي آهي. پَر جيئن تہ راجا کي ڪنهن ضروري ڪم سان وڃڻو هو اُن ڪري چيائين تہ مان وڃان ٿو، لوري اچي تہ اُن کي وهنجڻ ڏجانءِ ۽ ساڻس ڪچهري بہ ڪجانءِ. راجا گاڏي ڪڍي هليو ويو ۽ ٿوري ئي دير ۾

لوريءَ اڇي ڪڙڪو ڪيو. مختصر لباس، گلابي رنگ، سنهري وارن ۽ پريل بدن واري لوري واقعي بہ ”هرڻي“ لڳي رهي هئي. هُڻ اچڻ سان پڇيو تہ عبدل (راجا) ڪٿي آهي؟ مون ڪيس ٻُڌايو تہ هو ڪم سانگي ويل آهي تون پلي پنهنجو ڪم ڪار ڪري وٺ.

لوري ڏاڍي زنده دل ڇوڪري هُئي ساڻس گذاريل انهيءَ مختصر وقت ۾ ڏاڍو مزو آيو مون پنهنجي موبائيل فون ذريعي سندس وڊيو ڪلپس ورتا ۽ پوءِ هوءَ پنهنجي گهر ڏانهن هلي وئي.

ڪجهہ ئي دير ڪان پوءِ راجا بہ اچي وَيو ۽ مون کان لوريءَ جا حال احوال پڇڻ لڳو. ٿوري وقت ڪان پوءِ اسان ٻئي تيار ٿي گهمڻ ڦرڻ لاءِ ٻاهر نڪتاسون.

# هر طرف ”علي علي“ ۽ ”هالووين ڊي“ جا رنگ

اسان سمنڊ جي پرسان واقع مئن روڊ تي ڊرائيو ڪري رهيا هئا سون، هڪ طرف وسيع سمنڊ ۽ هيڏانهن هي ويڪرو روڊ، هن روڊ جو نالو ”Alii drive“ هيو. راجا ٻڌايو تہ پراڻي دور ۾ ”هوائي“ جا رهواسي پنهنجي بادشاهہ کي ”Alii“ سڏيندا هُئا. مون راجا کي چيو تہ اسان ”مولائين“ جو ”بادشاهہ“ بہ تہ ”علي“ آهي. راجا چيو بلڪل صحيح ”علي“ تہ واقعي اسان جو ”بادشاهہ“ آهي بلڪ هو تہ ”بادشاهن“ جو بہ ”بادشاهہ“ آهي. هي ڏاڍو خوبصورت روڊ هُيو جنهن جي آس پاس علي پارڪ، علي پلازه، علي گارڊن ۽ ٻيون ”عليءَ“ جي نالي سان منسوب جايون ۽ ماڳ هُيا. مون راجا کي چيو تہ ”هتي تہ ”علي علي“ لڳي پئي آهي“ جنهن تي راجا مُرڪيو اسان ٻئي ”علي ڊرائيو“ کان ٿيندا آمريڪا جي هڪ وڏي سُپر اسٽور ”Costco“ تي آياسون هن سُپر اسٽور جي چئن سموري آمريڪا ۾ ڦهليل آهي ۽ هيءَ چئن آمريڪا جي مشهور ”Wall Mart“ وانگر تمام وڏي آهي. هن اسٽور مان خريداريءَ لاءِ ميمبر شپ حاصل ڪرڻي پوندي آهي جنهن جي سالياني في هوندي آهي ۽ هتان صرف ميمبر ئي شاپنگ ڪري پئي سگهيا. ميمبرن لاءِ هتي رعايتي پيڪج موجود هئا. گڏوگڏ شاپنگ سينٽر ٻاهران هن ڪمپنيءَ جو پيٽرول پمپ پڻ ميمبرن کي رعايتي اگهہ تي پيٽرول فراهم ڪري رهيو هو، راجا ٻڌايو تہ ڪجهہ وقت اڳ هن هتان پئڪ ٿيل اڻ پڪل ماني خريد ڪئي هُئي. جيڪا گرم تئي تي رکڻ سان ئي تيار ٿيو پئي وئي، ماني ڏاڍي لذيذ هُئي، چو نہ اَڄُ بہ خريد ڪجي. اسان ٻئي اسٽور ۾ وياسي پَر گهڻي ڳولا ڪانپوءِ بہ ماني اسان کي نہ ملي. شايد ختم ٿي وئي هُئي يا وري اچڻ ئي بند ٿي وئي هئي. اُهو ايڪٽيهہ آڪٽوبر جو ڏينهن هيو. جيڪو ڏينهن سموري آمريڪا ۾ ”Halloween Day“ جي نالي سان ملهايو پئي ويو. اڄوڪو ڏينهن آمريڪين لاءِ خاص تفريح ۽ موج مستين جو ڏينهن هو. هِن ڏينهن تي آمريڪي پوري آمريڪا ۾ شام ٿيندي ئي، روپ مٽائي ٻهروپ ڌاري، روڊن ۽ شاهراهن تي نڪري ايندا آهن. اڄوڪي ڏينهن تي هُو پنهنجي عام جياپي کان هٽي ڪري ڪوئي نئون روپ ڌاريندا آهن.

نچندا ڪُڏندا آهن ۽ اهڙي نموني زندگيءَ جي رنگن کي انجواءِ ڪندا آهن. راجا چيو تہ اَڄُ سندس ريسٽورينٽ تي تمام گهڻي رش هوندي اُن ڪري هُو پنهنجو وقت ريسٽورينٽ کي ڏيندو. هُنَ چيو تہ تون ”علي ڊرائيو“ تي هليو وڃجان ۽ اُتي ٿيندڙ ”هالو وين پريڊ“ کي ڏسجان ۽ پوءِ جلد ئي ريسٽورينٽ تي هليو اچجانءِ جتي مون کي ڪيس ڪم ڪار ۾هٿ ونڊائڻو هيو. راجا مطابق ”علي ڊرائيو“ تي ٿيندڙ ”هالو وين پريڊ“ ڪان پوءِ سيئي ماڻهو اچي راجا وارن جي ريسٽورينٽ ”Denny’s“ تي پيٽ پُوجا لاءِ ٽُٽندا. مان شامَ جو ڇهين بجي کان رات جو ساڍي اٺين وڳي تائين ”علي ڊرائيو“ تي ”هالو وين ڊي“ جا رنگ ڏسندو رهيس. مرد، عورتون، ٻارَ، ٻُڍا مختلف ٻهروپ ڌاري هل هنگامي ۽ ڊانس ۾ مصروف هُيا. ڪنهن جِنَ جو روپ ڌاريو هو تہ ڪنهن ديو جو، ڪنهن جانور جو روپ ڌاريو هو تہ ڪنهن ڇوڪريءَ وري پريءَ جو روپ اختيار ڪيو هو، ڪنهن پنهنجي جسم کي مختلف رنگن سان رنگي ڇڏيو هو تہ ڪنهن پنهنجي جسم تي مصنوعي ٽاڪا هڻي پاڻ کي وڍيل ۽ ٽڪيل ظاهر ڪيو هو. ڪنهن وري پنهنجي جسم جي صرف مخصوص عضون کي مختصر پنن سان ڍڪي جهنگليءَ جو روپ ڌاريو هو. ڪن وري پاڻ کي مشهور ڪارٽون ڪردارن ۾ ترتيب ڏنو هو. عجيب رنگ هُيا. مون تمام گهڻي فوٽوگرافي ڪئي ۽ انهن يادگار منظرن کي پنهنجي ڪئميرا جي اک ۾ محفوظ ڪيو. مان شامَ جو پنڌ ئي ”علي ڊرائيو“ نڪري آيو هئس ان ڪري هينئر بہ هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين بي فڪريءَ سان پسار ڪري رهيو هُيس. ”علي ڊرائيو“ تي ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ بند لڳي پئي هئي مختلف هنڌن تي اسٽيج ناهيا ويا هئا جتي گانا پيش ڪيا پئي ويا، ٿيٽر ترتيب ڏنل هئا، ڪنهن جاءِ تي فنڪار يا شوقيہ فنڪار ڳائي رهيا هئا، مطلب تہ موج مستيءَ جو عجب جهان هُيو. ”هالو وين پريڊ“ ۾ اجان ٿورو وقت باقي هُيو پَر مان جلد ئي ميلو متو ڇڏي، انهيءَ هُل هنگامي واري جهان مان نڪري ريسٽورينٽ تي هليو آيس ڇاڪاڻ تہ راجا مون کي چيو هو تہ مهل سان موٽي اچي ڪيس ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊايان. ريسٽورينٽ تي ڪافي رش هئي پر رات ڏهين کان پوءِ اها رش هيڪاندي وڌي وئي. الائي ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو مختلف روپن ٻهروپن ۾ خُمارن ۾ ورتل اَچي ڪڙڪيا. راجا مون کي چيو تہ تون ريسٽورينٽ جي

مئن گيٽ تي بيهي ”هوسٽ“ جي ڊيوٽي ڏي مون کيس چيو ته يارَ مان انهن آمريڪن سان روانيءَ ۾ انگريزيءَ ته ڳالهائي ڪونه سگهندس. جنهن تي راجا ٺهڪ ڏئي ڊيو ته تون صرف گيٽ تي انهن جو آڌر ڀاءُ ڪري ڪائنن پڇجان ته ”How Many?“ يعني اوهان ڪيترا ڄڻا آهيو ۽ پوءِ هُو جيترا ڄڻا هجن انهن کي انهيءَ حساب سان اڇي ٽيبل تي ويهارجان ۽ کين ”مينو“ ڏجان ۽ بس. باقي ڪم ”سرور“ ۽ ”ويٽر“ سنڀاليندا. ۽ پوءِ ائين ٿيو جو مون اها رات ”Denny's“ جي مئن گيٽ تي بيهي ايندڙ گراهڪن کي ”هائو ميني؟“ چوندي گذاري انهيءَ رات ٻه دفعا جهيڙا به ٿي پيا، گراهڪ هڪبئي سان اٽڪي پيا چاڪاڻ ته سيئي نشي ۾ ڌُت هئا ۽ مجبوراً راجا کي ٻَه دفعا ”911“ تي فون ڪري پوليس کي گهرائڻو پيو”911“ جيڪو هتان جو ترت مدد فراهم ڪندڙ ادارو آهي. جيڪو ضرورت وقت پوليس، ايمبولينس، فائربرگيڊ مُهيا ڪندو آهي. ”911“ آمريڪن لاءِ عافيت جو اهڃاڻ آهي (۽ ڪيڏي نه عجيب ڳالهه ته دهشتگرن آمريڪا جي ورلڊ ٽريڊ سينٽر کي تباهه ڪرڻ لاءِ جنهن ڏينهن جو انتخاب ڪيو اهو ڏينهن به ”نائين اليون“ جو ڏينهن هُيو). هتي ”ڪونا“ بيٽ تي عام طرح ڏوهه ڪونه ٿين ان ڪري هتان جا ٽاٽا شام جو پنجين ڪان پوءِ بند ٿيو وڃن. سويرَ جڏهن راجا ٽاٽي جي پوليس کي گهرائڻ لاءِ فون ڪئي ته اُتان ڪمپيوٽر تان کيس اِهو ئي پيغام مليو ته هتي پوليس ڪونهي توهان ”911“ تي ڪال ڪري اُتان مدد وٺو. ”911“ جي سروس چوويهه ڪلاڪ ئي موجود رهندي آهي. هتي پوليس وٽ ڪي خاص موبائيل گاڏيون نظر ڪونه آيون. پوليس آفيسرن کي ذاتي گاڏيون هيون جن ۾ هو گهمي رهيا هُئا، ها باقي انهن جي مٿان نيري رنگ جو گلوب ضرور نظر آيو. جنهن مان ظاهر پئي ٿيو ته اِها پوليس جي گاڏي آهي.

ريسٽورينٽ تي رش جو اِهو سلسلو صبح جو سوا ڇهين بجي تائين جاري رهيو. اڄوڪي رات جي رش سبب ڏاڍي گهما گهمي ۽ افراتفري نظر آئي. انهيءَ رش ۾ٻن ويٽرن جي ٽڪرجڻ سبب ٿانوَ ڪري پيا. راجا جلدي اچي ويٽرن کي چيو ته اوهان هتي نه بيهو جلدي ٻيا ٿانوَ ڪڍو مان پاڻ ئي صاف ڪري ٿو وٺان ۽ ائين هُن جلديءَ ۾ برش کڻي اچي ڪريل ٿانوَ ۽ ڪاڌو صاف ڪري ورتا. جنهن مان اهو ظاهر ٿيو ته

هتي ڪوئي بہ وڏو نندو نہ هو، سڀئي هڪ ورڪر جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيا هئا. اڄوڪي سموري رات ڪنهن بہ وقت جهيڙي ٿيڻ جو خطرو باقي هيو. راجا ٻُڌايو تہ مان هتي مئنيجر آهيان مگر ان جو مطلب اِهو ناهي تہ مان هتان جو آفيسر آهيان بلڪ مون کي هر مسئلي کي حل ڪري، شين کي ”Manage“ ڪرڻو آهي. راجا ٻُڌايو تہ هڪ دفعي هوٽل جو گٽر بند ٿي ويو هو ۽ هُن پمپ آڻي ان گٽر کي پاڻ ئي کوليو هو، سموري رات گراهڪن جي رش کان پوءِ جڏهن راجا حساب ڪتاب ڪيو تہ کيس خبر پئي تہ اڄ ساڍا چار سؤ ڊالرن جو ”واڪ آئوٽ“ ٿيو آهي. مون ڪائنس پڇيو تہ اِهو ”واڪ آئوٽ“ ڇا آهي؟ هِڪُ ”واڪ آئوٽ“ تہ اهو هوندو آهي جيڪو اسان جا اسيمبلي ميمبر اسيمبلي هال مان ڪندا آهن. راجا ٻُڌايو تہ هِتي جڏهن ڪنهن بہ ٽيبل تان ويٽر کي آرڊر ملندو آهي تہ هو ڪمپيوٽر ۾ ڪارڊ وجهي ڪمپيوٽر کوليندو آهي ۽ پوءِ اهو آرڊر ان ۾ ٽائيپ ڪندو آهي. اهو آرڊر ان ويٽر جي نالي سان فوراً بورچيخاني جي پرنٽر مان پرنٽ ٿي نڪرندو آهي. بورچيخاني جو انچارج آرڊر مطابق کاڌو جلد تيار ڪرائي ونندوآهي ۽ پوءِ لاڳاپيل ويٽر اُتان اهو کاڌو کڻي وڃي ٽيبل تي پهچائيندو آهي جتان کيس گراهڪ بل ادا ڪندا آهن ۽ هُو پئسہ اچي ڪائونٽر تي جمع ڪرائيندو آهي. جنهن ٽيبل جو بِلُ ڪائونٽر تي جمع ناهي ٿيندو، اُن ٽيبل جي بتي ٻرندي رهندي آهي. رش وارن ڏهاڙن ۾ ويٽر بي ايمانيءَ جو مظاهرو ڪندي ٽيبل تان پئسہ وٺڻ کان پوءِ بہ ڪائونٽر تي جمع ناهن ڪرائيندا ۽ چوندا آهن تہ اِهي گراهڪ بِلُ ادا ڪرڻ کان سواءِ ئي هليا ويا. اَڄُ بہ ائين ٿيو ۽ ڪم ختم ڪرڻ کان پوءِ جائزو ورتو ويو تہ ڪمپيوٽر ۾ ڪيترن ئي ٽيبلن جون بتيون ٻريل هُيون ويٽرن جو اهو چوڻ تہ ماڻهو رش ۾ نشي جو فائدو وٺي ڪائي پي ڀڄي ويا. جڏهن حساب ڪيو ويو تہ ساڍا چار سؤ ڊالرن جو بل ادا نہ ڪيو ويو هو. جنهن لاءِ راجا ٻُڌايو تہ هو ساڍا چار سؤ ”واڪ آئوٽ“ ٿيو آهي. راجا ٻُڌايو تہ ”هوائي“ ۾ موجود ”Denny’s“ جو ريسٽورينٽس جو هڪ ڊسٽرڪٽ مئنيجر بہ آهي. جيڪو انڊيا جو هندو آهي ۽ سندس نالو آهي ”Parashant Own“ پَر راجا کيس پيارَ مان ”بابو جي“ سڏيندو آهي. مان وري کيس ”پريشان“ سڏڻ لڳس جنهن تي راجا ٺهڪ ڏئي چيو تہ هُو واقعي بہ ڏاڍو پريشان رهندو آهي، مختلف ڪمن جي حوالي سان. راجا

ٻُڌايو تہ ڊسٽرڪٽ مئنيجر پنهنجي آفيس ۾ ويهي نيٽ ذريعي ٽنهي ريسٽورينٽس جو حساب ڪتاب چيڪ ڪندو آهي ۽ ”ويب ڪيم“ ذريعي ٽنهي ريسٽورينٽس جي هر چُرپر تي بہ نظر رکي سگهندو آهي. راجا مطابق جڏهن ”بابو جي“ کي ساڍا چار سؤ ڊالرن جي ”واڪ آئوٽ“ جي خبر پوندي تہ هُو ڪاوڙ ڪندو ۽ پوءِ ڪيس مطمئن ڪرڻو پوندو. بهرحال اِها رات ڏاڍي دلچسپ رات ثابت ٿي. ”Halloween day“ منهنجي لاءِ ڏاڍو يادگار رهيو. بعد ۾ مون جڏهن فريد سان فون تي رابطو ڪري ڪيس ”هالو وين ڊي“ جي دلچسپين جي باري ۾ ٻُڌايو تہ فريد ٻُڌايو تہ هن ڏينهن تي سندس ٻارڙا ڪائنس پڇي رهيا هئا تہ هُو هن ڏهاڙي تي ڪهڙي ڊريس پائي ٻهروپ ڪن ۽ مون کين چيو تہ توهان سنڌي شلوار قميض، اجرڪ ۽ ٽوپي پهري ٻاهر نڪرو توهان سيني کان منفرد نظر ايندؤ ۽ هتان جا ماڻهون اهو سمجهندا تہ توهان اِهو ٻهروپ ڪيو آهي. مان فريد جي ڳالهہ تي کلي وينس ۽ ڪيس چيو تہ جيڪڏهن ائين آهي تہ مان بہ شلوار قميض پائي ٻهروپ اختيار ڪيان ها. صبحُ جو ڇهين وڳي اسان ٻئي سموري رات جي دلچسپين ۽ سموري رات جي ٽِڪ کي پنهنجي اکين ۾ سميٽي، پنهنجي گهر هليا آياسي. ٿڪاوٽ سبب اسان ٻنهي کي ننڊ منٽن ۾ الائي ڪيڏانهن ڪٽي هلي وئي.

# بينڪ جو اعتبار، موالي نوجوان ۽ ”متبرڪ بيچ“

ڪالهه رات دير تائين جاڳڻ جي ڪري، اسان اڄوڪو سمورو ڏينهن ننڊ ڪندي گذاريو. شام جو ڇئين بجي اسان ننڊ مان جاڳياسي، تيار ٿي سڌو ريسٽورينٽ آياسي جتي ناشتو ڪيوسي. راجا چيو ته اڄ شامَ شهر ۾ آواره گردي ٿا ڪريون. ان ارادي سان جيئن ئي نڪتاسي ته عليءَ راجا کي ڪجهه پئسا ڏيندي چيو ته بينڪ ۾ ڊراپ ڪندا وڃجو. اسان سڌو ”First Hawaian Bank“ آياسي. راجا هِڪ سوراخ مان ٿيلهيءَ ۾ ويڙهيل رقم بينڪ ۾ ائين اڇلائي جيئن گهر جو دروازو بند ڏسي، پوسٽ مئن خط اڇلائي ويندو آهي. مون کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي بينڪ جو ٽائيم به اوور ٿي چڪو هو منهنجي پڇڻ تي راجا ٻُڌايو ته بينڪ ٽائيم ۾ ته رقم اڪائونٽ ۾ ئي ڊپازٽ ڪرائبي آهي جڏهن ته بينڪ بند ٿيڻ کان پوءِ هن طريقي سان رقم ”ڊراپ“ ڪبي آهي. بينڪ مان ئي اڳوات احاصل ڪيل شاپر (ٿيلهي) ۾ رقم وجهبي آهي ان جي هڪ ڪنڊ تي پنهنجو اڪائونٽ نمبر ۽ پئسن جو تفصيل لکي اُها شاپر سوراخ مان اندر اڇلائي ڇڏبي آهي. صبح جو لاڳاپيل بينڪ عملو پاڻ ئي اهي پئسا اڪائونٽ ۾ جمع ڪري ڇڏيندو آهي. مون راجا کان پُڇيو ته جيڪڏهن بينڪ عملو پئسا نه باسي يا وري اڪائونٽ هولڊر شاپر ۾ موجود رقم کان وڌيڪ جي دعويٰ ڪري ته پوءِ؟ تنهن تي راجا ٻُڌايو ته هتي هڪ ته ڪئمرائون لڳل آهن جن ۾ پئسن ڊراپ ڪرڻ جو عمل رڪارڊ ٿيندو آهي ٻيو ته بينڪ عملي ۽ اڪائونٽ هولڊر وچ ۾ قائم اعتبار ئي سڀ کان وڏي شيءَ هوندي آهي جنهن ڪري اهڙي قسم جي ڪائي به گڙٻڙ پيش ناهي ايندي. بهرحال اها ڳالهه منهنجي لاءِ تعجب جوڳي هئي. بينڪ ۾ پئسا ڊراپ ڪري اسان شهر آياسي شهر هڪ ننڍي ڳوٺ وانگر هيو پر ويڪرا رستا ۽ ٽريفڪ جو اعليٰ نظام نظر آيو. قدم قدم تي ٽريفڪ سگنل ۽ قدم قدم تي ٽريفڪ جي اصولن جا سائن بورڊ نظر آيا نه صرف ايترو پر هر ڪوئي انهن جي تعميل به ڪندي نظر آيو، مون کي پنهنجو شهر خيرپور ياد اچي ويو، جتي ضلعي هيڊڪوارٽر

هئڻ جي باوجود ٽريفڪ جو نظام سدائين درهم برهم هوندو آهي. خيرپور ۾ ڪٿي بہ ڪوئي ٽريفڪ سپاهي نظر نہ ايندو ۽ جيڪڏهن نظر ايندو بہ تہ گاڏين وارن کان اوڳاڙي ڪندي نظر ايندو. اسان وٽ ٽريفڪ جا سپاهي قانون ٽوڙن جا اجازت نامہ هڪ "اسٽيڪر" جي صورت ۾ پاڻ پئسن عيوض گاڏي ڊرائيورن ۾ ورهائيندا آهن. ٽي سگهي ٿو اِها ڳالهہ پڙهندڙن کي سمجهہ ۾ نہ اچي پر اها حقيقت آهي تہ ٽريفڪ عملي وارا هر مهيني هڪ نئين سلوگن وارو اسٽيڪر ڇپرائيندا آهن انهن تي هر مهيني هڪ نئون جُملو لکيل هوندو آهي جيئن "ماں کی دعا جنت کی ہوا"، "نصیب اپنا اپنا"، "نہ چھیڑ ملنگاں نوں" وغيره. اهي اسٽيڪر قانون ٽوڙيندڙ گاڏين خاص ڪري شهر جي اندروني روڊن تي ايندڙ هيوي ويٽ گاڏين کي ڏئي انهن کان ڀتو وصول ڪيوويندو آهي ۽ اُهي گاڏين وارا اسٽيڪر ڏيکاري ڪنهن نئين سامهون ايندڙ ٽريفڪ عملدار کان پنهنجي جان آجي ڪرائيندا آهن.

شهر ۾ گهمندي اسان مختلف شاپنگ سينٽرس تي وياسي اڪثر ڪائونٽرن تي خوبصورت ڇوڪريون وينل نظر آيون. پر اهي سڀئي خوبصورت ڇوڪريون جسماني طرح ڪمزور ۽ جهڙوڪر نشي ۾ ٻُڏل نظر آيون. راجا مون کي چيو تہ اِهي اٿئي "ڪونا" جي نوجوانن جا حال اِهي نوجوان اڪثر "ڪونا" ۾ مقامي طور پيدا ٿيندڙ ڪوئي نشو واپرائيندا آهن جيئن اسان وٽ موالي "پنگ" جو استعمال ڪندا آهن، شهر جا مختلف روڊ رستا، بازارون شاپنگ سينٽر گهمندا اسان رات جو گهر موٽياسي. گهران پاڻيءَ جون ٻہ خالي گهگِهيُون ڪٽي راجا ۽ مان پرڻ لاءِ وري گهران نڪتاسي. "ڪونا" جي مختلف جاين تي واٽر ٽينڪ نهيل هُئا. جن ۾ 35 سينٽ وجهڻ کان پوءِ بٽڻ دٻائڻ سان هڪ گيلن صاف پيئڻ جو پاڻي حاصل ٿي رهيو هو. اسان ٻئي گهگِهيُون ڀري واپس گهر آياسي، رات جو راجا چيو تہ اڄ تہ عليءَ سان سندس گهر ۾ ڪچهري ڪريون.عليءَ وٽ پهتاسي تہ هُو نيٽ تي پنهنجين گرل فرينڊز سان چيٽنگ ۾ مصروف مليو. شايد پنهنجي لاءِ ڪائي نئين جيون ساٿڻ ڳولڻ جي چڪر ۾ هُيو، چاڪاڻ تہ هُو اڄڪلهہ اڪيلو هيو. عليءَ سان ڪجهہ دير اوپاريون لهواريون ڪري اسان واپس پنهنجي گهر ۾ اچي آرام ڪرڻ لاءِ سمهي پياسي. ٻئي ڏينهن صبح سان راجا جي ڊيوٽي هُئي ان

ڪري هُو سوير مونکي ستل ڇڏي پاڻ تيار ٿي ڊيوٽيءَ تي هليو ويو ٿوري وقت کان پوءِ مان بہ ننڊ مان اٿي تيار ٿي چانهہ پي راجا وٽ ويس پَر مونکي ننڊ اچي رهي هئي ان ڪري ٿوري دير ويهي ڪائي پي واپس گهر هليو آيس ۽ اچي وري لٽ ڏئي سمهي پيس. شامَ جو علي آيو ۽ چيائين تہ اڄ مان واندو آهيان اچ تہ گڏجي گهمڻ هلون. عليءَ چيو اڄ مان توکي مختلف بيچز گهمائيندس. مون ٿي شرٽ ۽ شارٽ ساڻ ڪنئين ۽ نڪري پياسي. هڪ بيچ کي "متبرڪ بيچ" چيو پئي ويو ۽ ان ڏانهن وڃڻ لاءِ هڪ چيڪ پوسٽ قائم ٿيل هُئي جتي انٽري ڪرائڻ کان پوءِ ئي اوڏانهن ڇڏيو پئي ويو، اُها مڪمل طرح آتش فشان جي سڙيل بيچ هئي. چوڌاري حد نظر تائين رنگين سڙيل پٿر ۽ انهن پٿرن کي ٺُڪي ئي مختلف پيچرا ٺاهيا ويا هئا. هتي مون کي پُورا تتر جام نظر آيا پَر انهن کي مارڻ وارو ڪوئي ڪونہ هو. ماڻهو هڪ مذهبي تقدس سان هن ٻيٽ ۾ گهمي رهيا هئا. گهمندا ڦرندا اسان هڪ ٻي بيچ تي پهتاسون جنهن جو نالو هو "ميجڪ سينٽ بيچ"، هن جي وري هڪ خاص خُوبي هئي تہ هتي سال جا ڇَهہ مهينا واري وڃائجي ويندي آهي جڏهن تہ باقي ڇهہ مهينا اها واري گم ٿي ويندي آهي. هِن خوبصورت بيچ کي ڏسي وائسي اسان "علي ڊرائيو" تي آياسي ۽ اُتي "علي" جي نالي سان منسوب مختلف جايون گهمي واپس پنهنجي ريسٽورينٽ "Denny's" هليا آياسي. جتان راجا کي ڪنيوسي ۽ پوءِ رستي ۾ بينڪ تي پئسا ڊراپ ڪندا اسان گهر موٽي آياسي. گهر پهچي اسان ٿوري دير آرام ڪيو، تازا توانا ٿياسي ۽ پوءِ راجا چيو اَڄُ پاڻ سئينما هلنداسون فلم ڏسڻ. اِها ڳالهہ مون کي وڏي چاڪاڻ تہ ايترا ڏينهن گذرڻ باوجود مان هتان جو ڪوئي سئنيما هائوس ڏسي نہ سگهيو هئس. راجا ۽ مان تيار ٿي سئنيما هائوس آياسي. پر سئنيما ڪجهہ مختلف قسم جي هُئي سئنيما جو مُک دروازو تہ هڪ ئي هو، جتان هڪ فلم جي ٽڪيٽ بہ خريد ڪئي سون، پر جڏهن اندر پهتاسون تہ خبر پئي تہ هِتي نَوَ سئنيما اسڪرين موجود هُيون، جتي نَوَ مختلف فلمون لڳل هُيون هاڻي اهو اسان تي هُيو تہ اسان ڪهڙي فلم ٿا ڏسؤن. راجا ۽ مون گڏجي "Pride & Glory" نالي فلم ڏٺي فلم ڏسڻ کان پوءِ واپس راجا جي ريسٽورينٽ هليا آياسي. اَڄُ راجا جي ڊيوٽي نہ هُئي. سندس آف هئڻ سبب "اميندا" نالي هڪ خوبصورت خاتون انچارج

مئنيجر طور ڪم ڪري رهي هئي. اسان ٻنهي ماني کاڌي. ماني کائيندي مون کي ياد آيو ته عليءَ سان گڏ گهمندي ”ميجڪ سينٽ“ بيچ تي مون کي جهرڪيون ۽ نورَ تمام گهٽ تعداد ۾ نظرآيا هُئا. مون راجا کان ان جو سبب پُڇيو ۽ راجا ماني کائيندي وراڻيو ته، چون ٿا ته جڏهن اِهو ٻيٽ نئون نئون آباد ٿيو هو ته اتي نانگ تمام گهڻا هئا. جن کي مارڻ لاءِ وري هتڙادو طرح گهڻي مقدار ۾ نور ڇڏيا ويا هئا ڇاڪاڻ ته نانگن مان انسانن کي خطرو هُيو ۽ پوءِ ائين ٿيو ته نانگ ته مري ويا پَر نور وڌندا ويا. بهرحال، اسان ٻنهي جي ماني کائڻ کان پوءِ راجا ڪائونٽر تي بل ادا ڪيو. منهنجي تعجب مان پڇڻ تي هن چيو ته هتي مُنهنجي لاءِ کاڌو پيتو تڏهن مُفت آهي جڏهن مان ڊيوٽيءَ تي موجود هجان. اڄ جيئن ته مان ڊيوٽيءَ تي موجود نه آهيان اُن ڪري مون کي بل ادا ڪرڻو پوندو ۽ جيڪڏهن مان بل ادا نه ڪندس ته اها وقتي انچارج مئنيجر ”اميندا“ جي نا اهلي قرار ڏني ويندي، بجاءِ ان جي جو مان ڪجهه پئسا بچائڻ لاءِ پنهنجي ساٿي مئنيجر جي ساکَ کي متاثر ڪيان، بل ادا ڪرڻ ئي بهتر آهي . قاعدن ۽ ضابطن جي پاسداريءَ جو اِهو احوال راجا کان ٻڌي اسان گهر هليا آياسون.

# "Denny's" جا ڪردار......
# "هر شخص ڪهاڻي آ"

هوائي ۾ گذاريل ڏينهن ۽ راتين دوران "Denny's" ريسٽورنٽ جهڙوڪر منهنجي مصروفيتن ۽ ڪار گذارين جو مرڪز رهيو. صبح جو تيار ٿي ريسٽورينٽ اچڻ ۽ رات جو گهمي ڦري ساڻئي ئي ريسٽورينٽ واپس اچڻ منهنجو معمول رهيو. هن ريسٽورينٽ ۾ گذاريل خوبصورت لمحن دوران منهنجو جن ماڻهن ۽ ڪردارن سان مڪا ميلو ٿيو، اهي ڪردار زندگيءَ ۾ منهنجي يادگيرين جو حصو بڻجي رهندا. مان چاهيندس ته انهن مان ڪجهه ڪردارن جو ذڪر مان پنهنجي پڙهندڙن سان ضرور ڪندو هلان ۽ انهن سان لاڳاپيل ننڍڙين ڪهاڻين ڪي به هتي شيئر ڪندو هلان. ٻاونجاهه سالن جي خاتون "Epifania Sadumian" جنهن کي مان "فلپينو" جي نالي سان ياد رکندو هئس، هن جي اڪثر روزانو مون سان ريسٽورينٽ ۾ ملاقات ٿيندي هئي. هيءَ مائي اها ساڳئي خاتون هئي جنهن جو ذڪر مان اڳ ۾ به ڪري چُڪو آهيان، هيءَ مائي راڄا تي پئي نرندي هُئي پَر راڄا ڪانئس پيو ڪترائيندو هو. مون راڄا کي چيو هو ته جيڪڏهن توکي اعتراض نه هجي ته تنهنجي مصروف هجڻ جي صورت ۾ مان فلپينو سان گهمڻ ڦرڻ هليو وڃان. راڄا چيو ته ڇو نه؟ ان ۾ اعتراض جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟! ۽ ان کان پوءِ مون "Epifania Sadumian" کي گذارش ڪئي ته وٽس گاڏي به آهي وقت به آهي ڇونه هوءَ مونکي "ڪونا" جا مختلف ماڳ ڏيکاري. "فلپينو" منهنجي گذارش کي خوشيءَ سان قبوليو ۽ مون کي اڍائي سؤ ڪلو ميٽر پري "والڪينوز" کان وٺي سٺ ڪلو ميٽر پري "ڪوهالا" تائين مختلف ماڳ گهمايا. هڪ ڏينهن "فلپينو" هوائي هارُ ۽ مالها منهنجي ڳچيءَ ۾ پارايا. اِهو سندس خلوص هُيو ۽ پوءِ مان اڪثر اِهو هار ۽ مالها پائي گهمندو هيس جنهن کي ڏسي فلپينو خوش ٿيندي رهندي هئي. "فلپينو" منهنجي لاءِ پنهنجو تمام گهڻو وقت خرچ ڪيو جنهن لاءِ مان سندس ٿورائتو رهيس.

راجا جي ريسٽورينٽ تي هڪ عورت ويٽرس طور ڪم ڪندي هُئي. سندس جسم مردن وانگر مضبوط ۽ چال چلت بہ مردن وانگر هُيس مون کيس اڪثر محنت ۽ ڏکيا ڪم ڪندي ڏٺو، ان ڪري مون سندس نالو ”آئرن ليڊي“ رکي ڇڏيو ۽ جڏهن کيس چوندو هيس تہ تون ”آئرن ليڊي“ آهين، تہ هُوءَ تمام گهڻو خوش ٿيندي هُئي. هوءَ پنهنجي ڪابي ڪن ۾ گل هڻي گهمندي هُئي مون کائنس پڇيو تہ ”انهيءَ گُلَ جو يلا ڇا چڪر آهي؟“ تہ هوءَ وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي کلندي ويندي هئي.

ريسٽورينٽ ۾ بہ خوبصورت جاڙيون ڀينرون بہ ويٽرس طورڪم ڪنديون هيون. جن جي عُمر ارڙهن سالن کان گهٽ هُئي. انهن مان هڪ جو نالو ”سبرينا“ هيو. راجا اڪثر مذاق ۾ هڪ کي ٻيءَ جي نالي سان ۽ ٻيءَ کي پهرين جي نالي سان پڪاريندو هُيو ۽ ائين ماحول ۾ خوشگواريءَ جا گل ٽڙندا رهندا هُئا. راجا هنن ٻنهي ڀينرن کي ”خطري جون گهنٽيون“ بہ سڏيندو هو. منهنجي پڇڻ تي ٻڌايائين تہ ٻنهي جي عمر ارڙهن سالن کان گهٽ آهي ۽ ارڙهن سالن کان گهٽ عمر وارين ڇوڪرين سان جنسي لاڳاپا رکڻ هتي جُرم آهي جنهن جي سزا ”جيل“ آهي انهيءَ ڪري هنن ٻنهي سان جيڪڏهن ڪنهن بہ ڪنئوس ڪئي تہ اهو جيل ۾ هوندو، انهيءَ ڪري ئي هي ٻئي ”خطري جون گهنٽيون“ آهن.

خوبصورت ”اميندا“ بہ هتي ڪم ڪندي هئي. جيڪا ڏاڍي ڪل مک هوندي هئي ۽ هتي ”سرور“ جي حيثيت سان ڪم ڪندي هئي. سندس عمر ويهہ سال هُئي. راجا کيس منهنجي باري ۾ مذاق ۾ چئي ڇڏيو تہ هو تہ هي منهنجو دوست آهي جيڪو تنهنجي مٿان عاشق ٿي پيو آهي ويٽريس ”اميندا“ راجا جي انهيءَ ڳالهہ کي سچ سجهي ورتو هو پر پوءِ بہ هوءَ اڪثر مون سان اچي ويهندي هئي، کلندي ڳالهائيندي هئي ۽ ڪچهريون ڪندي هئي. هڪ دفعي مون ”اميندا“ کان پڇيو تہ ”تنهنجو ڪوئي بواءِ فرينڊ آهي؟“ چيائين ”ڪوئي؟“ جو ڇا مطلب! مان هن وقت تائين چار بواءِ فرينڊ ڪري چُڪي آهيان. منهنجي پڇڻ تي هن ٻُڌايو تہ هُن پهريون بواءِ فرينڊ چوڏنهن سالن جي عمر ۾ ناهيو هو. سورنهن سالن جي عمر ۾ هُن پهريون دفعو جنسي عمل جو مزو ورتو ۽ هينئر جيڪو سندس چوٿون بواءِ فرينڊ آهي اهو ساٽس نيڪ ڪو نہ ٿو هلي. هُن ڏُکاري انداز ۾ پنهنجي هاڻوڪي بواءِ فرينڊ جي باري ۾ ٻُڌايو هو ۽

مون کيس چيو تہ ”ڇو نہ مان تنهنجو پنجون بواءِ فرينڊ بڻجي وڃان؟“ جنهن تي هُن وڏو ٽهڪ ڏيندو چيو ”تون نشي ۾ تہ نہ آهين؟“، بهرحال ”اميندا“ سان ڏاڍو سُٺو وقت گذريو ۽ ساٿس ڪل ڀوڳ جو سلسلو جاري رهندو هُيو.

هڪ ٻي ڇوڪري جنهنن جو نالو ”ٽريسي“ هُيو، اُها هتي ”سرور“ جي حيثيت سان ڪم ڪندي هُئي. گول مٽول ڇهري ۽ ڀريل جسم واري هن ڇوڪري کي راجا ”ڊبلو“ سڏيندو هيو ۽ سندس پڇڻ تي راجا کيس چوندو هُيو تہ ”ڊبلو“ جي معنيٰ آهي ”سهڻي“ جنهن تي هوءَ ڏاڍي خوش ٿيندي هئي. هڪ ٻي خوبصورت هوائي ڇوڪري بہ هتي ويٽريس جي حيثيت سان ڪم ڪندي هئي.ننڍي قد ۽ خوبصورت ساروپن واري هن ڇوڪريءَ جو نالو ”Shanon Molina“ هيو. جنهن کي راجا پيار مان ”بدڪ“ چوندو هيو.

هڪ ٻي خوبصورت ويٽريس ”Clisia“ بہ اڪثر اسان سان مُرڪون وندبيندي رهندي هُئي. هڪ ڏينهن مان ۽ راجا ”والڪينوز“ وڃڻ لاءِ پروگرام رٿي رهيا هئا سي تہ هوءَ اسان جون ڳالهيون ٻُڌي اسان ڏي آئي ۽ چيائين تہ تي ڏينهن اڳ هوءَ هيليڪاپٽر ذريعي ”والڪينوز“ جا آتش فشان ۽ انهن مان نڪرندڙ لاوو ڏسي آئي آهي. هُن ٻُڌايو تہ هُنَ ” آءِ فون“ ذريعي اتان جي فوٽوگرافي بہ ڪئي آهي. پنهنجي ” آءِ فون“ ذريعي هن تڏي تي اهي فوٽو مون ڏانهن ميل بہ ڪري ڇڏيا.

هڪ ٻي ويٽرس جنهن جو نالو مونکي ذهن ۾ ڪونہ ٿو اچي. اڪثر خماريل ۽ نشي ۾ ٻُڏل نظر ايندي هُئي ۽ اها ويٽرس اڪثر شام جو ”اتينا“ وٽ اچي گلائون ۽ سازشون ڪندي هُئي. ”اتينا“ اها ويٽرس هئي جنهن کي عليءَ نوڪريءَ مان فارغ ڪيو هو. جنهن سبب ئي هُوءَ راجا وارن سان ڇَڀ پئجي وئي هُئي. هوءَ راجا جي هوٽل مالڪ جي گهر جي سنگل ڪمرن مان هڪ ۾ رهندي هُئي پَر ان جو ڪرائو ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو هئائين، اڪثر هوءَ پنهنجي گاڏي راجا جي گهر جي در اڳيان اچي پارڪ ڪندي هُئي تہ جيئن راجا کي ڪاوڙ لڳي. راجا هن جي حرڪتن جي ڪري ڊسٽرب ٿيڻ لڳو هو. هن پوليس سان بہ رابطو ڪيو هو پر پوليس کيس چيو هو اهو ڪورٽ جو مسئلو آهي.

هڪ ٻي ”امينڊا“ بہ ريسٽورينٽ ۾ ڪم ڪندي هُئي جنهن کي اسان ”وڏي امينڊا“ ڪري سڏيندا هئاسون. هيءَ اهائي ”امينڊا“ هئي جيڪا علي ۽ راجا جي غير موجودگي ۾ ”انچارج مئنيجر“ طور بہ ڪم ڪندي هئي. سندس عليءَ سان سُٺا لاڳاپا هُئا ان ڪري ئي محض ”انچارج“ جي حيثيت سان بہ پاڻ کي هِن ريسٽورينٽ جي راڻي سمجهندي هئي. هڪ رات مان ريسٽورينٽ ۾ آيس تہ سندس ڊيوٽي هئي، مون کي ڏسي هُن مرڪندي مون کي ميار ڏني تہ مان سيني جا فوٽو ڪڍيا آهن پر سندس فوٽو ڇونہ ڪڍيو آهي؟! ۽ ان ڪان پوءِ سندس فرمائش تي مون سندس ڪجھ فوٽو ڪڍيا. ”امينڊا“ ڪنهن ٻي اسٽيٽ مان هتي آئي هئي ۽ هتي عليءَ ڪيس اِها نوڪري ڏني هئي. ”امينڊا“ ڏاڍي هوشيار ۽ محنتي ڇوڪري هئي. هن ٻُڌايو تہ سندس بواءِ فرينڊ ڪنهن سبب جيل ڪاٽي آيو هو ۽ هتي ساڻس گڏ اچي هنن ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ڏٺا. شروع ۾ هوءَ پنهنجي دوست سميت سمنڊ ڪناري خيمو اڏي رهي، بعد ۾ هُن سنگل ڪمرو ڪرائي تي ورتو ۽ هاڻ هو هڪ گهر ۾ رهي رهيا آهن.

ريسٽورينٽ جو بورچي ”ڇُڇُو“ سيني جي توجہ جو مرڪز هوندو هيو. ننڍي قد ۽ سانوري رنگ وارو ”ڇُڇُو“ ڏاڍو محنتي ۽ ماهر بورچي هُيو. سندس ماءُ بہ هتي ساڻس گڏ ”ڊش واشر“ طور ڪم ڪندي هئي. علي ”ڇُڇوءَ“ جي تعريف ڪري ڪيس ٺيڪر ڏئي ڪائنس ريسٽورينٽ ۾ استعمال ٿيندڙ سامان جي ”Inventry“ کي اپ ڊيٽ ڪرڻ جو ڪم بہ وٺندو هو ۽ موٽ ۾ ڪيس ”Inventry Manager“ جو خطاب ڏئي ڇڏيندو هو ۽ گڏوگڏ ڪيس هڪ ويلي جو کاڌو بہ مفت ۾ ڏيندو هو. ”ڇُڇُوءَ“ جي ماءُ کي سدائين اِها ڳڻتي هوندي هُئي، تہ سندس پٽ سهڻو ناهي، سيني سان گرل فرينڊز آهن پر ساڻس ڪائي ڇوڪري دوستي نہ ٿي رکي. ”ڇُڇوءَ“ جي بہ عجيب ڪهاڻي هئي. سندس هڪ زال ۽ هڪ پٽ بہ هيا هڪ ڏينهن ڪنهن ڳالھ تان ڪاوڙ ۾ اچي هن پنهنجي پٽ جا هٿ ساڙي ڇڏيا. جوڙس ڪورٽ ۾ ڪيس ڪيو، ڪورٽ ۾ هن بيان ڏنو تہ ننڍي هوندي ڪنهن غلطيءَ تان سندس پيءُ بہ سندس هٿ ساڙيا هئا، ان ڪري هن پنهنجي پٽ جا هَٿَ ساڙيا. ڪورٽ ڪيس جيل موڪلي ڇڏيو ۽ جوڙس ڪائنس عليحدگي اختيار ڪري ڇڏي، هاڻي پٽ ساڻس گڏ

هوندو آهي. مون ”ڇُڇوءَ“ سان گڏ فوٽو ڪڍرايا جنهن تي هن چيو ته اِهي فوٽو مونکي موڪلي ڏجانءِ. مان چيو مانس ”ها موڪليندس پر ٽاٽي تي“ جنهن تي هُن ڇرڪ واري انداز ۾ٺهڪ ڏيندي چيو ”ائين نه ڪجانءِ يارَ!“.

هتي هڪ بورچياڻي ڪم ڪندي هُئي. هُوءَ عمر جي ننڍي هُئي ۽ اصل ۾ ميڪسيڪو جي هئي. راجا مٽس موهت ٿي پيو هو. سندس خيال هو ته جيڪڏهن اِها ڇوڪري راضي ٿئي ته هُو ساڻس شادي ڪري پنهنجو گهر آباد ڪري. راجا جو خيال هو ته ميڪسيڪن ڇوڪريون وفادار هونديون آهن. راجا مٽس ڏاڍو مهربان هوندو هو ۽ اڪثر ڪيس اوور ٽائيم به ڏيندو هو. ريسٽورينٽ ۾ هر خميس تي ايندڙ جهونن واري ميوزڪ گروپ جو هڪ جهونو ميمبر به وري ساڳي ڇوڪريءَ تي عاشق هُيو، هو اڪثر سندس لاءِ تُحفا وٺي ايندو هو.

ريسٽورينٽ ۾ بورچين ڪي وچ ۾ ريسٽ ڪرڻ لاءِ ڪلاڪ جي موڪل هوندي آهي. هڪ ڏينهن موڪل واري وقفي ۾ راجا، ميڪسيڪن بورچياڻيءَ ڪي هوٽل جي ٻاهران ڪار ۾ ويٺي ڪنهن ميڪسيڪن ڇوڪري سان فون تي ڪچهري ڪندي ۽ ٽهڪندي ڏسي ورتو ۽ وري ٻئي ڏينهن وقفي ۾ ٻنهي ڪي گاڏيءَ ۾ ڪلاڪ ڪچهري ڪندي ڏٺو، راجا جا ته ترائي نڪري ويا ڪيس هن ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ جو آسرو هُيو پر اهو آسرو به ختم ٿيندي نظر آيس. ٻي ڏينهن جيئن ئي هُو جهونن جي گروپ آيو ته راجا جُهوني گٽارسٽ ڪي چيو ته ”تون ۽ مان ٻئي لُٽجي وياسي“ جهوني حيران ٿيندي پڇيس ته ”اِهو وري ڪيئن؟“ جنهن تي راجا ڪيس ٻُڌايو ته پاڻ واري بورچياڻيءَ ڪي اڳ ۾ ئي ڪوئي ٻواءِ فرينڊ آهي. تون ۽ مان ته اجايو جڪ پيا ماريون. جنهن تي جهوني ٽهڪ ڏيندي چيس، ”اها ته مونکي اڳ ۾ ئي خبر آهي، بس هاڻي اهو صدمو برداشت ڪر“.

# 4 نومبر: آمريڪا ۾ صدارتي اليڪشن جو ڏينهن

چوٿين نومبر 2008ع واري ڏينهن پُوري دنيا جون نظرون آمريڪا طرف هُيون. اڄوڪي ڏينهن تي آمريڪا ۾ صدارتي چونڊون ٿي رهيون هيون. پاڪستان مان مون ڏانهن دوستن جا فون اچي رهيا هُئا ته اليڪشن جون ڪهڙيون گهما گهميون نظر اچي رهيون آهن؟. سڄي دنيا سميت پاڪستان جي پرنٽ توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ به آمريڪي صدارتي چونڊون بحث جو موضوع هيون. مون صبح جو ننڊ مان اٿي تيار ٿي ناشتو ڪيو. اڄ علي واندو هُيو ان ڪري هو گاڏي ڪاهي آيو ۽ اسان تقريباً ساڍي ٻارهين بجي تيار ٿي گهران نڪتاسي. ٻاهر اسان کي اليڪشن جي حوالي سان ڪائي به گهما گهمي، وٺ پڪڙ، ماڻهن جي رش نظر نه آئي. ملڪ ۾ ڪائي به عام موڪل ڪونه هُئي سيئي ادارا، آفيسون، معمول جي مطابق هلي رهيا هئا. عليءَ مون کي چيو ته اڄ پاڻ واندڪائيءَ جو فائدو وٺندي ڪجهه سامونڊي ڪنارا گهمي ٿا اچئون. ايئن اسان مختلف بيچز ڏانهن نڪري وياسي. جتي اسان کي ڪاراٽجي ويل ڪاري پٿريلي زمين ۽ لاوو اوڳاڇيندڙ جبل نظر آيا. جيڪي سالن صدين کان لاوا اوڳاڇي رهيا اهن رستي ويندي هڪ جاءِ تي “Wendy’s” نالي ريسٽورينٽ نظر آيو. مون عليءَ کان پڇيو هنن اوهان جي ريسٽورينٽ “Denny’s” تان نالو چورايو آهي ڇا؟” علي ٻڌايو ته نه اهو ريسٽورينٽ، هنن جي ريسٽورينٽ کان به پراڻو آهي. مختتلف بيچز تان موٽي اسان ”علي ڊرائيو“ تان ٿيندا هڪ پراڻي ايئرپورٽ آياسي، جنهن جي عمارت ۾ پولنگ اسٽيسن قائم هُئي اسان سوچيو ته ٿوي دير ترسي پولنگ جو عمل ڏسي وٺنداسي پر اندر پهتاسي ته ڪاريءَ وارا ڪڪ نظر آيا. صرف پولنگ عملو وينو هُيو هڪ به ووٽر نظر نه آيو. نه ووٽرن جي قطار، نه سياسي جماعتن جون ڪئمپون،نه جهيڙو جهٽو، بس سڪون ئي سڪون نظر آيو. ٻاهر فٽ پاٿ تي باقي، پنج ڇهه ماڻهو ضرور نظر آيا جن جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ هيا جن تي سياسي سلوگن لکيل نظر آيا.

اُتان ٿي اسان هڪ اهڙي ہيٽ تي آياسي جيڪو ڏرتيءَ جو آخري چيڙو هيو ۽ جتي ڌرتي ختم ٿي رهي هئي، اڳتي ڪا بہ آبادي ڪونہ هُئي، بس هڪ نہ ڪٽندڙ سمنڊ هو. واپسيءَ تي پنهنجي ريسٽورينٽ ڏانهن ايندي مون عليءَ کان پڇيو تہ سڄي دنيا جو نظرون اڄ آمريڪا طرف آهن پَر هتي تہ اليڪشن جو روايتي ماحول نظر ئي ڪونہ ٿو اچي؟ عليءَ ٻُڌايو تہ هتي ميل ذريعي بہ ووٽ ڪاسٽ ٿيندو آهي، جنهن ڪري گهڻا ماڻهو ميل ذريعي ئي ووٽ ڪاسٽ ڪري ڇڏيندا آهن ۽ جي ڪوئي پولنگ اسٽيشن تي ايندو بہ آهي تہ ووٽ ڪاسٽ ڪري تڪڙ ۾ خاموشيءَ سان پنهنجي ڪم ڪار سان هليو ويندو آهي. منهنجي لاءِ اها ڳالهہ حيرت جوڳي هُئي ڇاڪاڻ تہ پاڻ وٽ اليڪشن جو جيڪو روايتي ڪلچر سالن کان هلي رهيو آهي اهڙي قسم جو ڪوئي بہ منظر مونکي هتي آمريڪا ۾ نظر نہ آيو. اسان واپس پنهنجي ريسٽورينٽ پهتاسون. ريسٽورينٽ ۾ داخل ٿيندي ئي مون کي هتان جي هوسٽ ”ايشلي“ نظر آئي. هُوءَ اڄ ڊيوٽيءَ تي نہ هُئي ان ڪري گهرو ڪپڙن ۾ ملبوس هُئي ۽ ڏاڍي خوبصورت نظر اچي رهي هئي. ساڻس سندس بواءِ فرينڊ، منڊڙو ڊش واشر، گڏ هو، جنهن جا معمول مطابق بُرا حال هُيا، ڏاڙهي وڌيل، ميرا ڪپڙا. مون ٻنهي کي غور سان ڏٺو ۽ مون کي ”حور ڪي ساٿ لنگور“ وارو محاورو ياد اچي ويو. پوءِ وري دل ۾ سوچيم تہ ”يلا ڪنهن جي ڀاڳن سان ڪهڙي ريس؟“ شامَ جو مان جلد ئي گهر هليو آيس.

# ذڪر مسٽر ”پريشان“ جو

ٻئي ڏينهن صبح جو تيار ٿي، راجا ۽ مان هلڪي ڦلڪي شاپنگ لاءِ گهران نڪتاسون. هڪ اسٽور تي راجا ٽماٽا خريد ڪيا. هڪ پائونڊ ٽماٽا ٽي ڊالر ۽ پنج سينٽ عيوض مليا. يعني پاڪستاني اندازي موجب 294 روپين ۾ تقريباً اڌ ڪلو ٽماٽا مليا. مون کان ڇرڪ نڪري ويو ته ايترا مهانگا ٽماٽا، ساڳي ئي وقت ڪولڊ ڊرنڪ جو پوو ڪارٽون به راجا خريد ڪيو، جيڪو ڪيس في ٽِن 26 روپيه پاڪستاني جي حساب سان مليو. راجا اَڄُ به ريڊي ميڊ مانيءَ جي جاچ ڪئي پر اها ڪيس نه ملي. واپسيءَ تي گاڏي ڊرائيو ڪندي راجا مون کي چيو ته آمريڪا ۾ رهڻ جو سڀ کان آسان طريقو اهو آهي ته ماڻهو هتي شادي ڪري ڇڏي. شاديءَ کي ڊڪليئر ڪرڻ سان نه صرف هتي مستقل رهائش جو حق مليو وڃي پر ٻن سالن ۾ گرين ڪارڊ ۽ پنجن سالن ۾ هتان جي نيشنلٽي به ملي وڃي ٿي. راجا مون کي چيو ته تون به هِتي مستقل رهڻ لاءِ پلاننگ ڪر. مون ڪيس چيو ته هتي رهي مان ڪهڙو ڪم ڪندس؟ جنهن تي چيائين ته پاڻ واري ريسٽورينٽ تي نوڪري. مون چيو يعني مون کي بيراگيري ڪرڻي پوندي؟! راجا وراڻيو ته انهيءَ ۾ڪهڙو عيب آهي؟! اسان به ته اهڙائي ڪم ڪري اڳتي وڌيا آهيون. مون ڪيس چيو ته اهو ڪم مون لاءِ ڏکيو آهي ڇاڪاڻ ته منهنجي پنهنجي شهر ۾ هڪ ننڍڙي بادشاهي آهي ان کي ڇڏڻ مون لاءِ ڏاڍو ڏکيو آ.

اڄ شام جو ڇهين ٻجي ”Denny’s“ جو ڊسٽرڪٽ مئنيجر ”پرشانت“ ڪُونا اچي رهيو هو. هُو Maui beach کان اچي رهيو هو، ريسٽورينٽ جي انتظام جي جاچ پڙتال ڪرڻ جي ڪم سان. هُو هوندئن ته هر ريسٽورينٽ جي مئنيجر سان فون تي رابطي ۾ هوندو هيو پر وقفي وقفي سان مختلف ريسٽورينٽس جي وزٽ به ڪندو هو. مسٽر پرشانت جي باري ۾ راجا ٻُڌايو ته هو پهريائين لاس اينجلس ۾ ”Denny’s“ ۾ ڪم ڪندو هو. جتي هُو عليءَ جو ماتحت هوندو هو، پر بدقسمتيءَ سان علي ۽ سندس وچ ۾ اٽڪَٽ رهندي هُئي جنهن جي نتيجي ۾ عليءَ

ريسٽورينٽ مالڪ کي شڪايتون ڪري ڪري آخر ڪيس نوڪريءَ مان ئي ڪيڙائي ڇڏيو. نتيجي ۾ پريشانت، بيروزگاريءَ جي عالم ۾ دربدريءَ واري زندگي گذارڻ لڳو. هُو واقعي به ”پريشان“ ٿي ويو، ليڪن هن پوءِ به همت نه هاري ۽ مختلف جاين تي ڪم ڪندو رهيو ۽ ائين سندس تجربي ۽ اِسڪلز ۾ اضافو ٿيندو ويو. اتفاق سان ”Denny’s“ کي ”هوائي“ ۾ ڊسٽرڪٽ مئنيجر جي ضرورت پئي جتي هن وري اپلاءِ ڪيو ۽ اپائينٽ ٿي ويو. وقت جي ستم ظريفي جو لاس اينجلس ۾ هُو عليءَ جي ماتحت هوندو هو ۽ سدائين سندس عتاب جو شڪار رهندو هو ۽ هِتي هُو سندس ”باس“ ٿي آيو هو. پريشانت راجا جو يار هيو ۽ سندس عزت ڪندو هو. راجا ٻُڌايو ته پريشانت اڪثر ڪيس هوٽل مئنجمينٽ جا گُر سيکاريندو رهندو هو مگر سندس پاءُ عليءَ ڪڏهن به ان معاملي ۾ سندس رهنمائي نه ڪئي. علي جڏهن لاس اينجلس ۾ نيڪ ناڪ حيثيت جو مالڪ هُيو تڏهن هُن راجا کي پنهنجي ريسٽورينٽ جي ويجهو به اچڻ نه ڏنو، اُلٽو هُو ڪيس اِهو باور ڪرائيندو هو ته، ريسٽورينٽ مالڪ ساڻس اهو ايگريمينٽ ڪيو آهي ته هو ڪنهن به فيملي ميمبر کي ريسٽورينٽ ۾ نوڪريءَ جي حوالي سان اِن نه ڪندو. وقت وقت جي ڦيري واري ڳالهه مطابق اڄ وري علي، ريسٽورينٽ مالڪ جي ايترو ويجهو نه هو جيترو راجا ۽ پريشانت هئا.

شامَ جو پوڻين ڇهين بجي راجا ۽ مان ايئرپورٽ آياسي. ڇهين بجي هڪ ننڍو جهاز ڪنهن ٻي ٻيٽ مان اچي هِن ايئرپورٽ تي لٿو. هِن جهاز ۾ پريشانت اچي رهيو هو. راجا ٻُڌايو ته هتي سگريٽ مهانگا ملندا آهن انهيءَ ڪري هُو لاس اينجلس مان سندس لاءِ ڪافي مقدار ۾ سگريٽ هول سيل تان وٺي آيو آهي. جنهن جي ادائگي هُو ڪيس ڪندو. ايئرپورٽ تان پريشانت کي ڪٺي اسان سڌو گهر آياسي. راجا پريشانت کي عليءَ جي گهر ڇڏي آيو مان هيٺ راجا جي گهر ۾ ريسٽ ڪرڻ لڳس. ٿوري ئي دير ۾ راجا کي ننڊ وٺي وئي. راجا جو موبائيل فون فارغ هُيو ان ڪري مون سوچيو ته ڇونه خيرپور ۾ موجود پنهنجي دوستن سان ڳالهائي وٺجي. آمريڪا ۾ هنن ڏهاڙن ۾ رهندي مون پنهنجو موبائيل خريد ڪونه ڪيو هو، بس راجا واري موبائيل مان ڪم ٽپائيندو هئس. مون راڻيپور ۾ موجود پنهنجي دوست ڊاڪٽر غلام

اڪبر سوڏڙي، خيرپور ۾ رهندڙ پنهنجن دوستن ضمير لاشاري ۽ امر اقبال ڏانهن فون ڪرڻ لاءِ ميسيج ڪَيا. ٿوري ئي دير ۾ واري واري سان انهن جا فون اچي ويا. ٿنهي جو پهريون سوال اهو هو ته آمريڪا ۾ صدارتي اليڪشن ڪيئن رهي؟ مون ساڻن ڪجهري ڪئي، حال احوال ڏنا ۽ ورتا ۽ ٿوري دير ڪانپوءِ آرام ڪرڻ لاءِ سمهي پيس.

ڇهين نومبر جي صبح جو مان جيئن ئي سجاڳ ٿيس ته ڏٺم ته راجا ستو پيو هو، سندس شامَ جي ڊيوٽي هئي. مون شڪاگو ۾ رهندڙ ڊاڪٽر مبارڪ ميرجت کي فون ڪري ٻُڌايو ته مان پندرنهن نومبر تي شڪاگو ايندس. هن چيو ته اسان کي تنهنجي اچڻ جو انتظار آهي. ساڳي ئي وقت مون خيرپور سان تعلق رکندڙ شڪاگو ۾ رهندڙ هڪ ٻي دوست شنڪر لعل هرياڻي سان به ڳالهايو ۽ پوءِ ڇانهه جو ڪوپ ڪٽي تي وي ڏسڻ لاءِ ويهي رهيس. منجهند جو ٻي بجي راجا تيار ٿي پنهنجي ڊيوٽيءَ تي هليو ويو ۽ مان وري تيار ٿي اڪيلو واڪ ڪندو ”علي ڊرائيو“ هليو آيس جتي به ڪلاڪ ڪن هيڏانهن هوڏانهن آواره گردي ڪندو رهيس. مختلف جوڙا هڪ ٻئي جي ڇيلهين ۾ ٻانهون وجهيو گهمندي ڦرندي نظر آيا. مان اڪيلو اڪيلو پسار ڪندو ٿڪيو هاريو واپس ريسٽورينٽ موٽي آيس. ان وقت راجا پنهنجي آفيس ۾ مسٽر پريشانت ڪان هوٽل مئنيجمينٽ جي حوالي سان ٽريننگ وٺي رهيو هو. ڪم مان فارغ ٿي راجا مون وٽ آيو ۽ اسان مختلف حال احوال ڪرڻ لڳاسي. راجا پنهنجي هاڻوڪي نوڪريءَ جي پس منظر بابت ٻُڌايو ته هو جڏهن لاس اينجلس ۾ ڪم ڪندو هو تڏهن هُن جي ”Denny’s“ جي مالڪ ”AJ“ سان عليءَ جي ڪري رسمي دعا سلام هوندي هئي. هڪ ڏينهن اوچتو ”AJ“ جو فون اچي ويو جنهن کيس چيو ته ”وينچورا ڪائونٽي“ ۾ سندس گهر اچ ته ڪچهري ڪريون. راجا ٻُڌايو ته مسٽر ”AJ“ وٽ ڪچهري ڪندي هُن کيس آفر ڪئي ته هُو هوائي ۾ موجود سندس ريسٽورينٽ جي مئنيجر جي حيثيت سان ذميداري قبول ڪري. راجا کيس چيو ته هن کي هوٽل مئنيجمينٽ جي حوالي سان ڪوئي تجربو ڪونهي، اِهو سَڀُ ڪجهه ڪيئن ڪري سگهندو؟ ”AJ“ کيس چيو ته ”ڪوئي مسئلو ناهي تون جلد ئي سڀ ڪجهه سکي ويندين“. ۽ ائين پوءِ راجا سندس آفر قبول ڪندي هوائي هليو آيو جتي اچي ”ڪونا“ ۾

هُنَ پنهنجي نئين نوڪريءَ جو آغاز ڪيو. راجا ٻُڌايو ته اُها مئي 2008ع جي ستاويهين تاريخ هُئي جڏهن هُن ”ڪونا“ ۾ نوڪري جوائن ڪئي هئي.

جُون 2008ع جي پهرين هفتي ۾ مون کي راجا ڏانهن لاس اينجلس وڃڻو هو ڇو ته لاس اينجلس ۾ ”روٽري انٽرنيشنل“ جو ساليانو ڪنوينشن ٿي رهيو هو جنهن ۾ مون کي شرڪت ڪرڻي هئي پر راجا جي اوچتو لاس اينجلس کي ڇڏي هوائي اسٽيٽ ڏانهن ڪوچ ڪرڻ سبب مون لاس اينجلس وڃڻ جو پروگرام ڪينسل ڪري ڇڏيو هو. هوڏانهن راجا جيئن ئي ”ڪونا“ پهتو، مئنيجر جي حيثيت سان نوڪريءَ جو آغاز ڪيائين ته اوچتو ڪونا ۾ موجود ”Denny’s“ ريسٽورينٽ جي جنرل مئنيجر جي سيٽ خالي ٿي وئي ڇاڪاڻ ته انهيءَ سيٽ تي موجود شڪاگو جو گورو واپس شڪاگو هليو ويوهو. هُو ڏاڍو محنتي ماڻهو هو سندس وڃڻ سبب جنرل مئنيجر جي سيٽ خالي پئي هئي. نيڪ انهن ئي ڏينهن ۾ لاس اينجلس ۾ علي ۽ ”AJ“ جي وچ ۾ ڪنهن ڳالهه تان جهيڙو ٿي هو پيو، معاملو ڪورٽ تائين پهتو هو ۽ ”AJ“، عليءَ کي نوڪري مان ڪڍي ڇڏيو هو ۽ هُو فارغ وينو هو. ”AJ“ هڪ دفعو ٻيهر عليءَ کي موقعو ڏيندي، جنرل مئنيجر بڻائي ”ڪونا“ موڪليو. هِن کان اڳ لاس اينجلس ۾ علي، ”AJ“ سان آپريٽنگ پارٽنرطور به ڪم ڪري چُڪو هو ۽ انهيءَ حيثيت سان جڏهن هُو ”ڪُونا“ وزٽ ڪرڻ ايندو هو ته وڏي رعب ۽ دٻدٻي سان ايندو هو ۽ هتي اچي مالڪ جي گهر ۾ رهندو هو ۽ هاڻ ساڳيو علي جنرل مئنيجر جي حيثيت سان هڪ ملازم جي روپ ۾ ڪم ڪري رهيو هو. اتفاق وري اهڙو جو هنن ئي ڏينهن ۾ ”Denny’s“ جو ڊسٽرڪٽ مئنيجر نوڪري ڇڏي ويو. راجا جي صلاح تي ”AJ“، مسٽر پريشانت کي ڊسٽرڪٽ مئنيجر طور مقرر ڪيو. وقت وقت کي سلام آهي جو هڪ دفعو وري، علي، راجا، پريشانت، اِهي سيئي پڙ اچي هتي گڏيا هُئا، حالانڪ راجا پاڻ عليءَ کان پري رهڻ چاهيو پئي پر ڇا ڪجي جيڪو جيڪو قسمت ۾ لکيل هوندو اهو ته ٿيندو نه!.

شامَ جا تقريباً ٿي ٿي رهيا هئا. ريسٽورينٽ ۾ ڪوئي گراهڪ ڪونه هو پر سيئي ايئرڪنڊيشنر هلي رهيا هُئا. مسٽر پريشانت چيو ته سيئي ايئرڪنڊيشنر هلائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي جڏهن ماڻهو ئي

ڪونہ آهن. انهيءَ وقت هڪ خوبصورت ڇوڪري نوڪريءَ لاءِ انٽرويو ڏيڻ آئي. ٽي ڏهاڙا اڳ راجا انهيءَ ڇوڪريءَ جي ماءُ کي ”سرور“ جي حيثيت سان هتي نوڪري ڏني هئي. راجا ڪائنس بہ مختصر انٽرويو ورتو ۽ چيو تہ سڀاڻي کان اچي ملازمت ڪر. شامَ جا پاڇا لڙي رهيا هُئا مان ٽڪجي پيو هوس ان ڪري راجا جن کان موڪلائي گهر هليو آيس. هتي پبلڪ ٽرانسپورٽ ڪونهي ان ڪري يا تہ پنهنجي گاڏي هجي يا وري پنڌ کي ڇڪجي، يا وري رستي تي بيهي ايندڙ گاڏين کي آڱوٺو ڏيکاري لفٽ گهرجي. مون پنڌ ڪرڻ ئي مناسب سمجهيو ۽ هوريان هوريان گهر هليو آيس. هوڏانهن سج بہ هوريان هوريان وسيع سمنڊ پنيان لهڻ جي ڪري رهيو هو.

# ڪُونا جي ڪافي ۽ ڪلچرل فيسٽيول

ڪُونا ۾ گذريل ستٽيهه سالن ڪان هر سال، سَتين ڪان سورنهن نومبر تائين، ”ڪونا ڪافي ڪلچرل فيسٽيول“ منعقد ٿيندو آهي. ڪافي، ڪُونا جي سڀ ڪان اهم پيداوار آهي ۽ ڪافي ۽ ڪافيءَ مان ٺهندڙ ٻين شين کي پروموٽ ڪرڻ لاءِ هي فيسٽيول هر سال ”هوائي ٽوئرزم اٿارٽي“ پاران منعقد ڪيو ويندو آهي. ڪالهه مون سان پوڙهي فلپينو ملي هُئي جنهن چيو هو ته سُڀاڻي ستين نومبر ڪان فيسٽيول جي شروعات ٿي رهي آهي ۽ مان توکي هي فيسٽيول گهمائيندس. هُن مون سان شامَ جو ”علي ڊرائيو“ تي ملڻ جو پروگرام ناهيو هو. ستين نومبر تي منجهند جو راجا پنهنجي ڊيوٽيءَ تي هليو ويو ۽ مان شامَ جو ڇهين بجي ڌاران پنڌ ڪندو ”علي ڊرائيو“ پهچي ويس. ”علي ڊرائيو“ ايترو وڏو علائقو نه هُيو. هتي ڪوئي به ڪنهن کي آرام سان ڳولهي پئي سگهيو. فيسٽيول جي پهرين ڏينهن تي ”علي ڊرائيو“ جا رُوپ سَرُوپَ ڪجهه مختلف محسوس ٿي رهيا هئا. رستي کي عام ٽريفڪ لاءِ بند ڪيو ويو هو، هنڌين هنڌين پوليس مقرر ٿيل نظر آئي. رستي جي ٻنهي پاسن ڪان ماڻهن جا انبوهه نظر اچي رهيا هئا. خوبصورت ڇهرا جوڙن جي صورت ۾ گهمندي ۽ قرب وندبيندي نظر اچي رهيا هئا. مان ”علي ڊرائيو“ جو هڪ چڪر هڻي، ٽڪجي هڪ ڪنڊ ۾اچي ويهي رهيس. ٿوي دير ڪان پوءِ مکيه رستي تي مختلف ننڍا ننڍا جُلوس ۽ فلوٽ اچڻ شروع ٿي ويا. هر فلوٽ جي سامهون انهن جي اداري جو بينر لڳل هيو.هڪ جلوس ڪونا ۾ پڙهندڙ فلپائينين جو به هيو. جُلوس ۾ شامل ماڻهو مختلف، رنگبرنگي لباسن ۾ هيا ۽ آس پاس وارن ماڻهن ۾ چاڪليٽ، ٽافيون ۽ ڪافي فليور واريون ٻيون شيون ورهائيندا ٻئي ويا. هڪ مخصوص هالَ ۾ ڪافي فيسٽيول جي تقريب رٿيل هئي، انهيءَ هال جي ٻاهران ئي مون کي پوڙهي فلپينو ملي وئي، هُن منهنجي لاءِ ۽ پنهنجي لاءِ ٽڪيٽون خريد ڪيون ڇاڪاڻ ته هال ۾ ٽڪيٽ ذريعي انٽري هئي. هال جي ٻاهران مون نظر ڦيرائي، مان اڪيلو ايشين نظر

اچي رهيو هوس. مقامي توڙي ٻين اسٽيٽس کان آيل ماڻهن جا هشام هُيا جيڪي ”ڪونا ڪافي ڪلچرل فيسٽيول“ جي رنگن کي انجواءِ ڪرڻ لاءِ پهتل هُئا. هالَ جي سامهون واري ڪليل ايراضيءَ ۾ نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو هڪ ٽولو ”هوائي ڊانس“ ڪري رهيو هو. هالَ ۾ اندر داخل ٿياسون،سامهون ئي هڪ وڏي خوبصورت اسٽيج نهيل هُئي جڏهن ته حاضرين لاءِ ويهڻ جو ڪوئي انتظام نه هُيو، سيئي بيٺي بيٺي اسٽيج پرفارمينس ڏسي ۽ ڊانس ڪري رهيا هئا. اسٽيج تي سڀ کان پهريان تقريرون ٿيون، ايوارڊ تقريب ٿي ۽ بعد ۾ ميوزڪ کي وقت ڏنو ويو (هيءَ ساڳي تقريب مون ٻن ڏينهن کان پوءِ ٽي وي چينل تي ڏٺي هئي) مان فلپينو سان گڏ ٻن ڪلاڪن تائين فيسٽيول ۾ گهمندو رهيس. هوائي ٽوئرزم اٿارٽي پاران انٽيهين سالياني فيسٽيول جي موقعي تي هڪ خوبصورت سووينئر پڻ شايع ڪيو ويو هو. جنهن ۾ اسٽيٽ آف هوائي جي گورنر، ميئر ۽ فيسٽيول پريزيڊنٽ جا پيغام پڻ شايع ڪيا ويا هئا. ڪونا ۾ ڪافيءَ جي پيداوار کي هڪ انڊسٽريءَ جي حيثيت حاصل آهي جنهن کي اسٽيٽ جي مڪمل سرپرستي حاصل آهي. ڪافيءَ جي اپت ”ڪُونا“ ۾ 1828ع کان شروع ٿي ۽ اهڙي طرح 2008ع ۾ ”ڪونا“ ۾ ”ڪافي جا 180 سال“ مڪمل ٿي رهيا هئا. ڪافي فيسٽيول جي موقعي تي هر سال ”Grand Parade Marshal“ ايوارڊ ڏنو ويندو آهي. جيڪو ايوارڊ هن سال 2008ع ۾ هڪ 84 ساله بزرگ ”Mitsyo Nagai“ کي ڏنو پئي ويو. هي بزرگ 1977ع کان وٺي پنهنجي گهرواري ۽ ٽن ڌيئن سميت ”گرانڊ پيريڊ“۾ حصو وٺي رهيو هو، جيڪا پيريڊ هر سال مختلف فلوٽس جي صورت ۾ هِن موقعي تي منعقد ٿيندي پئي اچي.

ڪونا ۾ ڪافي جي پيداوار گهڻو ڪري اتر ۽ ڏکڻ ڪونا ۾ٿئيءَ زمينون جتي ڪافيءَ جي پيداوار ٿئي ٿي اهي ”Kamehameha Schools“ جي ملڪيت آهن. هي غير سرڪاري ٽرسٽ تحت هلندڙ اسڪول آهن. هي ٽرسٽ 1984 ۾ ”King Kamehameha“ جي پڙپوٽي ”Princess Berince Pauahi Bishiop“ پاران قائم ڪيوويو. ڪافيءَ جا وسيع کيت ”ڪونا ڪافي پروڊڪشن“ کي ليزنگ تي ڏنا ويندا آهن ۽ انهن مان حاصل ٿيندڙ آمدني هوائي جي ٻارن جي تعليم تي خرچ ڪئي ويندي آهي. ڪونا ۾ ساليانی ڪافي ڪلچرل فيسٽيول جو آغاز 1970ع

ڪان ٿيو. هن فيسٽيول ڪي هر سال مختلف حوالن سان، مختلف تقريبن جي صورت ۾ مختلف ڏينهن تي، مختلف جاين تي ملهايو ويندو آهي. هونئن ته ڪونا فيسٽيول ست ڪان سورنهن نومبر تائين ملهائبو آهي، پر اهڙي قسم جون مختلف تقريبون پهرئين نومبر ڪان ئي شروع ٿي ويندون آهن ۽ سورهين نومبر تائين ”ڪُونا“ جي مختلف جاين تي منعقد ٿينديون آهن. ڪافي فيسٽيول جي حوالي سان اهڙين تقريبن ۾ اسڪولي ٻارڙن ۾ ڪونا ڪافي اسڪالرشپ جي ورهاست، ٽريننگ ورڪشاپ، ڪافي فارم ۽ ملز جا ٽوئر پروگرام، ثقافتي پروگرام، مِس ڪُونا ڪافي ايوارڊ، ڪافي جي ڪيتن مان ڪافي چُونڊڻ جا مقابلا، ڪونا جي ماهر بورچين جي وچ ۾ ڪافي مان نهيل کاڌن جي پچائڻ جا مقابلا، ڪُونا جي ڪافي وائين جي ذائقي جا مقابلا، ڪافيءَ جي ٻجن، بوتن ۽ رنگن سان سينگاريل هٿ جي هنرن جا مقابلا، ڪونا ڪافي لائيف اسٽائيل جي حوالي سان پينٽنگس جا مقابلا، ڪافيءَ جي اُپت جي حوالي سان ٽرينگ جا ڪورس، ڪافي رقص جا مقابلا، ڪونا هسٽاريڪل سوسائٽي پاران منعقد ڪيل ”Kona Cofee living historical farm tour“ گُلن ڪي سينگارڻ جا مقابلا، ڪوناڪافي ڪائونسل پاران ڪاڏي پيتي جون تقريبون، ڪافي ٽيلينٽ نائيٽ، ڪافي ڊوڙ مقابلا، اسڪولي ٻاررن جي گرانڊ پيريڊ، مختلف ڳوٺن ۾ تقريبون، ڪافيءَ جي بُنيادي آبادگارن جي ياد ۾ تقريبون، مختلف جاين تي گرانڊ ميوزيڪل ڪنسرٽ، اشاعتون، پوسٽ ڪارڊ، ڪونا ڪافي ٽوئر، تصويري نمائشون ۽ ٻيون انيڪ دلچسپيون هِن فيسٽيول جون سالن ڪان حصو رهنديون ٿيون اچن. مون ڪي هن موقعي تي پنهنجي شهر خيرپور جون ڪارڪون ڏاڍو ياد آيون. جيڪي حڪومت جي عدم دلچسپيءَ جي ڪري پروموٽ ٿي نه سگهيون آهن. جيڪڏهن خيرپور ۾ ”ڪونا ڪافي ڪلچرل فيسٽيول“ جي طرز تي هر سال ”خيرپور ڪارڪن جو ثقافتي ميلو“ لڳايو وڃي. حڪومت پاران ڪارڪن جي آبادگارن ڪي گهربل سهوليتون، قرض ۽ تربيتون ڏنيون وڃن، ڪارڪن مان نهندڙ مختلف پراڊڪٽس جون فيڪٽريون قائم ڪيون وڃن، ڪارڪن ۽ ڇوهارن جي پرڏيهي واپار جا جوڳا بندوبست ڪيا وڃن، ڪجي جي حوالي سان ڪوجنائي ادارا قائم ڪيا وَڃن ته ڪوئي شڪ ناهي ته مُلڪان مُلڪ مشهوري رڪندڙ اسان

جي ڪجي گهٽ ۾ گهٽ خيرپور واسين لاءِ خوشحالي جو اهڃاڻ بڻجي سگهي ٿي.

ڪونا ڪلچرل فيسٽيول جي حوالي سان هن ساليانيءَ خوشيءَ کي ملهائڻ لاءِ هڪ بورڊ آف ڊائريڪٽرز ۽ ڪيٽريون ئي سب ڪاميٽيون جُڙيل هُيون جڏهن ته مختلف ڪمپنين خاص ڪري ڪافيءَ جي صنعت، ڪافيءَ سان وابسته پراڊڪٽس ۽ ڪافي هائوسز جو سهڪار به هن سموري سفر ۾ شامل پئي رهيو. ڪونا جي ڪافي 2003ع کان آمريڪا جي وائيٽ هائوس ۾ پڻ باقاعدگي سان پيش ڪئي ٿي وڃي. هن سال "مس ڪونا ڪافي – 2008ع" جو ايوارڊ هڪ خوبصورت شاگردياڻي "Malia Pucong" کي ڏنو پئي ويو. اها ڳالهه به دلچسپ هُئي ته جاپان سان جاگرافيائي ويجهڙائيءَ کي ثقافتي واجهڙائيءَ ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ گذريل جون ۾ ستين ساليانيءَ "يوڪوهاما - هوائي فيسٽيول" جي موقعي تي جاپان ۾ پڻ "ڪونا ڪافي ڪلچرل فيسٽيول" منعقد ڪيوويو،جڏهن ته ايندڙ سال لاءِ جاپان ۾ انهيءَ ميلي کي اجان به وڏي پئماني تي رٿيو ويوآهي.هتي "Shawn Steimans" نالي ان نوجوان ليکڪ جو ذڪر ضرور ڪجي جنهن تازو ئي "The Hawaii Cofee Book A Gournment's Guide from Konato Kauai" نالي هڪ تحقيقي ڪتاب لکيو آهي جيڪو "ڪافي" جي حوالي سان هڪ تحقيقي ٿيسز آهي ۽ هُو يونيورسٽي آف هوائي سان پوسٽ ڊاڪٽورل فيلو جي حيثيت سان واڳيل آهي. مان "علي ڊرائيور" تي جهوني فلپينو سان گڏ به ڪلاڪ کن هيلوڪي فيسٽيول جا ڪجهه رنگ پسي رات جو ائين بجي "Denny's" تي آيس. ريسٽورينٽ ماڻهن سان ڀريل هُيو، ڏاڍي رش نظر آئي، شايد اها رش اڄوڪي فيسٽيول جي ڪري هئي، مون ڏٺو ته علي، بورچيءَ جي ڊريس ۾ ڪوڪنگ ۾ مصروف هيوجڏهن ته ڊسٽرڪٽ مئنيجر مسٽر پريشانت وري بيري وارو ڪم ڪري رهيو هو. ڪالهه جيڪا ڇوڪري راجا وٽ انٽرويو ڏيڻ آئي هئي اُها به اڄ ڪم ۾ مصروف نظر آئي. ريسٽورينٽ ڏانهن ايندي مون ڪجهه دير اڳ رستي ۾ هڪ همراهه کي بينر سميت بيٺل ڏٺو هو. سندس هٿن ۾ جهليل بينر تي لکيل هيو. "X–lay need a bear" هُو پڪ سان ڪو موالي هيو ۽ نشي پتي جي کوٽ سبب بينر ڪڍي صدا هڻي رهيو هو. مون کي پنڻ جو اهو نئون

طريقو محسوس ٿيو. رات جو جيئن ئي ريسٽورينٽ تي رش جهڪي ٿي مان ”اميندا“ سان ڪچهريءَ ۾ ويهي رهيس. اميندا مون کي چيو تہ ايندڙ آچر تي سندس ڊيوٽي تان موڪل آهي ۽ هُوءَ انهيءَ ڏهاڙي تي مون کي گهمائڻ ڦيرائڻ وٺي ويندي مون سندس ٿورا مڃيا. رات جو ٽين بجي جيئن راجا ڊيوٽيءَ مان فارغ ٿيو تہ اسان گهر واپس هليا آياسي.

# ”هيلو“ ڏانهن پنڌ ۽ ”والڪينوز“ جا احوال

ٻئي ڏينهن صبح جو تيار ٿي مان ۽ راجا رستي ۾ بينڪ ۾ پئسا جمع ڪرائيندا اچي ريسٽورينٽ پهتاسي. رستي ۾ فريد جو فون اچي ويو جنهن ٻُڌايو تہ شڪاگو ۾ سخت سردي آهي. ريسٽورينٽ تي جهٽ ڪن ويهي اسان هڪ شاپنگ سينٽر آياسي. جتي اسان کي جُهوني فلپينو جي ساهيڙي ”Madonna Oandasan“ ملي. هن مونکي ٻُڌايو تہ فلپينو ايندڙ آچر تي مون کي ”Hilo“ وٺي وڃڻ جو پروگرام ناهيو آهي. جيڪو ڪُونا کان اڍائي سؤ ميل پَري ٻي ڪنڊ تي واقع آهي. ميڊونا چيو تہ ”هي خوبصورت شهر آهي توکي گهمندي ڏاڍو مزو ايندو“. مون سندس ٿورا مڃيا ۽ هُن چيو تہ پروگرام کي حتمي شڪل شامَ جو ڏينداسي. رات جو مان ريسٽورينٽ تي ئي هُيس جو سنڌ مان منهنجي ڀائٽي اختر منگي ۽ منهنجي نياڻي رابيل جا فون اچي ويا مون ساڻن ڪچهري ڪئي، گهر جا حال احوال ورتا ۽ کين پنهنجي سفر متعلق ٻُڌايو، ٿوري دير ۾ جهوني فلپينو اچي وئي، جنهن چيوتہ ”سڀاڻي تيار رهجان، مان صبح جو ستين بجي تو وٽ ايندس ۽ پوءِ پاڻ ”Hilo“ هلنداسون“ مون ساڻس طئہ ڪيو، ٿوري دير ڪچهري ڪئي ۽ پوءِ راجا کان موڪلائي اڪيلو اڪيلو گهر ڏي پنڌ پيس. اڄ ڇنڇر جو ڏينهن جو، رستي ۾ اڪثر عورتن کي سموڪنگ ڪندي ڏسي مان سوچ ۾ پئجي ويس تہ ڪُونا جون عورتون ايتري سموڪنگ ڇوٽيون ڪن؟ اهو سندن شوق آهي يا ڪائي فرسٽريشن؟ بهرحال مان گهر پهچي ٿوري دير لاءِ ٽي وي ڏسڻ ويهي رهيس. بي تحاشا رش ۽ ڊسٽرڪٽ مئنيجر جي اُتي هجڻ سبب راجا پنهنجي ڊيوٽيءَ تان دير سان موٽي اچي سمهي پيو.

صبح جو اسان اجان گهري ننڊ جا مزا ماڻي ئي رهيا هئاسي تہ اسان جي گهر جي ٻاهران هڪ نئين بليڪ رنگ جي شاندار ڊبل ڪئبن گاڏي اچي بيٺي. گاڏيءَ جي آواز تي مون کي جاڳ ٿي وئي، گڏوگڏ راجا بہ سجاڳ ٿيو.مون گهر جي ٻاهر ڪلنڊڙ دريءَ مان نهاريو، جُهوني فلپينو ۽ سندس ساهيڙي ”ميڊونا“ ٻاهر بيٺيون هيون. راجا مون کي چيو تہ

جلدي ڪر ۽ بنا ڪنهن ديرجي تيار ٿي وٺ چاڪاڻ ته هتي انهيءَ ڳالهه کي تمام گهڻو برو سمجهيو ويندو آهي ته ڪوئي مُقرر ڪيل وقت تي اچي ۽ اڳلو اجا تيار ئي نه ٿيو هجي. بهرحال اسان تڙ تڪڙ ۾ تيار ٿياسي جلديءَ ۾ اچي گاڏيءَ ۾ ويناسون. جُهوني فلپينو ۽ ميڊونا سان حال احوال ڪياسي. مون گاڏيءَ ۾ ٻنيهه ڊالرن جو پيٽرول پرايو جيڪي تقريباً 2688 روپيه پاڪستان ٿي رهيا هئا. اڄ اسان جو سفر "Hilo" ڏانهن هُيو. جيڪو ڪُونا جي ٻئي ڇيڙي تي لڳ ڀڳ اڍائي سؤ ڪن ميلن جي پنڌ تي واقع هڪ خوبصورت شهر هيو. "هيلو"، هوائي بگ آئليند جي اتر – اوڀر ڇيڙي جي آخر تي واقع هيو. جڏهن ته ڪُونا، هوائي جي اتر اولهه ۾ واقع هُيو، اهڙي طرح اسان کي ڪونا کان هيلو، پهچندي هِڪ پوري اڌ گول جيترو سفر طئه ڪرڻو هُيو. هيلو ڏانهن ويندي اسان رستي ۾ ڪيترائي خوبصورت ماڳ مڪان ڏٺا، سمورو رستو سمنڊ جي ڪناري ڪناري سان هلي رهيو هو، جنهن ڪري سفر جو هڪ خوبصورت احساس اُڀري رهيو هو. اسان مختلف جاين تي گاڏي، روڪي فوٽوگرافي به ڪندا وياسي. ڪچهري ڪندا، کلندا ڳالهائيندا اسان تقريبا ساڍن ٽن ڪلاڪن ڪانپوءِ "هيلو" پهتاسي. رستي ۾ "برگر ڪنگ" نالي هڪ ريسٽورينٽ تان برگر ڪاڌاسي، جڏهن ته فلپينو، گاڏيءَ ۾ اڳوات فروٽ، جُوس، ڪولڊ ڊرنڪ ۽ ٽشو پيپر ساڻ کنيون آئي هئي. خير سان، اسان "هيلو" پهتاسي. سڀ کان پهريان "KAN'S" نالي هڪ فاسٽ فوڊ شاپ تان ڪاڌو ڪاڌوسي جنهن جو بل انيتاليهه ڊالر آيو جيڪو مون ڪريڊٽ ڪارڊ ذريعي ادا ڪيو. فاسٽ فوڊ شاپ مان ٻاهر نڪتاسي ته هڪ بورڊ نظر آيو جنهن تي لکيو هُيو "والڪينوز، 29 ميل". مون جُهوني فلپينو کي چيو ته ايڏانهن به هلڻ گهرجي، جهونيءَ چيو ته تون فڪر نه ڪر اسان توکي ايڏانهن به وٺي هلڻ جو اڳوات ئي رٿي ڇڏيو آهي. "هيلو" جاروڊ رستا گهمندي ۽ هِن خوبصورت شهر جون حسناڪيون پنهنجين اکين ۾ سميٽيندي اسان "جيپنيز پارڪ" ۾ آياسي. انتهائي خوبصورت پارڪ جيڪو جاپان جي پارڪن جي طرز تي ٺهيل هُيو (مون کي ڪئي سال اڳ ڪيل جاپان جو سفر ياد اچي ويو) ڍنڍن جي بيهڪ، آرچ نما پُليون، وڻن ۽ ٻوٽن جي ترتيب، گهڙيءَ لاءِ ايئن

محسوس ٿي رهيو هو جڻ اسين جاپان ۾ اچي ويا هجون. سامهون پٽل جي هڪ پليٽ نصب ٿيل نظر آئي جنهن تي اڪريل هيو.

LIL’DOKLANI GARDENS
Dedicated in 1917
To the memory of
Queen lil’uokoloani
and
Her Eduring Love
For Hawai’s People

هن خوبصورت پارڪ ۾ اسان تمام گهڻي فوٽو گرافي ڪئي. ”ميدونا“ مونکي چيو تہ فوٽو ڪيرائڻ مهل تون ايڏو سيريس ڇوٿو ٿي وڃين؟ جنهن تي راجا ڪيس چيو تہ هِن ڪي ان وقت پنهنجي گرل فرينڊ ياد اچي رهي آهي، جنهن تي ”ميدونا“ ٺهڪ ڏيندي چيو تہ جيڪڏهن اِهڙي ڳالهہ آهي تہ اجوڪي ڏينهن لاءِ توهان ٻئي اسان ٻنهي کي ئي ڪٽي پنهنجي گرل فرينڊس سمجهو. سندس انهيءَ جملي تي اسان جا ٺهڪ جاپاني پارڪ جي خوبصورت ماحول ۾ گلن جيان ٽڙي پيا. ”هيلو“ هوائي بگ آئيلينڊ جي اوڀارين پاسي جو ڪاروباري مرڪز آهي. جڏهن تہ هيلو، پنهنجي باغن، تاريخي جاين، ميوزمن، پارڪن ۽ خاص ڪري ”والڪينو نيشنل پارڪ“ جي ڪري سموري دُنيا جي سياحن جي دلچسپيءَ جو مرڪز رهندو پئي آيو آهي. هتي هر سال منعقد ٿيندڙ “Merrie Monarch Festival” پڻ ”هيلو“ جي زندگيءَ ۾ زندگيءَ جا رنگ ڀري ڇڏيندو آهي.هيلو جو ايئرپورٽ سدائين مصروف رهندو آهي جڏهن تہ سياحن لاءِ هيليڪاپٽر سروس بہ موجود رهندي آهي. تڪڙين برساتن سبب ”هيلو“ ۾ ساوڪ ۽ گُلن جي پيداوار جام ٿئي. اسان جنهن جاپاني پارڪ ۾ پيرَ ڌريا هئا اهو تقريباً ٽيهہ ايڪڙن تي ڦهليل هُيو جنهن ۾هوائي ۽ ٻاهران گهرايل وڻ ٻوٽا، پنڌ گهمڻ لاءِ Walk Ways، هترادو تلاءَ ۽ پُليون هِنَ پارڪ جي خوبصورتيءَ کي وڌائيندا رهيا هُئا ۽ پارڪ جي خوبصورتيءَ کي تہ اهي ڇهرا بہ وڌائي رهيا هُئا جيڪا هيڏانهن هوڏانهن گهمي ڦري رهيا هئا.

اسان هِنَ خوبصورت باغ ۾ مزي سان گهمي ڦري، والڪينوز ڏانهن رُخ ڪيوسي. ”والڪينوز نيشنل پارڪ“ جتي سڄي دنيا جا سياح آتش فشان جبلن مان نڪرندڙ لاوو ڏسڻ ايندا آهن. پارڪ ۾وڃڻ کان اڳ اسان هڪ انفارميشن سينٽر ۾ آياسي جتي هڪ سئنيما هال ۾ مُني ڪلاڪ جي هڪ دستاويزي فلم ڏيکاري وئي جنهن ۾ والڪينوز جي تاريخ ۽ انهن جي موسم تي پوندڙ اثرن بابت ڄاڻ ڏني وئي. هتي ئي گفٽ سينٽر بہ هُيو جنهن ۾ والڪينوز جي حوالي سان لکيل ڪتاب، سي ڊيز، وڊيو ڪئسٽون ۽ ٻيون يادگار شيون وڪامي رهيون هيون. مون هڪ ڪتاب هٿ ۾ ڪنيون جنهن جو نالو هيو “Hawai Land of Volcano” نيشنل پارڪ ۾ گاڏي جي داخلا لاءِ فيس هُئي پر جيئن تہ فلپينو وٽ معذورن وارو ڪارڊ هيو جنهن ڪري ڪائنس فيس نہ ورتي وئي. پڇا ڪرڻ تي هن ٻُڌايو تہ سندس تي دفعا خطرناڪ ايڪسيڊنٽ ٿيو آهي جنهن ۾ سندس الاهي جسماني نقصان ٿيو آهي اهو ئي سبب آهي جو هُنَ ڊاڪٽرن کان اِهو ڪارڊ جاري ڪرايو آهي جنهن ڪري ڪيس ماهوار ٻارنهن سؤ ڊالر الائونس پڻ ملندو آهي، جنهن مان هوءَ گذر سفر ڪندي آهي. والڪينوز ڏانهن ويندي اسان کي چؤ طرف دونهان نظر آيا. ”هوائي والڪينوز نيشنل پارڪ“ دُنيا جو خوبصورت، قدرتي ۽ متحرڪ والڪينو آهي جتي سموري دنيا جا سياح ايندا آهن. هي پارڪ وسيع ايڪڙن تي ڦهليل آهيءِ سمنڊ جي سطح کان 13677 فٽن تي واقع آهي. “Kilauca Caldera” هِن پارڪ جي دل آهي. پارڪ ۾ ئي “Volcano House” جي نالي سان هڪ خوبصورت قديمي هوٽل واقع آهي. اوچائيءَ طرف چڙهندي، جڏهن اسان آخري ٽڪريءَ تي پهتاسي تہ چوٽيءَ تان هيٺ نهاريندي هڪ وڏي کڏ مان دونهون نڪرندي نظر آيو، هتي ئي هڪ ميوزيم قائم ٿيل هيو جنهن جو نالو “Thomas Jaggar Museium” هيو. ميوزيم ۾ اندر والڪينوز جي مختلف دؤرن جا پٿر، هتان لڌل نادر شيون، والڪينوز جي قسمن جي حوالي سان دستاويزي فلمون ۽ ٻيون شيون نظر آيون. ٻاهر هڪ فلاحي اداري جي چندي لاءِ لڳل پيٽي نظر آئي جنهن ۾ مختلف سياح ڪجھ نہ ڪجھ وجهي رهيا هئا. واپسيءَ تي روڊ جي هڪ ڪنڊ وٽ اسان کي زمين مان دونهون نڪرندي نظر آيو ۽ ان ڪنڊ جي چوڌاري لوهي گرل لڳل نظر آئي. اسان گاڏي بيهاري ان

جي پرسان وڃي ويناسي. هينان، مٿي ايندڙ دونهون جيئن ئي اسان جي جسم کي لڳو ائين محسوس ٿيو ڄڻ ڪنهن پچندڙ ديڳ مان گرم ٻاڦ نڪري رهي هجي، يا وري ائين لڳي رهيو هو ڄڻ اسان ”اسٽيم باٿ“ وٺي رهيا هجون. واپسيءَ تي اسان ”والڪينوز هائوس“ تي بہ ڪجھ دير رُڪياسي، هن قديمي هوٽل جي پهرين فلور تي شاپنگ سينٽر نهيل هُيو جتي ”والڪينوز“ جي حوالي سان مختلف يادگار شيون وڪامي رهيون هيون. ٻُڌايو پئي ويو تہ هتي سدائين موسم ”Confused“ رهندي آهي. ”هوائي والڪينوز نيشنل پارڪ“ جون مختلف دلچسپيون ڏسي اسان واپس ورياسي. واپسيءَ تي الاهي دير ٿي وئي هئي رستي ۾ هڪ قديمي ماڳ ”The Hawaiian Heian“ تي ڪجھ گهڙيون ترسياسي. ”هيلو“ ۾ جيڪي ٻيون جايون سياحن جي دلچسپيءَ جو مرڪز آهن انهن ۾ هوائي ٽروپيڪل باٽنيڪل گارڊن، اميلوئا ايسٽرانامي سينٽر آف هوائي، ليمان ميوزم، ناني مائو گارڊن، پئسفڪ تاسونامي ميوزم، اڪاڪا فالس اسٽيٽ پارڪ، ڪائومانا ڪيتو، رينبو فالس، سينڪ ڊرائيو ۽ ڪجھ ٻيا ماڳ شامل آهن. سموري ڏينهن جو ٿڪُ ساڻ ڪري اسان رات جو واپس ڪونا موٽي آياسي. اسان جي سفرجي ساٿياڻين جو ڪنهن سُٺي جاءِ تي ماني کائڻ جو موڊ هُيو، سو اسان علي ڊرائيو جي شروعات ۾ ئي هڪ شاندار هوٽل ۾ اچي ويناسي. سيني ماني کاڌي ۽ والڪينوز جي دلچسپ سفر کي ساريو. پنجاھ ڊالر بل آيو. ماني کائڻ کان پوءِ ٻنهي مائُن اسان کي گهر ڇڏيو. اَڄُ ”Denny's“ تي هڪ خاص ڏينهن سيلبريٽ ٿيڻو هو جيڪو ڪجھ سببن جي ڪري نہ ٿي سگهيو هو. اصل ۾ اجوڪي ڏينهن تي ريسٽورينٽ جي سيني سرورس کي موڪل تي موڪلي انهن جي جاءِ تي ڪُونا جي پوليس کي ويٽرز جو ڪم ڪرڻو هيو، هُو چوويھ ڪلاڪن تائين اِها سروس ڏين ها ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ معاوضو ۽ ٽپ روٽري ڪلب کي ڊونيٽ ڪن ها. هي ايوينٽ روٽري ڪلب کي ئي منعقد ڪرڻو هيو. جيئن تہ مان روٽري جو ميمبر آهيان ۽ جيڪڏهن اها ايڪٽوٽي هتي ٿئي ها تہ مان هتان جي روٽري ميمبرس سان پڻ ملي سگهان ها. اجوڪي ڏينهن تي ”اميندا“ مون کي آئوٽنگ لاءِ وٺي وڃڻ جو چيو هو پَرَ صُبح سان جهونين سان گڏ ”هيلو“

طرف هلي وڃڻ سبب مون فون ڪري صبح سان ئي ”اميندا“ کي ٻُڌائي ڇڏيو هو تہ مان اڄ ساڍس هلي ڪونہ سگھندس.

اڄوڪو سفر منهنجي لاءِ ڏاڍو يادگار سفر ثابت ٿيو. زمين جي سيني تي صدين کان لاوو ۽ دونهون اوڳاڇيندڙ ”والڪينوز“ کي اکين سان ڏسي سچ پچ مان حيران ٿي ويو هُيس. قدرت واري هن ڪائنات کي عجب رنگن سان سينگاريو آهي ۽ هي رنگ پڻ ان جو حصو هُئا. رات جو مون کي جلد ننڊ اچي وئي ان ڪري مان ننڊ جي نيرين وادين ڏانهن نڪري ويس.

# ”ڪُونا“ ۾ گذاريل ڪي پَلَ، ڪي پَهرَ

اڄ راجا جي صبح جي ڊيوٽي هئي ان ڪري هُو سوير ئي تيار ٿي هليو ويو هو جڏهن ته مون دير تائين ننڊ ڪئي. ننڊ مان اُٿي چانهه پي، تيار ٿي جڏهن مان ٻاهر نڪتس ته مونکي مسٽر پريشانت پنهنجي سامان سميت ٻاهر بينل نظر آيو. مون ڪائنس حال احوال ورتو، چيائين ته اڄ سندس ”ماوي“ ٻيٽ ڏانهن اُڏام آهي ۽ ٿوري ئي دير ۾ راجا ڪيس هتان ڪٽڻ لاءِ اچي رهيو آهي. مان ساڻس ڪچهريءَ ۾ ويهي رهيس، ڏهن منٽن ۾ راجا اچي ويو. راجا مون کي به ايئرپورٽ هلڻ لاءِ چيو ۽ ائين اسان ٽئي ڄڻا تڪڙ ۾ ايئرپورٽ پهتاسي جهاز جي اڏام ۾ صرف ويهه منٽ باقي هئا. اسان مسٽر پريشانت کي جهاز ۾ روانو ڪري واپس پنهنجي ريسٽورينٽ هليا آياسي. رستي ۾ ٻن نوجوانن آڱوٺو ڏيکاري راجا کان لفٽ گهري، تڪڙي اسپيڊ ۾ اينڊڙ راجا گاڏيءَ کي ريورس ڪري کين لفٽ ڏني. انهن نوجوانن کي ”Denny’s“ جي پرسان ئي واقع ”Wall Mart“ وڃڻو هيو. ريسٽورينٽ پهچي راجا اُتان پئسا ڪنيان ۽ پوءِ اسان ٻئي گڏجي بينڪ آياسي. بينڪ ۾ ڪاروباري ماڻهن جو ڪائونٽر ئي الڳ هيو، ڪيشئر راجا کي سُڃاڻي، پئسا مشين ۾ وڌا، جلديءَ ۾ ڳڻپ ٿي وئي ۽ هُن رسيد راجا جي حوال ڪئي. هتي مون کي سڪن جي عجيب پيڪنگ نظر آئي. سؤ سڪن جو هڪ پيڪ بلڪل ڪارتوس نُما لڳي رهيو هو. بينڪ تان ئي اسان واپس ريسٽورينٽ آياسي. هتي ريسٽورينٽ تي اڳ ڪم ڪندڙ ”اتينا“ جنهن کي راجا جي پاءُ راجا جي لاس اينجلس وڃڻ ڪانپوءِ نوڪريءَ مان فارغ ڪري ڇڏيو هو. اُن وري وجي ليبر ڪورٽ ۾ ڪيس ڪيو هو ۽ ڪورٽ سڀوريءَ ”Denny’s“ وارن کان سندس نوڪريءَ متعلق ڪاغذ گهريا هئا. اهي چوويهه ڪاغذ هئا جيڪي راجا کي ڪورٽ ڏانهن فيڪس ڪرڻا هئا. اتفاق سان ان ڏينهن راجا وارن جي فيڪس مشين خراب ٿي پئي هئي. مان ۽ راجا پرسان ئي هڪ ڪمرشل فيڪس شاپ تي آياسي. جيڪي في پيج جا ٻه ڊالر وٺي رهيا هئا. جيڪو تمام گهڻو مهانگو هيو. راجا عليءَ کي فون

ڪري ٻُڌايو تہ هتي فيڪس تمام گهڻي مهانگي آهي. عليءَ ڪيس هڪ ٻئي دوڪان جو ڏس ڏنو جنهن جو نالو هيو "Office Mat" هي هڪ وڏو ۽ شاندار ڪميونيڪيشن سينٽر هيو. جتي آفيس ۾ استعمال ٿيندڙ سامان ۽ ڪميونيڪيشن جون مڙئي سهولتون موجود هيون. هتي فيڪس چارجز في پيج سوا ڊالر ۽ ٽيڪس الڳ وصول ڪئي پئي وئي. ڪاغذ فيڪس ڪري، رسيد وٺي اسان واپس ريسٽورينٽ هليا آياسي. هتي هڪ ڳالهہ مان پنهنجي پڙهندڙن سان شيئر ڪندو هلان تہ "Denny's" تي ڪم ڪندڙ سيني ويٽرس ڪي پنهنجيون پنهنجيون گاڏيون هيون. هتي ڪائي پبلڪ ٽرانسپورٽ يعني بسون ڪونہ هُيون صرف اسڪولن جون مخصوص بسون هُيون. باقي بہ اهڙيون بسون هيون جيڪي روزانو ڪونا ڪان هيلُو ۽ هيلُو ڪان ڪونا هلي رهيون هيون. جيئن تہ راجا جي صبح جي ڊيوٽي هُئي ان ڪري اسان شامَ جو جلدي گهر هليا آياسي. گهر ۾ آرام ڪري رات جو اسان گهمڻ ڦرڻ لاءِ نڪتاسي. اسان جو فلم ڏسڻ جو مُوڊ ٿيو، سئنيما هائوس وياسي پر ڪائي بہ فلم نہ وڻي بس ائين ئي گهمي ڦري رستي ۾ "ٽاڪوبيل" تان ميڪسيڪن فاسٽ فوڊ پارسل ڪرائي گهر هليا آياسي. اڄ راجا ڏي پورٽ وارن جو فون آيو تہ سندس گاڏي ڪيليفورنيا مان هتي پهچي چُڪي آهي. گاڏي ستاويهہ آڪٽوبر ڪان ڏهين نومبر تائين تيرهن ڏينهن جو سفر ڪري اڄ پهتي هئي. اڄ رات ڄامشورو مان سعيد منگي، مجيد سومري، ۽ فتاح دائود پوٽي جا مون ڏانهن فون آيا. جن سان ڳالهائي، حال احوال وٺي مان جهڙوڪر نئون سنئون ٿي ويس.

ٻئي ڏينهن صبح جو راجا سوير ئي ڊيوٽي تي هيلو ويو. مان بہ يارهين بجي ڌاران تيار ٿي ريسٽورينٽ تي آيس. جُهوني فلپينو (جنهن جو نالو اصل Epiania Sodumaino هيو، پر مان ڪيس "فلپينو" ئي سڏيندو هيس) اڄي رنگ جي ڪار ۾ تيار بيٺل نظر آئي، اصل ۾ راجا ڪيس ٻُڌائي ڇڏيو هيو تہ پورٽ تي ڪليفورنيا ڪان سندس گاڏي اچڻي آهي ۽ فلپينو ڪيس چيو هو تہ گاڏي رسيو ڪرڻ لاءِ پورٽ ڏانهن گڏ هلنداسون. هن ڪان اڳ هيلُو ڏانهن سفر ڪندي، فلپينو پري ڪان اسان ڪي "Kawai Hae" نالي هي پورٽ ڏيکاري چُڪي هُئي. راجا پنهنجي ڪم ۾ ڏاڍو مصروف هُيو ۽ ويچاري فلپينو ڏهين بجي ڪان ٻاهر بيٺي

انتظار ڪري رهي هئي. راجا مون کي چيو ته تون فلپينو سان وجي ڪمپني ڪر ته مان عليءَ کي وٺي اچان ته جيئن هُو هتي ڪم سنڀالي ۽ پاڻ ٽئي پورٽ هليا هلون. ٿوري دير ۾ علي اچي ويو ۽ پوءِ اسان روانا ٿياسي. هي ساڳيو ئي رستو هُيو جيڪو "هيلو" طرف وڃي رهيو هو. روڊ جي ٻنهي پاسن کان سڙيل پهاڙ جيڪي شايد صديون اڳ لاوو اوڳاڇي اهڙي حالت ۾ آيا هئا، نظر آيا. مون کي محسوس ائين ٿي رهيو هو جڻ اجا ڪالهه هنن پهاڙن جي سيني مان لاوو نڪتو هُجي. تقريباً پنجيتاليهه منٽن جي ڊرائيو ڪان پوءِ اسان "Kawai Hae Harbour" پهتاسي. اندر وڃڻ لاءِ سڃاڻپ ڪارڊ جي پُڇا ٿي رهي هئي. هتي مان پنهنجي واحد سڃاڻپ يعني پاسپورٽ گهر ئي رهائي آيو هيس ان ڪري مون کي ٻاهر رسيپشن وٽ قائم چيڪ پوسٽ وٽ ئي ويهڻو پيو، راجا ۽ فلپينو اندر ويا ۽ اڌ ڪلاڪ ڪن ۾ ڪاغذي ڪاروائي پوري ڪري گاڏي ڪاهي آيا. چيڪ پوسٽ تي ويٺي مون ڏٺو ته اندر ويندڙ ۽ ٻاهر ايندڙ گاڏين جا نمبر ۽ وقت نوٽ پئي ڪيا ويا. راجا جي گاڏيءَ ۾ پيٽرول ٿورو هُيو. اڳيان هڪ پوش علائقي مان گاڏيءَ ۾ پيٽرول وجهرايوسي ۽ پوءِ واپس پنهنجي ريسٽورينٽ آياسي. جتي اسان کي "اميندا" ملي هوءَ گهرو لباس ۾ ملبوس نظر آئي ۽ ڏاڍي خوبصورت لڳي رهي هئي. اميندا ٻڌايو ته هُوءَ هِتان ڪائڻ پيئڻ جو سامان خريد ڪرڻ آئي آهي. اميندا ڪاڏو وٺي هلي وئي ۽ مان راجا جي آفيس ۾ ويهي رهيس. آفيس ۾ هڪ ڇوڪريءَ جي نوڪريءَ لاءِ درخواست پئي هئي جنهن ۾ سڃاڻپ ڪارڊ جي جاءِ تي "Fedaled States of Micronesia" جو پاسپورٽ لڳل هُيو. مون راجا کي چيو ته غير ملڪي ڇوڪريءَ کي نوڪري ڪيئن ڏيندؤ؟ جنهن تي راجا ٻُڌايو ته هي جهڙوڪر آمريڪا جي ڪالوني آهي ۽ هتان جا ماڻهون هيڏانهن بغير ويزا جي ايندا آهن جيڪي نوڪري به ڪري سگهندا آهن. راجا وڌيڪ ٻُڌايو ته هن ڇوڪريءَ جو سڀاڻي هتي انٽرويو آهي. اَڄُ پورٽ تان موٽندي "فلپينو" پنهنجي دوست "ميڊونا" جون ڏاڍيون شڪايتون ڪري رهي هئي، شايد منجهن ڪان بدمزگي پيدا ٿي وئي هئي. اڄ مون ڏانهن خيرپور مان ضمير لاشاري ۽ ڄامشوري مان سعيد منگي جا فون به آيا. ريسٽورينٽ جي ٻاهران راجا جي ڪيلفورنيا مان آيل گاڏي ڏسي هڪ ويٽرس ڪيس مشورو ڏنو ته هڪ مهيني جي

اندر گاڏيءَ جي رجسٽريشن ڪرائي ”هوائي“ جي نمبر پليٽ حاصل ڪر نہ تہ ڏنڊ لڳي ويندءِ. ريسٽورينٽ تي ويٺي ڪچهري ڪندي هتي هوائي جي هڪ مشهور فن جو ذڪر نڪتو جنهن کي هتي “Temporary Body Art” چيو پئي ويو ۽ جيڪا خاص ڳالهہ ان حوالي سان مان هتي شيئر ڪرڻ چاهيندس تہ اِهو فن جنهن اسٽوڊيو ۾ پيش ٿي رهيو هو ان جو نالو هيو “Kona Henna Studio” اوهان ڄاڻڻ چاهيندا تہ اهو ڪهڙو آرٽ هُيو، تہ اهو مهندي هڻڻ جو فن هُيو، خوبصورت جسمن جي مختلف حصن تي مهنديءَ جا سهڻا چٽ ۽ ڊزائينون چٽڻ جو فن. ڪيڏي نہ عجيب ڳالهہ آهي تہ هوائيءَ ۾ مهندي (حنا) کي “Henna” ئي سڏيو پئي ويو. بهرحال، اڄ رات اسان گهر واپس آياسي رات جو دير سان ”وڏي اميندا“ پنهنجي هڪ بواءِ فرينڊ سان گڏ، فاسٽ فوڊ سميت، عليءَ جي ڪمري تي ڪچهري ڪرڻ آئي. راجا ڪيس ڏسي مون کي رازداريءَ واري انداز ۾ چيو اَڄُ هيءَ مائي بواءِ فرينڊ سان گڏ ڪچهري ڪرڻ آئي آهي. سياڻي وري اڪيلي ڪچهري ڪرڻ ايندي ۽ ٿيو بہ ائين جو ٻي رات دير سان ڏيڍ ٻجي ڌاران انهيءَ اميندا جي بواءِ فرينڊ عليءَ کي فون ڪئي هئي تہ اميندا مون سان جهيڙو ڪري الائي ڪيڏانهن هلي وئي آهي ڪٿي تو وٽ تہ ناهي آئي؟؟ عليءَ وري ڪيس ڏينهن رَٽُ هڻي چڙيو تہ نہ مون وٽ ڪونهي باقي تي سگهي ٿو تہ عبدل سان ڪيڏانهن نڪري وئي هجي. گهرحال اسان انهيءَ رات علي، اميندا ۽ سندس بواءِ فرينڊ سان ڪجهہ دير ڪچهري ڪري اچي پنهنجي ڪمري ۾ سمهي پيا هئاسون.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير پنجين ٻجي راجا الارم ذريعي ننڊ مان بيدار ٿيو. ڪيس سوير ”هئنڊي مئن“ کي ايئرپورٽ ڇڏڻو هُيو. جنهن جو هِتي “Denny’s” تي ڪم پورو ٿي ويو هو. راجا ڪيس سوير ئي ڇڏي واپس اچي سمهي پيو. صبح جو ستي ٻجي گاڏيءَ جي آواز تي منهنجي اک کُلي وئي. مون دريءَ مان ٻاهر ڏٺو تہ ”اتينا“ جي گاڏي بيٺي هُئي جنهن جا ٽائر مڪينڪ کولي رهيو هو مون واپس اچي راجا کي ٻُڌايو. راجا چيو تہ ”انهيءَ نياڳيءَ جي گاڏيءَ جا ٽيوب مون ايئرپورٽ تان موٽڻ مهل ڪٽي ڇڏيا آهن. هاڻي هڪ سؤ ڊالر خرچ پريندي ۽ وري ڪڏهن بہ اسان جي گهر جي اڳيان گاڏي نہ بيهاريندي....... تون چُپ ڪري آرام سان سمهي پئہ!“ مان چپ ڪري سمهي پيس، دير سان اسان ننڊ مان

اٿياسي، تيار ٿي راجا جي نئين گاڏيءَ ۾ ريسٽورينٽ آياسي جتي ”فلپينو“ ٻہ اچي وئي ۽ اسان گھمڻ ڦرڻ لاءِ نڪري وياسي. مختلف شاپنگ سينٽر، گھٽيون، روڊ، رستا، بنگلا (بنگلن ۾ وري اڪثر انبن جا وڻ نظر آيا جن جي نومبر جي مهيني ۾ انبڙيون لٽڪندي نظر آيون. ڏسندا، آواره گردي ڪندا اسان واپس ريسٽورينٽ موٽي آياسي.

# ڪي گهڙيون ”ڪوهالا“ ۾

نئين ڏينهن تي راجا صبح جو سوير تيار ٿي ريسٽورينٽ ڏي هليو ويو، جڏهن ته مان آرام سان اُٿيس ۽ تيار ٿيس. ٻارهين بجي ڌاران فلپينو اچي وئي. اڄ مون کي ساڻس گڏ ”ڪوهالا“ وڃڻو هو. اسان سڀ کان پهريان سپر اسٽورز جي چين ”Castco“ واري گيس اسٽيشن تي آياسي جتان مون فلپينو جي گاڏيءَ ۾ پيٽرول پرايو ۽ پوءِ ڪچهري ڪندا، ڪوهالا طرف روانا ٿياسي. رستي ۾ جنهن جنهن ماڳ تي به فوٽو ڪيرائڻ تي منهنجيءَ دل پئي گُهريو، مون فلپينو کان گاڏي روڪرائي فوٽو گرافي ڪئي، اڄُ رستي ۾ فلپينو ڪچهري ڪندي کُلي پئي ۽ پنهنجي دل جي ڳالهه مون کي ٻُڌايائين ته هُوءَ راجا کي تمام گهڻو چاهي ٿي پر راجا کيس ”لفٽ“ ئي ڪونه ٿو ڪرائي. فلپينو جي ڳالهه مون کي ڏاڍو ڏُکارو ڪري ڇڏيو، اسان رستي ۾ ”وزيٽرس سينٽر“ نالي هڪ فوڊ شاپ تي ترسياسي ۽ ڪولڊ ڊرنڪ پيتي سي.

هن سينٽر تي ڇوڪريون سروس ڏئي رهيون هيون ۽ انهن مان هڪ ڇوڪريءَ جي سونهن ڏسي مان ته دنگ رهجي ويس. ساڻن گڏ فوٽو ڇڪرايوسي (واپس اچي مون جڏهن ان ڇوڪريءَ جو فوٽو راجا کي ڏيکاريو ته هُو به سندس چهري جي معصوميت ۽ موهيندڙ مسڪراهٽ ڏسي دنگ رهجي ويو هو، بلڪ پاڪستان واپس موٽي اچڻ کان پوءِ هُن مون کي فون ڪري چيو هو ته انهيءَ ڇوڪريءَ جي ڳولا ۾ بعد ۾ پاڻ به ”وزيٽرس سينٽر“ ويو هو پر اُها فوٽوءَ واري ڇوڪري کيس نه ملي سگهي هئي). بهر حال ڪوهالا ويندي جيڪي ماڳ اسان ڏٺاسي انهن ۾ ڪوهالا سوڪ سينٽر ۽ ڪوهالا مڊل اسڪول به شامل هُيو. مڊل اسڪول جي ان وقت موڪل ٿي چُڪي هئي، اسان اسڪول ٻاهران هڪ فوٽو ڪيرايوسي ڇاڪاڻ ته اسڪول اندر فوٽو ڪيرائڻ جي منع هئي.

ڪوهالا ۾ جيڪي ماڳ سياحن جي دلچسپيءَ جو مرڪز رهن ٿا انهن ۾ Lapakahi پارڪ، Kapa پارڪ، Makukon Beach پارڪ، King Kamehameha جو اسٽيچو، Keokea بيچ ۽ ٻيا ماڳ شامل آهن.

جڏهن تہ کنگ ڪميها ميها جي جنم پومي Mookini Heiau بہ سياحن لاءِ دلچسپ ماڳ آهي. جڏهن تہ ڪيترائي دوڪان، گفٽ شاپس ۽ گيلريون پڻ ڪوهالا جي خوبصورتيءَ ۾ اضافو ڪن ٿيون، اهڙن گفٽ شاپس ۾ ڊبل جُواءِ ڊيزائن، دي گيلري ائٽ بامبُو، مدرز ائنٽيڪس ايند فائين سگارس ۽ ٻيا شامل هُئا. جتي زيورَ، هٿ جا هُنر، سِگارَ، ڪافي مان نهيل مختلف شيون ۽ ٻيا گفٽ ائٽم ملي رهيا هئا. ڪوهالا فريم ڪمپني، ڪوهالا بڪ شاپ ۽ ”اٽ از سو ڊفرنٽ گيلري“ پڻ سياحن ڪي پاڻ ڏانهن ڇڪي اچڻ لاءِ موجود هُيون. جڏهن تہ ڪوهالا ڪافي مِل، سُشي راڪ، بامبو ريسٽورينٽ، ڪوهالا ريمبو ڪيفي، نان بُوڪورٽ يارڊ ۽ ٻيا کاڌي پيتي جا اسپاٽ، کائڻ پيئڻ جي شوقينن لاءِ هتي موجود آهن ڪوهالا ۾ ڪنگ ڪميها ميها جو يادگار اسٽيچو ڏسڻ جو بہ موقعو مليو هڪ صدي پراڻو ۽ 9 فوٽ اوچو هي اسٽيچو ”ڪوهالا انفرميشن سينٽر“ جي گرائونڊ ۾ لڳل آهي. ڪنگ ڪميها ميها، هوائي جو هڪ ميٽالاجيڪل ڪردار آهي. هن اسٽيچو کي ڳاڙهي ۽ پيلي رنگ سان سنواريو ويو آهي.

ڪوهالا ڪوسٽ، ڪوهالا جي خوبصورتيءَ جو عجيب نمونو آهي. جتي پري پري کان سياح اچي سئمنگ، فشنگ، باڊي بورڊنگ، جا مزا ماڻين ٿا. هتي ايندڙن لاءِ تمام گهڻا واٽر اسپورٽس جا اسپاٽ ۽ رهائشي جايون پڻ جوڙيل آهن. هتي ڪيتريون ئي لانچون بيٺل نظر آيون، جيڪي مختلف ماڻهن جي ملڪيت هُيون ۽ ڪجهہ لانچون هتي ڪرائي تي پڻ ملي رهيون هيون.

اسان لڙندي شام تائين اُتي رهياسين ۽ پوءِ شام جو ڪُونا واپس ورياسي. رستي ۾مختلف بيٽ، صديون پراڻا لاوا اوڳاڇيل جبلن جا آثار ڏسندا پنهنجي ريسٽورينٽ اچي سهڙياسي. اڄ راجا ڪورٽ ۾ ويو هيو، ڪيس ڪورٽ ۾ حاضر ٿيڻو هو، ڇاڪاڻ تہ هُن اتينا تي جاءِ خالي ڪرڻ لاءِ ڪيس ڪيو هو. رات جو هفتيوار منڊلي مچائيندڙ جهونن موسيقارن جو گروپ بہ اچي ريسٽورينٽ ۾ لٿو، جن گٽارن جي موسيقيءَ جو ماحول جوڙيو. رات دير سان جهوني فلپينو هڪ ٽيهہ سالن نوجوان فلپينو ڇوڪريءَ کي وني آئي. نوجوان فلپينو مون سان گرمجوشيءَ سان ملي ۽ ٻُڌايائين تہ جهوني ساڻس پرپٽ منهنجو تعارف

ڪرائي چڙيو هو، هن مون کي آفر ڪئي ته جيڪو وٽئي ڪاڻ پيءُ، بل هُوءَ پاڻ ادا ڪندي. مون ڪيس چيو ته هِتي هوندي ئي منهنجو ڪاڻ پيئڻ فري آهي. پر پوءِ به هن زور پريو ته مان سندس ميزبانيءَ ۾ ڪجهه کاوان. جهوني فلپينو ٻُڌايو ته هِن چوڪريءَ کي ڪنهن اهڙي نوجوان جي ضرورت آهي جيڪو ڪروڙ پتي هُجي ۽ هيءَ ساڻس شادي ڪري. مون جهونيءَ کي چيو دُعا ڪريون ته ڪاش اهڙو مڙس ڪيس ملي پوي. بهرحال اسان گڏجي ماني کاڌي ۽ پوءِ نندي فلپينو راجا کي چيو ته توهان اجازت ڏيو ته اسان توهان جي مهمان کي گهمائي ڦيرائي اچون. راجا کين چيو ته چونه ، ضرور گهمائي اچوس ۽ ان کان پوءِ نندي فلپينو جي گاڏيءَ ۾ اسان مختلف بار گهمندا رهياسي. هڪ بار ۾ پُهچي هُنَ پنهنجي هڪ آمريڪي دوست کي فون ڪري گهرايو جنهن اسان کي جوائن ڪيو ۽ چيو ته جيڪي به پيئڻ چاهيو، پيئو، مان بل ادا ڪندس. جهوني فلپينو منهنجي لاءِ ليمن بيئر گهرايو جيڪو ڏاڍو مزيدار هُيو. اسان ڏيڍ ڪلاڪ بار ۾ رهياسي عجيب رنگ لڳو پيو هو. جوڙا اچي وڃي رهيا هئا. پيار وندي رهيا هئا. اسان رات جو ٻي بجي ڌاران "Denny's" تي موٽي آياسي. ڪچهريءَ دوران راجا مون کي هوائي جي مختلف علائقن ۾ نهيل "King's Shops" (جيڪي Waikoloa ۾ نهيل آهن) ۽ Queen's Market Place (جيڪو Ekomomai ۾ واقع آهي) جو ذڪر ڪيو. ڪنگز شاپس ۽ ڪئنس مارڪيٽ پليس جتي خريداريءَ جا خوبصورت مرڪز آهن اُتي هڪ خاص ڳالهه جيڪا مان اوهان سان هتي ونڊڻ چاهيندس ته هن ٻنهي مرڪزن ۾ ترتيبوار "Hawaai's Kings" ۽ "Hawaiis Queens" جي عنوان سان هوائيءَ جي مختلف دؤرن جي بادشاهن ۽ راڻين جون تامي جون نهيل شبيهون ۽ انهن جي هينان انهن جي مختصر ۽ جامع بائيو گرافي اُڪريل آهي. اها ڳالهه منهنجي لاءِ نهايت دلچسپ ثابت ٿي. اسان رات دير سان ريسٽورينٽ جي ڪمن ڪارين مان فارغ ٿي پنهنجي گهر هليا آياسي. گهڻي ٿڪاوٽ سبب مون کي جلد ئي ننڊ اچي وئي.

# ڪونا ۾ آخري ڏينهن

اج ڪونا ۾ منهنجو آخري ڏينهن هُيو. صُبح جو ننڊ مان سجاڳ ٿي مان ۽ راجا ، راجا جي گاڏيءَ جي رجسٽريشن ڪرائڻ لاءِ نڪتاسي. رجسٽريشن لاءِ وري گاڏيءَ جي فٽنيس جي باري ۾ ڪنهن ڊيلر ڪان سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻو هيو. انهيءَ سلسلي ۾ ئي اسان هڪ ڊيلر ڏي وياسي جنهن ايندڙ ڏينهن جو وقت ڏنو. ڊيلر ڪان وقت وٺي اسان ٻئي گهر موٽي آياسي. ٻه ڏينهن اڳ "Costco" مان خريد ڪيل جهينگا فريزر ۾ پيا هئا، راجا جهينگن کي پچايو ۽ اسان مزي مزي سان لنچ ڪئي. راجا کي خدشو هيو ته سندس گاڏي جيئن ئي هتي ڪونا ۾ پهچندي ته سندس ننڍو ڀاءُ علي ان گاڏي تي قبضو ڪري ويهندو ۽ جلد ئي گاڏيءَ جو خانو خراب ڪري ڇڏيندو، چاڪاڻ ته راجا مطابق جڏهن هُن لاس اينجلس ڪان ڪُونا گاڏي موڪلي پئي تڏهن ٻه علي پاران خراب ڪيل گاڏي جي صرف بريڪن تي ٻارنهن سؤ ڊالر خرچ آيو هو.

اج ٻه ائين ئي ٿيو هو. عليءَ، راجا ڪان گاڏي گُهري ورتي هُئي، گڏوگڏ عليءَ اٽڪل سان وڏي اميندا جي مڙس جيڪو "Denny's" تي بورچي هيو کي پنج ڪلاڪ هوسٽ طور اوور ٽائيم جي آفر ڪئي هُئي. راجا جو خيال هو ته علي، اميندا جي مڙس کي هتي پنج ڪلاڪ سُک ڪري گاڏيءَ ۾ اميندا کي ڪٽي موج مستيون ماڻڻ هليو ويندو. بهرحال شامَ جو ڇئين بجي مون پنهنجو سامان پئڪ ڪيو ۽ راجا سان گڏ ريسٽورينٽ واري پراڻي گاڏيءَ ۾ ريسٽورينٽ هليو آيس. گڏو گڏ مون فريد ڀٽو کي فون پڻ ڪري ڇڏيو ته مان شڪاگو اچي رهيو آهيان. شڪاگو ڏانهن منهنجي فلائيٽ رات جو ڏهين بجي هُئي. مون سوچيو ته مان اٺين بجي ايئرپورٽ پهچي ويندس.

منهنجي "Denny's" تي آخري شامَ هُئي. الائي ڇو ايترا ڏينهن هتي گذارڻ جي ڪري منهنجي هتان جي ڪم ڪندڙ سيني دوستن سان عجيب اُنسيت پيداٿي وئي هُئي. اَڄُ شام ننڍي اميندا پنهنجي ڊيوٽيءَ ڪان ڪلاڪ اڳ پهچي وئي، ڪيس خبر هئي ته مان وڃي رهيو آهيان ان

ڪري پورو ڪلاڪ مون سان ويهي ڪچهري ڪيائين ۽ پوءِ يونيفارم پائي ڊيوٽي تي لڳي وئي. اڄ ريسٽورينٽ تي معمول کان وڌيڪ رش هئي، راجا بي انتها مصروف نظر اچي رهيو هو، مٿان وري علي به ڪونه هُيو. پوءِ به اٺين بجي ڌاران راجا منهنجي لاءِ برگر پارسل ڪرائي ملازمن کي هدايتون ڏئي مون کي ايئرپورٽ ڇڏڻ هليو.

ايئرپورٽ تي مون راجا کان جلدي موڪلائي ڪيس واپس ورڻ لاءِ چيو، چاڪاڻ ته مون کي خبر هئي ته پوئتي هُو ڪم اڌ ۾ ڇڏي آيو آهي. هتي مون کي ٻَہ بورڊنگ ڪارڊ مليا هڪ ڪونا کان لاس اينجلس ۽ ٻيو لاس اينجلس کان شڪاگو لاءِ. مون کي ٻُڌايو ويو ته منهنجي سامان جي ايگريڪلچر ڊپارٽمينٽ جي ڪائونٽر تي چيڪنگ ٿيندي، اصل ۾ ڪونا هڪ فاريسٽ وارو علائقو آهيءَ ٻاهران آيل ماڻهن جي واپسيءَ وقت انهيءَ لاءِ چيڪنگ ڪئي ويندي آهي ته ڪٿي هوڪوئي ڪاٺ يا ڪا جهنگلي جيوت ته نه ڪٽي وجي رهيا آهن.

ايئرپورٽ تي مون کي جهونن فنڪارن واري گروپ جي هڪ ميمبر شيدياڻي ملي وئي، جنهن مون کي چيو ته چيڪنگ ڪرائي لائونج ۾ اچ ته ملون ٿا. مان چيڪنگ ڪرائي، اميگريشن وارن وٽ ويس، هُو منهنجو پاسپورٽ کڻي ويا ۽ ويهه منٽن ۾ چيڪ ڪري، موٽائي ڏنائون. مون محسوس ڪيو ته شايد هُنن ڪونا جي پوليس کان ڪليئرنس پئي ورتي. مونکي آمريڪن ايئرلائينز جي فلائيٽ نمبر 246 ذريعي ڪونا کان لاس اينجلس وڃڻو هيو. اِهو پنج ڪلاڪن جو سفر هيو. مان ڪليئرنس وٺي لائونج ۾ آيس ۽ اچي جهوني فنڪاره کي ڳولڻ لڳس پر مون کي هوءَ نظر ڪونه ائي. ٻَہ وڏي عمر جون آمريڪي عورتون مليون، جن سان تعارف ٿيو، هنن ٻُڌايو ته سندس اسلام آباد ۾ ڪائي خاتون دوست آهي. جڏهن کين خبر پئي ته مان ليکڪ آهيان تڏهن هنن مون کان پڇيو ته ”اسان کي خبرآهي ته پاڪستان عوام آمريڪي حڪومت کان نفرت ڪري ٿو، تُنهنجو پنهنجو آمريڪا جي ماڻهن متعلق ڪهڙو خيال آهي؟“ مون کين چيو ته آمريڪي ماڻهو ته ڏاڍو محبت ڪندڙ ۽ تعاون ڪندڙ آهن باقي حڪومتي پاليسن سان ته پاڪستانين کي مختلف حوالن سان اختلاف هوندا آهن. رات جو ڏهه لڳي ڏهن منٽن تي اسان کي بورڊنگ لاءِ سڏ ڪيو ويو. مان جيئن ئي جهاز ۾ چڙهيم،

پوڙهي ٻائڻي مون کي شروعاتي سيٽن تي وينل نظر آئي. منهنجي سيٽ پوئتي هئي. ڏهه لڳي پنجويهه منٽن تي جهاز اڏاڻو ۽ ٽي لڳي پنجويهه منٽن تي لاس اينجلس پُهتو.

# شڪاگو ڏانهن سفر: سارَ ڪجهه ساعتن جي

لاس اينجلس جي وقت مطابق ان وقت پنج لڳي پنجويهه منٽن تي رهيا هئا. اسان جي ٻي فلائيٽ جو وقت ڇهه لڳي پنج منٽ هُيو، لاس اينجلس ايئرپورٽ تي اسان جو صرف اڌ ڪلاڪ جو وقفو هُيو ۽ انهيءَ وقفي ۾ اسان کي فوراً پنهنجي نئين جهاز ۾ ويهڻو هيو. جهاز کان ٻاهرجهوني ڳاڻٽي منهنجي انتظار ۾ بيني هُئي. مان ساڻس گڏ هلڻ لڳس اوچتو هن پڇيو "تون ڪيڏانهن ويندين؟" مون وراڻيو: "شڪاگو!" "ته پوءِ توکي پوئتي وڃڻ گهرجي، مان جيڏانهن وڃان پئي اهو رستو ايئرپورٽ کان ٻاهر وڃي". هن مون کي چيو. مون ڪائنس موڪلايو ۽ پونئيان پير ڪيا.

شڪاگو وڃڻ لاءِ آمريڪن ايئرلائينز جي فلائيٽ نمبر 810 تيار بيني هُئي لاس اينجلس کان شڪاگو تائين چئن ڪلاڪن جو سفر هيو. مان بورڊنگ پاس جي  چڪاس ڪرائي جهاز ۾ چڙهي پيم. جهاز ۾ پرسان ئي Feed Ex ۽ يونائيٽيڊ ايئرلائينز جا جهاز بيٺا هُئا جيڪي پڻ هڪ هڪ منٽ جي وقفي سان اُڏاڻا.  مان پنهنجي سيٽ تي سمهي پيس. خبر تڏهن پئي جڏهن ڏهه لڳي ڏهن منٽن تي جهاز شڪاگو پهتو. اتان جي وقت مطابق صبح جا ٻارنهن تي رهيا هُئا. شڪاگو ايئرپورٽ تي لينڊ ڪرڻ کان اڳ جڏهن اسان جو جهاز فضائن ۾ هُيو تڏهن سج پنهنجي آب تاب سان چمڪي رهيو هيو. پر جيئن ئي ڪڪرن کي پار ڪري جهاز ايئرپورٽ تي لٿو ته هتي لهندي ئي اسان کي جهڙالي موسم ۽ اونداهي نظر آئي. صبح هوندي به شام جو منظر نظر اچي رهيو هيو.

شڪاگو جي سرزمين تي سج جي ڪرڻن جو نانءُ نشان ئي ڪونه هُيو. مون کي گرم ڪپڙا ڪونه هُيا، شرٽ به بغير ٻانهن جي پاتل هُئي. سامان کڻي جيئن ئي ايئرپورٽ جي حدن مان نڪري کليل فضا ۾ پير رکيو ته سرديءَ جي سخت لهر اچي مون سان ٽڪرائي، مان صفا ڏکي ويس ۽ واپس اندر موٽي آيس. شڪاگو منهنجي سفري شيڊيول ۾

شامل نہ هُيو. ان ڪري مون گرم ڪپڙا ڪونہ آندا هُئا، بس اوچتو پروگرام ٿي ويو هو ۽ مون فريد کي چئي ڇڏيو هو تہ منهنجي لاءِ گرم ڪپڙن جو انتظام ڪجانءِ. مون ايئرپورٽ تي نصب ٿيل ٽيليفون بوٿ ذريعي سڪو وجهي، فريد کي فون ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر فون نہ پئي مليو. ٻاهر سخت سردي هُئي. مون پندرنهن منٽ ڪن انتظار ڪيو، نيٺ لاچار هڪ آمريڪيءَ کي سندس موبائيل فون ڪرڻ لاءِ عرض ڪيم،جنهن منهنجو عرض قبوليو ۽ پنهنجو موبائيل ڏنو.

مون فريد جو نمبر ملايو فريد چيو تہ مان ٽرمينل جي ٻاهران ئي پهچي ويو آهيان تون ٿورو ٻاهر نڪر. مان جلديءَ ۾ موبائيل سندس مالڪ کي ڏئي، ٿورا مڃي، ٻاهر نڪتس. فريد جي گاڏي، جيڪا 2005ع ۾ مون ڏٺي هئي، سامهون بيٺل نظر آئي. گاڏيءَ مان نڪرندي ئي فريد مون کي گرم جيڪٽ ڏني. مان ساڻس مليم، فريد سان سندس گهرواري ۽ ٻارڙا بہ گڏ هئا. ملياسين، خوش خير عافيت ٿي فريد ٻُڌايو تہ ذاڪر شاهہ نالي سندس هڪ دوست، جيڪو ڪجهہ عرصو اڳ ڊاڪٽر مبارڪ وٽ ڪم ڪندو هيو. ان جي گهر ۾ قضيو ٿي پيو آهي ۽ سندس گهر رستي ۾ ئي آهي، ان ڪري ان وٽان ٿي هلڻو آهي. مون چيو نيڪ آ ڪوئي مسئلو ناهي. فريد ۽ ٻاٻي، گاڏيءَ ۾ ذاڪر شاهہ ۽ سندس فئمليءَ لاءِ ڪاڌو بہ تيار ڪري کڻي آيا هُئا. بلڪل ائين جيئن پاڻ وٽ قضيو ٿيل گهر ۾ مانيءَ جو ويلو موڪليو ويندو آهي. اسان سندن گهر آياسي ڪاڌو سيني گڏجي ڪاڌو ۽ پوءِ فريد جي گهر روانا ٿياسون. مون کي سخت ننڊ اچي رهي هئي. ان ڪري گهر پهچي مون ٿورو آرام ڪيو.

شام جو فريد ٻُڌايو تہ رات جي ماني هڪ دوست وٽ آهي. فريد جڏهن ڪرائي جي گهر ۾ رهندو هُيو تڏهن اهو دوست سندس پاڙيسري هيو. سندس تعلق حيدرآباد جي اردو ڳالهائيندڙ فيملي سان هيو ۽ هُنن پنهنجو نئون گهر خريد ڪيوهو، جنهن جي خوشيءَ ۾ ئي هُن ڪجهہ دوستن جي مان ۾ رات جي مانيءَ جو بندوبست ڪيو هو. رات جو تيار ٿي اسان نڪري وياسي. اسان جي ميزبان بزرگ ڪليم الله ٻُڌايو تہ هو مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي جي پهرين بئچ جو گريجوئيٽ انجنيئر آهي ۽ 1968ع ۾ يونيورسٽي جي شاگرد يونين جو جنرل سيڪريٽري بہ رهي چڪو آهي. جڏهن تہ ساڻس گڏ وينل سندس نياڻو يوسف مغل

ڊاڪٽر هيو جيڪو 1982ع کان هيلٿ ڪيئر جي شعبي سان وابسته هيو. اسان ماني کائي ساڍن ڪچهري ڪري واپس گهر موٽي آياسون اڄ آچر جو ڏينهن هُيو. فريد پنهنجي ٻارن سميت مسجد آيو.هُن ٻُڌايو ته سندس ٻارَ هر آچر تي مسجد ايندا آهن، جتي کين ديني تعليم ڏني ويندي اهي. سندس چوڻ هو ته هتي رهندڙ مسلمان گهڻو ڪري ڪوشش ڪندا آهن ته سندن اولاد کي دين سان رغبت پيدا ٿئي ته جيئن هُو پنهنجي اصليت ۽ بنياد وڃائي نه ويهن. ٻارن کي مسجد ڇڏي اسان مشيگن ڍنڍ ڪناري نڪري آياسي. سردي تمام گهڻي هُئي ايتري تائين جو اسان کي گاڏي مان پير زمين تي ذري فوٽو ڪيرائڻ جي همت به نه ٿي. ماڻهو لانگ بوٽن ۽ لانگ ڪوٽن ۾ نظر آيا. برف باريءَ جي شروعات ٿي چُڪي هُئي. پر برف اڃان ڄمڻ شروع ڪونه ڪيو هو. اسان ٿوري دير مشيگن ڍنڍ جو نظارو وٺي گهر موٽي آياسي.

رات جو ڊاڪٽر مبارڪ ميرجت پنهنجي گهر ۾ ڪجهه دوستن جي دعوت ڪئي هُئي. هُن اِهو پروگرام منهنجي شڪاگو اچڻ جي حساب سان ٺاهيو هو. رات جو مان ۽ فريد جي فئملي ڊاڪٽر مبارڪ جي محل نما گهر ۾ پهتاسون. ڪافي مهمان هُيا جن مان ڏهه کن مرد هُيا ۽ باقي عورتون. ڊاڪٽر سان ڪچهري ٿي، شاندار مانيءَ جو انتظام هيو. هتي ئي منهنجي ملاقات اُردو جي هڪ بزرگ شاعر ڊاڪٽر صادق نقويءَ سان ٿي. هندستان جي شهر حيدرآباد سان واسطو رکندڙ هِن شاعرجا لڳ ڀڳ چوڏهن ڪتاب اردو ۽ انگريزيءَ ۾ تصنيف ٿيل هُئا. هو هڪ ئي وقت شاعر ۽ نثر نگار هُيو ۽ اردو، فارسي ۽ انگريزيءَ تي مهارت پئي رکيائين. زندگيءَ جو وڏو عرصو درس ۽ تدريس سان لاڳاپيل ڊاڪٽر نقوي شاعريءَ جي حوالي سان واقعه ڪربلا جي بيان تي به ڪافي طبع آزمائي ڪئي هُئي. هُو ڪيترائي بين الاقوامي مشاعره ۽ ليڪچر به اٽيند ڪري چُڪو هيو. ڊاڪٽر صاحب سان ڪافي ڪچهري ٿي هُن مون کان سنڌ جي ادب ۽ ادبي سرگرمين جي باري ۾ به پُڇيو. رات جي ماني کان پوءِ اسان گهر واپس هليا آياسي. گهر پهچندي فريد جي نياڻي ”ڪومل“ مون کي پنهنجو اسڪول لاءِ تيار ڪيل پراجيڪٽ ڏيکاريو. سندس ٺاهيل سي ڊيءَ ۾ اسلام جي پنجن بنيادي رُڪنن جي تشريح ٿيل هئي. مون کي محسوس ٿيو ته هتي آمريڪا ۾ تعليمي

ادارن ۾ ڪنهن بہ شاگرد تي پنهنجي مذهب جي تشريح تي ڪا بہ پابندي ڪونہ آهي. اڄ صبح جو جيئن ئي مان سجاڳ ٿيوهيس تہ فريد مون کي پنهنجي گهر جا سمورا حصا تفصيل سان گهمايا هئا. گهر جي بيسمينٽ ۾ هڪ ڪمرو ۽ گيراج نهيل هُئي. گرائونڊ فلور تي چار بيڊروم ۽ هڪ لائونج هُيو جڏهن تہ گهر جي پٺيان ويڪرو پارڪ هُيو. گهر جي ڪل ايراضي ڏهہ هزار اسڪوائر فوٽ هُئي. ”آمريڪا ۾ هر ماڻهوءَ جي اها ڪوشش رهندي آهي تہ سندس گهر ۾ مختصر ئي سهي پر پارڪ ضرور هُجي“ فريد ٻُڌايو هو، رات جو دير سان ”ڪومل“ جو ناهيل اسڪول پراجيڪٽ ڏسڻ کان پوءِ مان آرام ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڪمري ۾ آرام ڪرڻ لاءِ هليو ويس.

نئين ڏينهن تي صبح جو سوير تيار ٿي مان ۽ فريد، سندس پٽ دانيال کي سندس اسڪول ڇڏڻ لاءِ آياسي. اهو سخت سرديءَ وارو صبح هيو ۽اسڪول جي مئن گيٽ تي اسڪول کان ٻاهر شاگرد بيٺا هُئا. اسڪول جو مئن گيٽ بندهُيو ۽ اسڪول جي پرنسپال هٿ ۾ واڪي ٽاڪي جهليو ٻاهر شاگردن سان بيٺي هئي، جيڪا ايندڙ شاگردن کي ويلڪم چئي رهي هئي. مان حيران ٿي ويس تہ اسڪول جو مئن گيٽ بند ڇو آهي؟! حالانڪہ اڃان اسڪول شروع ٿيڻ جو ٽائيم بہ نہ ٿيو آهي. عام طرح اسان وٽ ائين ٿيندو آهي تہ، اسڪول پهچڻ جو ٽائيم اوور ٿيڻ کان پوءِ ئي گيٽ بند ڪيو ويندو آهي تہ جيئن ”ليٽ ڪمرس مسٽ سفر“ واري چوڻيءَ مطابق دير ايندڙ شاگرد ٻاهر بيهي سزا ڀوڳين پر هتي اُلٽو چڪر نظر آيو. فريد ٻُڌايو تہ مئن گئٽ ڪلاسز شروع ٿيڻ کان صرف ڏهہ منٽ اڳ کلندو آهي ۽ اسڪول ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ٻارن کي هڪٻئي سان ملڻ ۽ گپ شپ ڪرڻ جو ٽائيم ئي ناهي ملندو، انهيءَ ڪري صبح جو سوير ٻارَ جيئن جيئن گيٽ تي گڏ ٿيندا ويندا آهن، هُو هڪٻئي سان ملي وٺندا آهن ۽ ائين انهن ۾ دوستي ۽ انڊر اسٽينڊنگ پيدا ٿيندي آهي ۽ هُو هڪٻئي سان رلي ملي ويندا آهن. فريد ٻڌايو تہ آمريڪا ۾ حڪومت تعليم جي شعبي ڏانهن تمام گهڻو توجہ ڏيندي آهي. دانيال کي اسڪول ڇڏي اسان فريد جي آفيس آياسي. رستي ۾ روڊ جي ٻنهي پاسي وڻ بيٺل هئا جن جا پن ڇڻي چُڪا هُئا. فريد ٻُڌايو تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ تائين، اهي وڻ سرسبز هُئا ۽ ساون پنن سان ڍڪيل هئا

هاڻ سرديءَ سبب اهي ڇڻي ويا آهن. هُن ٻُڌايو تہ هونئن عام طرح نومبر مهيني ۾ هتي مڪمل برف باري شروع ٿي ويندي آهي پر هن سال نومبر ۾ برفباري نہ ٿي، شايد قدرت اوباما تي مهربان هئي ۽ هن شڪاگو ۾ ڀرپور اليڪشن مهم هلائي. اوباما اصل ۾ شڪاگو جو ئي آهي، آمريڪا جي صدراتي چونڊ ۾ حصو وٺڻ کان اڳ هُو شڪاگو (الينو آءِ رياست) جي سيٽ تان ئي سينيٽ جو ميمبر هيو. فريد ٻُڌايو تہ هتان جي ڪائونٽي جو ڪمشنر ڊاڪٽر مبارڪ ميرجت جو دوست آهي ۽ هُو ڪجھ ڏينهن اڳ پنهنجي فئملي سميت ڊاڪٽر مبارڪ جي گهر بہ آيو هو ۽ اهو وري بارڪ اوباما جو ويجهو دوست آهي ۽ ايئن جيڪڏهن ڊاڪٽر مبارڪ، آمريڪي صدر بارڪ اوباما سان ملڻ چاهي تہ انهيءَ ڪمشنر جي وسيلي ملي سگهي ٿو. فريد ٻُڌايو تہ شڪاگو وارا انهيءَ ڳالھ تي خوش آهن تہ سندن ”ڳوٺائي“ آمريڪا جو صدر ٿي ويو آهي. بلڪل ايئن جيئن پاڻ وٽ نوابشاھ واسي خوش ٿيندا آهن تہ سندن ”ڳوٺائي“ پاڪستان جو صدر آهي.

آمريڪا ۾ رهندي مون محسوس ڪيو تہ هتي سماجي اخلاقيات جي تمام گهڻي پاسداري ڪئي وڃي ٿي. هتي ننڍي ۾ ننڍي ڪم تي بہ اڳلي کي ”ٿئنڪس“ چوڻ لازم آهي. فريد ٻُڌايو تہ هتي جيڪڏهن ڪنهن خاص مهمان جي مان ۾ دعوت ڪئي ويندي آهي ۽ انهيءَ جي ڪري ئي ٻين مهمانن کي بہ مدعو ڪيو ويندو آهي تہ انهيءَ خاص مهمان تي لازم هوندو آهي تہ هو دعوت واري هنڌ سڀني کان اڳ پهچي ۽ ميزبان سان گڏ بيهي سڀني مهمانن جي آجيان ڪري، هڪ هڪ مهمان جي پرسان وڃي ٿوري ٿوري دير لاءِ ساڻس حال احوال ڪري ۽ آخر ۾ سڀني مهمانن کي خدا حافظ چئي پوءِ پاڻ پنهنجي گهر وڃي. ڪيڏي نہ خوبصورت روايت آهي اها، مون سوچيو تہ پاڻ وٽ انهيءَ جي بلڪل ابتڙ ٿيندو آهي. خاص مهمان جيڪو محفل جو چڱو مڙس هوندو آهي اُهو سڀني کان آخر ۾ گهڻي انتظار ڪان پوءِ ايندو ۽ سڀني کان اڳ هليو ويندو، بهرحال، ڪالھ فريد سان گڏ مشيگن ڍنڍ وٽان لنگهندي فريد مون کي اهو چونڪ پڻ ڏيکاريو جتي اليڪشن کان پوءِ بارڪ اوباما فتح واري تقرير ڪئي هئي. مشيگن ڍنڍ جي مرمت جو ڪم جاري هيو،

چاڪاڻ تہ 2016ع ۾ شڪاگو اولمپڪ راندين ڪرائڻ جو اميدوار آهي جنهن جي تياري هاڻي کان ئي شروع هئي.

فريد ۽ مان سندس آفيس آياسي، هُو پاڻ آفيس جي ڪم ڪار ڪي ڏسڻ لڳو ۽ مان سندس ليپ ٽاپ کڻي انٽرنيٽ تي چيٽنگ ڪرڻ لڳس. منجهند جي وقت آفيس جي پرسان هڪ چائينز ريسٽورينٽ ۾ مانجهاندو ڪرڻ وياسي. فريد هونئن روزانو گهران لنچ باڪس کڻي ايندو آهي پر اڄ مون کي ٻاهر لنچ ڪرائڻ جي خيال سان هُو لنچ باڪس نہ کڻي آيو هو. شامَ جو ستين بجي آفيس جي ڪم مان جان ڇڏائي اسان ڊاڪٽر مبارڪ جي هيڊ آفيس آياسي. هتي مون کي هڪ پراڻو ساٿي مير غلام عابد ٽالپر مليو. جيڪو اصل ۾ ڪوٽ مير محمد (خيرپور) جو آهي ۽ اسان جي دوست مير منور ٽالپر جو پيٽيو آهي. مير غلام عابد شاهہ لطيف يونيورسٽي مان ڪمپيوٽر سائنس ۾ ماسٽرس ڪئي آهي ۽ ڊاڪٽر مبارڪ جي چوڻ تي هُو روزگار سانگي اچي آمريڪا ۾ ترسيو هو. ڊاڪٽر مبارڪ جي اها روايت رهي آهي تہ هُو پنهنجي ننڍپڻ جي دوستن، مٽن مائٽن ۽ ڳوٺائين کي وقت بہ وقت آمريڪا گهرائي روزگار سان لائيندو رهيو آهي. منهنجو ڀائٽيو الطاف منگي جيڪو اسٽيل مل ڪراچيءَ ۾ ملازم آهي اُهو پڻ ڊاڪٽر مبارڪ جو ڪلاس فيلو رهيو آهي، ڪيس بہ ڊاڪٽر مبارڪ آمريڪا اچڻ جي آفر ڪئي هُئي. سال 2005ع ۾ مان جڏهن پهريون دفعو آمريڪا آيو هئس ۽ فريد وٽ ٽڪيل هيس، ان وقت، مير غلام عابد، فريد جي گهر جي پرسان ئي رهندو هو پر ايترا ڏينهن منهنجي اُتي رهڻ جي باوجود هُو مون سان ملڻ نہ آيو هو. اڄ اوچتو ڊاڪٽر مبارڪ جي آفيس ۾ ٽڪرجڻ تي هُو ٿورو ٿورو شڪي ٿي رهيو هو پر پوءِ بہ مون کي گهر اچڻ جي دعوت ڏنائين جنهن تي مون سندس مهرباني مڃي. هتي ئي منهنجي ملاقات ڊاڪٽر مبارڪ جي پيٽيوئي مير محمد ميرجت سان ٿي جيڪو اصل ۾ نوابشاه جو هيو ۽ هتي ڊاڪٽر مبارڪ جي ڪلينڪ ۾ ڪم ڪندو هُيو. فريد سندس مٿان ذميداري رکي تہ هُو سياڻي مون کي آفيس مان کڻي شڪاگو جي فيلڊ ميوزم ڇڏيندو ۽ شام جو وري اتان کڻي فريد جي آفيس پهچائيندو. مير محمد اِها ذميداري قبول ڪئي، ۽ پوءِ اسان واپس گهر هليا آياسي، رات

جي مانيءَ تي فريد جي ٻارڙن سان ڪچهري تي مون ڪائنن سندس اسڪول جا حال احوال ورتا.

# فيلڊ ميوزم مان ڦيرو

نئين ڏينهن جو سج جيئن ئي اُڀريو. اسان تيار ٿي ناشتو ڪيو. مان فريد سان گڏ سنڌس گهران نڪتس. فريد پنهنجي پُٽ دانيال کي سنڌس اسڪول ڇڏيو ۽ پوءِ ڊاڪٽر مبارڪ جي هيڊ آفيس اچي مون کي مير محمد ميرجت جي حوالي ڪيائين. مان ۽ مير محمد سنڌس گاڏيءَ ۾ ڊائون ٽائون روانا ٿياسون. اڄ مون کي فيلڊ ميوزم گهمڻو هُيو، جيڪو مشيگن ڍنڍ جي ڪرسان ئي واقع آهي. مير محمد مون کي ميوزم جي ٻاهران لاهي اهو چئي موڪلائي ويو ته ”مان شام جو پنجين بجي هتي ئي واپس ايندس“. ميوزم جي عمارت تمام گهڻي اوچائيءَ تي واقع هُئي بلڪل ايئن جيئن اسان وٽ هاءِ ڪورٽ جون عمارتون هونديون آهن. تمام سخت سيءُ پئجي رهيو هو ۽ اهڙي سخت سرديءَ کي مُنهن ڏيڻ لاءِ گاڏيءَ مان لهڻ واري جاءِ کان وٺي ميوزم جي مئن گيٽ تائين هڪ سرُنگهه نما رستو جوڙيو ويو هو، جيڪو شاميانن سان ڍڪيل هُيو. اهڙي قسم جا شاميانه مون کي مختلف بس اسٽاپس تي به نظر آيا جيئن گاڏيءَ جو انتظار ڪندڙ مسافر سيءَ کان بچي سگهن. مان جيئن ئي ميوزم جي مئن گيٽ وٽ واقع رسيپشن ڪرسان ٽڪيٽ گهر وٽ پهتس ته مون کان پڇيائون ته ”توهان استاد ته نه آهيو؟“ مون کين چيو ته نه مان استاد ته نه پر هڪ تعليمي اداري جو سربراهه ضرور آهيان. انهيءَ تي هُنن ڪنهن سجاٽپ ڪارڊ جي پُڇا ڪئي. مون کين پنهنجو بزنس ڪارڊ ڏيکاريو (هتي وزيٽنگ ڪارڊ کي بزنس ڪارڊ چون) منهنجو ڪارڊ ڏسي هنن مون کي فري پاس ناهي ڏني ۽ ايئن منهنجا اٺ ڊالر بچي ويا. اندر وڃڻ کان پوءِ هڪ ٻي گيٽ تي مون کان ٽڪيٽ جي پُڇا ڪئي وئي. مون کين پاس ڏيکاري پرمعلوم ٿيو ته ميوزم ۾ اسي سيڪڙو اهڙا حصا هُيا جيڪي انهيءَ اڳوات مليل پاس ذريعي گهمي پئي سگهيا، جڏهن ته ويهه سيڪڙو ڪجهه اهڙا شعبا به هُئا جن لاءِ اٺ ڊالرن جي الڳ ٽڪيٽ وٺڻي هئي. مون ٽڪيٽ خريد ڪئي. خبر پئي ته ميوزم کي گهمڻ جو وقت صبح جو نائين کان شام پنجين بجي تائين مقرر ٿيل هُيو.

ميوزم ۾ داخلا شام جي ڇئين بجي بند ڪئي ويندي آهي ۽ ميوزم صرف ڪرسمس وارن ڏينهن تي ئي بند هوندو آهي، باقي سمورو سالُ هفتي جا سمورا ڏينهن ڪليل رهندو آهي. فيلڊ ميوزم ۾ مستقل ميمبرشپ رڪنڊڙن لاءِ مختلف قسم جا ڊسڪائونٽ پئڪيج بہ رکيل هئا. فيلڊ ميوزم جو سلوگن ڏاڍو خوبصورت هيو، جيڪو هن طرح هيو تہ “Exploring the earth and its people” سبب اهو هو تہ هن ميوزم ۾ زمين سان لاڳاپيل مختلف حقيقتون ئي محفوظ ٿيل هُيون. هتي ميوزم لائبريري بہ واقع هئي جيڪا صبح جو يارهين بجي کان شام جو ڇئين بجي تائين صرف سُومر ۽ جمعي جي ڏينهن کليل پئي رهي.

فيلڊ ميوزم جي وسيع ۽ شاندار عمارت ٽن منزلن تي مشتمل هُئي جن کي گرائونڊ ليول، مئن ليول ۽ اپر ليول سڏيو پئي ويو. گرائونڊ ليول تي جيڪي ڏسڻ جهڙيون شيون هُيون انهن ۾ جيمس سمپسن ٿيئٽر، هيريز اينڊ ويبر ريسورس سينٽر، انڊر گرائونڊ ايڊوينچر ۽ ٻيا شامل هئا. هن ئي فلور تي ڪرائون فيملي پلي ليب، ٻَہ وڏا فيملي ريسٽورينٽ، ميڪڊونالڊ شاپ، ۽ ليڪچر هال بہ موجود هئا. جڏهن تہ ميوزم ۾ جي هڪ حصي ۾ قديمي مصري تهذيب جون مختلف شيون موجود هيون. جنهن کي “Inside Ancient Egypt” سڏيو پئي ويو. کائڻ پيئڻ جي شين لاءِ هڪ مخصوص حصي ۾ ويندنگ مشينون لڳل هيون جن جي سامهون ئي پڪنڪ سيٽنگ جو بندوبست ٿيل هو. هن فلور تي صاف سُٿرا واش روم، فيملي ٽوائليٽ، مختلف جاين تي پيئڻ جي صاف پاڻي جا ڪُولر، فرسٽ ايڊ سينٽر، انفارميشن ڊيسڪ (جتان گم ٿيل ٻارن جي پُڇا بہ ٿي رهي هئي) مختلف جاين تي فون بوٿ، ٽيڪسي فون (جتان ٽيڪسي گهرائڻ لاءِ فون ٿي رهيا هئا) ۽ ٻيون گهڻيون سهولتون هِن فلور تي موجود هيون. هِن فلور ۾ اندر داخل ٿيڻ لاءِ جتي مختلف ڪوڙ دروازا موجود هُئا اُتي “Group Entrance” يعني ڪنهن ويگن جي وڃڻ لاءِ بہ گيٽ موجود هيو. مختلف جاين تي هنگامي بنيادن تي هن عمارت مان نڪرڻ لاءِ “Fire Exit” پڻ موجود هئا. اهڙا رستا ٽنهي فلورن تي موجود هئا. گرائونڊ ليول تي هن ميوزم ۾ اسٽور روم، نرسنگ روم ۽ ٻارن کي هڪ جاءِ تي ويهارڻ جون جايون بہ ٺهيل هُيون.

وِچين منزل جنهن کي ”مئن ليول“ چيو پئي ويو، هن منزل ۾ داخل ٿيندي ئي بہ مصنوعي هاٿي نظر اچي رهيا هُئا. مُک دروازي جي سامهون ئي نصب ٿيل اهي هاٿي جڻ تہ سچا پچا هاٿي هُجن. (اهڙي قسم جو هاٿي ڪراچيءَ ۾ سفاري پارڪ جي سامهون مئن گيٽ تي پڻ ناهيو ويو آهي) پر هي هاٿي هُو بهو اصل لڳي رهيا هئا، پرسان ئي هڪ تمام وڏي ڊائنوسار جو ڍانچو پڻ نصب ٿيل هُيو. وڏي تعداد ۾ اسڪولي ٻارڙا پنهنجي ٽيچرز سميت هن فلور تي گهمندي ڦرندي نظر آيا. هن فلور تي مختلف اسپيشل گيلريون نهيل هُيون. اهڙين گيلرين ۾ رائيس گيلري، Nebber گيلري، Holleb ايگزيبيشن گيلري شامل هيون. هن ئي فلور تي Levin ايگزيبيشن گيلري بہ ڏسڻ وارن جي توجہ جو مرڪز هئي. جڏهن تہ پراڻن آمريڪين ۽ قديم آفريڪين جي لائيف اسٽائيل جي حوالي سان الڳ الڳ ماڳ موجود هُيا. پکين ۽ جانورن جي حوالي سان بہ مختلف ڏسڻ جهڙيون جايون هِن فلور تي موجود هيون. جن ۾ Bird Habitats، Lions of Tsaro، مئملس آف ايشيا، مئملس آف آفريڪا، ورلڊ آف مئملس، نيچر واڪ، ورلڊ آف برڊس، نارٿ آمريڪن برڊس ۽ ٻيون جايون نهيل هُيون. جنهن ۾ رنگ رنگ جا پکي ۽ جانور ايئن محفوظ ڪيا ويا آهن جڻ تہ بلڪل جيئرا هُجن. هن فلور تي ”& Replies Amphbions“ جي نالي سان نهيل جاءِ پڻ سياحن جي دلچسپي جو مرڪز هئي. جڏهن تہ هِن ئي فلور تي نارٿ آمريڪن انڊينس جي لائيف اسٽائيل متعلق بہ هڪ ڪارنر قائم هيو. هن فلور تي بہ قديم مصري تهذيب جو ڪارنر قائم ٿيل هو. فيلڊ ميوزم جي اوڀر ۾ مشيگن ڍنڍ جڏهن تہ اولهہ ۾ Lake Shore Drive واقع هئي.

فيلڊ ميوزم جي مٿئين فلور جنهن کي ”اپر ليول“ سڏيو پئي ويو، تي پڻ دلچسپين جو عجيب جهان آباد هيو. جن کي ڏسڻ لاءِ پڻ عورتون، مرد، نوجوان، اسڪولي ٻارَ وڏي تعداد ۾ موجود هئا. ”Plants of the World“ واري حصي ۾ دنيا جي مختلف حصن جا گُل، ٻُوٽا محفوظ ڪيا ويا هئا. ”ڊائنوسار هال“ ۾ محفوظ ڪيل ڊائنوسار ڏسي عقل دنگ رهجي ويو، ڊي اين اي ڊسڪوري سينٽر، اسپيشل ايگزيبيشن گيلري، پئسفڪ سمنڊ جي حوالي سان، پئسفڪ اِسپرٽس ۽ ٽريولنگ دي پئسفڪ پڻ هِن فلور تي موجود هُيا، جنهن ۾ پئسفڪ

سمنڊ جي حوالي سان مختلف قدرتي منظر ۽ شيون محفوظ ٿيل هيون.هن ئي فلور تي هڪ “Fossil Preparation Laboratory” موجود هئي جڏهن تہ “More on Sue” جي نالي سان خاص ڏسڻ جهڙو ماڳ پڻ هن فلور تي هُيو. سموري دنيا جي مختلف خطن جي تهذيب انهن جي ثقافتي رنگ ۽ لباس ۽ ٻوٽن جي نمائش لاءِ مختلف “Exhibit Station” پڻ واقع هيون. ڪتابن، زيورن، گفٽ آئٽمز جي نمائش جا مرڪز بہ موجود هئا.

مان فيلڊ ميوزم جي ٽنهي فلورز کي دلچسپيءَ سان ڏٺو ۽ سچ تہ مون کي ڏاڍو مزو آيو. “Inside Ancient Egypt” ۾ ٿيوبهہ مصري مميون رکيل هُيون. جيڪي مصري تهذيب جون صديون پراڻو اهڃاڻ هُيون. جڏهن تہ هڪ ”مصري ڪتولو“ جنهن کي “Egyptain Bed” سڏيو پئي ويو پڻ هتي موجود هُيو ۽ سياحن کي ان تي سمهڻ جي اجازت هئي. هِن صديون پراڻي ڪتولي تي سُمهي مان چئي تہ ڪن پل لاءِ 2450 قبل مسيح واري مصر ۾ پهچي ويس. بلڪل ائين “The Ancient Americas” واي حصي ۾ پهچي چئي تہ مان تيرنهن هزار پراڻي آمريڪن تهذيب ۾ پهچي ويس. ننيڙن ڳوٺڙن مان شروع ٿيل زندگي، برف واري دؤر “Ice Age” جا عڪس، شِڪاگو جي آباديءَ جي شروع وارا ڏينهن، ڪاٺ جي ٻُتن سان ڀريل پورو هال ۽ ٻيون اهڙين حيرت ناڪ دلچسپيون هتي ڏسڻ لاءِ مليون. “Lions of Tsaro” واي حصي ۾ اُهي شينهن رکيل نظر آيا جن ڪنهن زماني ۾ اوپر آفريڪا ۾ دهشت ڦهلائي هُئي. فيلڊ ميوزم جي حوالي سان هڪ ڳالهہ شيئر ڪندو هلان تہ هتي مختلف حصن ۾ داخل ٿيندي ان سان لاڳاپيل ماحول مطابق پکين توڙي جانورن جا آواز پڻ “Sound effect” طور ٻُڌجي رهيا هئا. جيڪي ماحول کي حقيقت جي قريب تر بنائي رهيا هُئا.

فيلڊ ميوزم جي هر حصي ۾ مختلف گائيڊ، وزيٽرس کي ٻُڌائيندي نظر آيا. جيتوڻيڪ ٻاهر ڦهر جي سردي هئي پر ميوزم ۾ اندر مناسب گرمي پد هُيو. هر حصي جي ٻاهران ان حصي متعلق معلوماتي ڪتابڙا ۽ بروشر پيل هُئا، جيڪي مفت ۾ سياحن کي ملي رهيا هئا. زيورن واري حصي ۾ جيتوڻيڪ ڪيترائي قيمتي زيور، هيرا، جواهر ۽ موتي پيل هُئا پر ڪوئي بہ سيڪيورٽي گارڊ نظر نہ آيو. “The painted

Bird” وارو حصو به ڏاڍو خوبصورت هيو جنهن ۾ دُنيا جهان جي خوبصورت رنگين پکين جو هزارين تصورون نهيل نظر آيون. ميوزم ۾ هنڌين هنڌين مختلف آرٽسٽ، ڪينواس جي سامهون پينسل توڙي برش سان تصويرون ٺاهيندي نظر آيا. هڪ حسين ڇوڪري پينسل سان هڪ باندر جو اسڪيچ ٺاهيندي نظر آئي. باندر سندس سامهون ئي رکيل هُيو. مون سندس ويجهو وڃي چيو ”نائيس“ جنهن تي سندس خوشيءَ جي ڪائي حد نه هئي ۽ مون کي ”ٿئنڪس “ چيائين. مون سندس تصوير پنهنجي ڪئميرا ۾ محفوظ ڪئي. منجهند جو مون کي اڃ بک ورايو. مون اڃي ميڪڊونالڊ جو پاسو ورتو ۽ اتان هڪ برگر خريد ڪيو. پر جيئن ئي ويهي برگر کولي ڏسان ته ان ۾ سوئر جو گوشت نظر آيو. سوئر جو گوشت مون کي ”Denny’s“ تي راجا ڏيکاريو هو ۽ ان جي سُڃاڻپ سمجهائي هئي مون فورا برگر واپس ڪيو ۽ چڪن برگر ورتو ۽ پوءِ اڃي ڪاڏو، فيلڊ ميوزم جا انيڪ احساساتي رنگ ڏسندي ٽائيم جي خبر ئي ڪونه پئي ۽ مان پوڻين پنجين بجي ڌاران ميوزم کان ٻاهر نڪري آيس. ٻاهر سخت سردي هئي. مون ٻاهر نڪري مئن انٽرينس جو فوٽو ڪڍيو. ميوزم ۾ سون جي تعداد ۾ گورا ۽ ڪارا نظر اچي رهيا هئا. سوا پنجين بجي مير محمد پهچي ويو. مير محمد پندرنهن منٽ ليٽ هُيو ۽ انهيءَ معمولي دير تي به هُن مون کي ايڪسڪيوز چيو. پوڻين پنجين بجي جنهن وقت مان ميوزم کان ٻاهر نڪتو هئس ان وقت سج لهي چڪو هو.جڏهن ته آمريڪا جي ڪجهه علائقن ۾ ان‍ين بجي به سج بيٺل هوندو آهي. مير محمد مون کي فريد پٽو جي آفيس پهچايو، پوءِ فريد سان گڏ گهر آيس، گهر ڏانهن ايندي خيرپور مان منهنجي دوست محمود سومري جو فون اچي ويو. جنهن سان حال احوال ٿيا. فريد جي ٻارڙن فرمائش ڪئي ته فيلڊ ميوزم ۾ ڪڍيل تصويرون کين ڏيکاريان اهڙي طرح اٽيتاليهه انچن ”H.D“ جي ٽيليويزن سان ڪئميرا جي ليڊ جوڙي اسان فيلڊ ميوزم جون تصويرون ڏٺيوسين، جيڪي فريد جي ٻارن کي ڏاڍيون وڻيون ۽ پوءِ رات جي ماني کائي فريد سان ٽورڙي ڪچهري ڪري اسان ننڊ جي نيري واديءَ ڏانهن نڪري وياسي.

# انڊيانا رياست جو احوال ۽ ”ڪُتن جو هوٽل“

آمريڪا ۾ عام اخلاقيات ۽ تڪلف جو تمام گهڻو خيال رکيو ٿو وڃي. انهيءَ ڳالهه جو احساس مون کي ان وقت به ٿيو جڏهن نئين ڏينهن تي مان فريد سان گڏ صبح جو تيار ٿي سندس آفيس آيس. فريد هتي هر هڪ اسٽاف ميمبر کي الڳ الڳ ”گڊ مارننگ“ چيو. فريد جي آفيس ۾ وينوئي هُيس جو خيرپور کان پروفيسر غلام قادر ڦلپوٽو جو فون اچي ويو. سائينءَ مون کان سفر جا حالَ احوال ورتا. سائين غلام قادر ڦلپوٽو نائين ڪلاس ۾ منهنجو ڪلاس ٽيچر رهي چڪو آهي ۽ سائينءَ جو مون سان تمام پراڻو ساٿ رهيو آهي. پاڻ ادب سان چاهه رکندڙ هڪ متحرڪ سماجي شخصيت آهي. فريد مونکي ٻُڌايو اڄ ”انڊيانا اسٽيٽ“ هلڻو آهي جتي انڊيانا اسٽيٽ جي شهر ”Munster“ ۾ پڻ ڊاڪٽر مبارڪ جي هڪ ڪلينڪ موجود آهي. جيڪا نئين نئين قائم ڪئي وئي هُئي. انڊيانا اسٽيٽ ۾ ماڻهن جي آبادي گهٽ آهي جڏهن ته حڪومت پاران هتي ماڻهن کي رهڻ جي ترغيب ڏيڻ لاءِ ڪاڏي پيتي جي شين تي ٽيڪس ۾ تمام گهڻي رعايت ڏني ويئي آهي. فريد جيئن ئي پنهنجي آفيس جي ڪم مان فارغ ٿيو اسان ٻارهين بجي منجهند جو انڊيانا اسٽيٽ لاءِ روانا ٿياسي. هيءَ اسٽيٽ شڪاگو کان اڌ ڪلاڪ جي ڊرائيو تي آهي اسان ٿوري دير ۾ انڊيانا اسٽيٽ ۾ واقع ڪلينڪ ۾ پهچي وياسي. ڪلينڪ نئين نئين قائم ٿي هُئي. مريضن اچڻ شروع ٿي ويا هئا، پر مريضن کان ڪائي فيس نه پئي ورتي وئي. فريد ٻُڌايو ته هيءَ ڪلينڪ اڃان تائين رجسٽرڊ ناهي ٿي اُن ڪري مريض کان فيس وٺڻ جي مجاز ناهي. آفيس ۾هڪ شيدياڻي ۽ فلپائيني عورتون ڪم ڪندي نظر آيون. جن مان هڪ پنجونجاهه سالہ فلپائيني عورت ”سو“ به هئي. ”سُو“ زندگي جو وڏو حصو اقوام متحده ۾ گذاري آئي هئي. هوءَ فريد جي دوست هُئي ۽ مٽس وڏي مهربان هئي. ايتري تائين جو هُن وصيت به ڪري ڇڏي هُئي ته جيڪڏهن هوءَ مري وڃي ته سندس لاش کي فلپائين ۾ سندس گهر تائين پهچائڻ جي ذميداري فريد پُٽو جي آهي. فريد ”سُو“

سان منهنجو اڳواٽ ذڪر ڪري ڇڏيو. اُن ڪري هُنَ مونکي بہ ڏاڍو قرب ڏنو. فريد آفيس ۾ پنهنجو ڪم ڪار اڪلايو ۽ منجهند جو ٻين ٻجي ڌاران ”سُو“ اسان کي هڪ فاسٽ فوڊ شاپ تي وٺي آئي. جتي اسان مصالحيدار کاڌا کائي پنهنجي مُلڪ جي ياد کي تازو ڪيو. بل ”سُو“ ڀريو ۽ اسان واپس ڪلينڪ تي آياسي. جتي هِڪَ ملازم مون کي ڪجهہ رسالا ڏنا تہ جيئن مان بورنہ ٿيان ۽ويهي اِهي رسالا پڙهان. اوچتو فريد کي خيال آيو تہ سندس موبائل ڪٿي رهجي ويو آهي. موبائل تي رنگ بہ وڄي رهي هئي. پوءِ خبر پئي تہ ٻاهر گاڏيءَ مان نڪرڻ وقت سندس موبائل ڪوٽ جي کيسي مان هيٺ ڪري پيو هو، جيڪو اُتي ئي انهن گاڏين جي وچ ۾ پيو هو. بهرحال، موبائل تہ ملي ويو ۽ پوءِ اسان انڊيانا ۾ شاپنگ ڪرڻ لاءِ نڪتاسي. انڊيانا ۾ بہ سخت سردي هُئي. روڊن تي گهمندي ان جو احساس اجان بہ وڌي رهيو هو. پر ساڳي ئي وقت آفيسن ۽ شاپنگ سينٽرن ۾ ايئرڪنڊيشنرن جي استعمال سبب ٽيمپريچر مناسب هُيو. مون هڪ دوڪان تان ڊجيٽل ڪئميرا خريد ڪئي جيڪا 126 ڊالرن ۾ملي جڏهن تہ ساٺس ويهہ ڊالرن جو هڪ گفٽ ڪارڊ بہ مليو جنهن جي عيوض مان ڪا بہ شيءِ خريد پئي سگهيس.

شام جو گهر واپس اچڻ ڪان پوءِ ڪجهہ دير آرام ڪيو ۽ رات جو فريد جي ٻارن سان گڏ اسان وري شاپنگ ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪتاسي، فريد مون کي ”Pets Mart“ نالي هڪ شاپنگ سينٽر تي وٺي آيو. هونئن فريد کي ڪا خاص خريداري نہ ڪرڻي هئي پر صرف منهنجي مشاهدي لاءِ هُو هِن مارٽ تي آيو هو. هي اِهو مارٽ هيو جتي مختلف جانور ۽ پکي وڪامي رهيا هُئا. مختلف قسمن جا جانور، مختلف رنگن ۽ نسلن جا پکيئڙا، ايتري تائين جو هتي نورَ، سانڊا، وڇون ۽ نانگ بہ وڪامي رهيا هئا. جانورن ۽ پکين جي کاڌي پيتي جا دوڪان بہ هتي موجود هئا. هڪ ڪنڊ ۾ هڪ هيئر ڊريسر شاپ بہ هُيو جتي ڪُتن جي حجامت ٿي رهي هئي. فريد ٻُڌايو تہ هتي ماڻهو پالتو ڪتن سان پنهنجي ٻارن وانگر پيار ڪن ٿا. پرسان ئي ”Pets Hotel“ بہ موجود هيو جنهن جي سِري تي لکيل هو ”All the Comforts of home“ يعني ”گهر جهڙيون سموريون سهولتون.“ اوهان کي اهو ٻُڌي حيرت ٿيندي تہ اهو ”ڪتن جو هوٽل“

هُيو، هتي ڪوئي بہ گهر مالڪ يا فئملي جڏهن شهرڪان ڪجهہ ڏينهن باهر وڃن تڏهن پنهنجا پالتو ڪُتا هِن هوٽل تي ترسائي وڃن. هتي ڪتن جي رهائش ۽ سندن کاڌي پيتي جو بندوبست هوٽل انتظاميہ ڪري، مالڪ ڪم ڪاريون لاهي واپس اچي بل ادا ڪري پنهنجا ڪُتا ڪٽي وڃن. مان ڏاڍو حيران ٿيس. هِن ملڪ ۾ جانورن جو بہ ايترو خيال رکيوپئي وَيو!!. پاڻ وٽ تہ انسانن لاءِ بہ اهڙي سهولت موجود ڪو نہ آهي. مون ڏٺو ان وقت بہ ماڻهو قطار ۾ بيٺا هُئا سندن بغل ۾ يا پرسان سندن پالتو ڪُتا هُئا جن کي هُو هتي ترسائي رهيا هُئا. اسان ٿورو گهمي ڦري واپس گهر هليا آياسون رات جو خيرپور کان محمود سومري جي فون آئي جنهن خيرپور جا حال احوال ڏنا ۽ هتان جا احوال ورتا.

# ”ايڊلر پلانيٽوريم“ ۾ ڪجهہ پَلَ

ٻئين ڏينهن صبح جو تيار ٿي فريد سان گڏ سندس آفيس آيس. فريد کي سندس آفيس پاران، التو سان مشابهت رکندڙ ٽُو ڊور ٽويوٽا گاڏي مليل هُئي، هيءَ ننڍڙي گاڏي هئي، جڏهن تہ سلور رنگ جي وڏي گاڏي سندس فئمليءَ جي استعمال هيٺ هئي. آفيس ۾ انڊيا جي هڪ ديوان ڊاڪٽر سان ملاقات ٿي سندس نالو ”نيماليا“ هو. هُو هتي فريد جي آفيس ۾ ڪم بہ ڪري رهيو هو. ٽڌي طبيعت وارو نرماليا اردو، هندي اسپينش ۽ انگريزي ڳالهائي پئي سگهيو. فريد مٿس ذميداري رکي تہ هُو مون کي اڄ ”پلانيٽوريم“ گهمائڻ لاءِ وٺي وڃي. ”ايڊلر پلانيٽوريم“ مشيگن ڍنڍ جي ڪناري واقع هُيو، ڊاڪٽر نيماليا مون کي پلانيٽوريم جي ٻاهران ڇڏيو ۽ چيو تہ هُو منجهند جو هڪ بجي واپس ايندو.

مان ٽڪيٽ وٺي اندر داخل ٿيس. اندر وري ڪجهہ حصن لاءِ الڳ ٽڪيٽ وٺڻي هُئي، جڏهن تہ اڪثر حصا صرف انٽري ٽڪيٽ وسيلي ڏسي پئي سگهياسون. اسڪولي ٻارن جو تمام وڏو انگ اسٽڊي ٽوئر جي سلسلي ۾ گهمندي نظر آيو. پلانيٽوريم جي هر حصي ۾ وري مختلف سوالنامہ اُتان حاصل ڪيل ڄاڻ متعلق موجود هُيا. جيڪي ٻارن جي ذهانت جي لاءِ جهڙوڪر ٽڪڙي امتحان وانگر هُئا.

جيتوڻيڪ ٻاهر سخت سردي هُئي پر اندر گرمي پد مناسب هيو. پلانيٽوريم گول نهيل هو چوڌاري شيشي مان مشيگن ڍنڍ جا منظر ڏسڻ ۾ پئي آيا. ڍنڍ جا خوبصورت منظر ۽ شڪاگو جون اوچيون عمارتون پلانيٽوريم جي اندران عجيب سونهن ڀريو منظر پيش ڪري رهيون هيون. پلانيٽوريم ۾ مختلف دلچسپيون ۽ حيرت ناڪيون موجود هيون. جن ۾ ٽِرلنگ شوز، اسڪاءِ شوز، ريسرچ اينڊ ايڊوڪيشنل پروگرامز شامل هُيا. جڏهن تہ هتي گفٽ شاپ، نيٽ ڪيفي، پبلڪ ليڪچر هال بہ موجود هئا. هِتي سال جي مختلف ڏينهن تي خاص ڏينهن بہ ملهايا ويا وڃن. جن ۾ “Annual President’s Breakfast” ۽ عورتن جا خاص ڏهاڙا پڻ شامل هُئا. چنڊ، ستارا، سيارا، ڪهڪشائون ۽ انهن جي

ڳُجهہ دريافت ڪرڻ جي سلسلي ۾ پلانيٽوريم ڪنهن عجوبي کان گهٽ نہ هو. هي پلانيٽوريم دُنيا جي تمام ٿورڙن پلانيٽوريمس مان هڪ آهي جيڪو انسانن جي، خلائي ڪوجنا جي مختلف رخن کي سامهون آڻي ٿو ۽ ان سان لاڳاپيل ڪردارن ۽ هيروز جي تاريخ کي پڻ محفوظ ڪري ٿو. هتي ئي "The Alder Planetarium's Star Rider Theature"بہ موجود آهي جيڪو دنيا جي سڀ کان وڌيڪ ترقي يافتہ پلانيٽوريم ٿيٽرس مان هڪ آهي. وقت جي ڳُجهن کي هتي اچي حيرت انگيز انداز ۾ پروڙي سگهجي ٿو.

پلانيٽوريم جي مختلف دلچسپين ۾ اسڪولي ٻارڙا ۽ وڏا محو نظر آيا. ٻارَ مختلف تجربا ڪري رهيا هُئا. هِڪَ جاءِ تي دُنيا جي گولي ۾ اندر ٻہَ ڪُرسيون رکيل نظر آيون مان اُني ڪرسيءَ تي وينس، ٻي ڪرسي تي گائيڊ ويٺي ۽ دنيا جو گولو بند ٿي ويو، انڊيرو ڇائنجي ويو ۽ پوءِ گائيڊ انڊيڪيٽر ٻاري شمسي نظام متعلق ڄاڻ ڏيندي رهي. ڏاڍو دلچسپ جهان هيو هِنِ پلانيٽوريم جي مختلف حصن جو، "Cosmic Collisions" اها دلچسپي هئي جتي چنڊ جي نهڻ جي ارتقائي عمل جي باري ۾ ڏيکاريو پئي ويو "Short for the Moon" پڻ اسپيس ايڊوينچر جو انوکو نمونو هيو.

پلانيٽوريم جي عمارت ٽن منزلن تي مشتمل هئي جنهن ۾ انهيءَ کان علاوه بہ ڪوڙ ساريون دلچسپيون موجود هيون. جن ۾ "One world one Sky" واري حصي ۾ ڏاڍو مزيدار ايڊوينچر موجود هيو. جڏهن تہ "Fly me on the Moon" وارو حصو وري ٻارن جي دلچسپيءَ جو مرڪز نظر آيو. جڏهن تہ پلانيٽوريم ۾ پبلڪ لاڪرز، ويڊنگ پوائنٽس ۽ پارڪنگ جو بہ جوڳو انتظام نظر آيو.

پلانيٽوريم ۾ تمام گهڻيون دلچسپيون موجود هُيون ۽ مون وٽ ايترو وقت ڪونہ هُيو جو سڀني جاين کي ڏسي پَسي سگهان. منجهند جو هڪ ٻجي کان اڳ ئي نيماليہ اچي ويو هُن مون ڏانهن فون ڪئي (اڄ مان فريد طرفان ڏنل موبائل فون ساڻ ڪنيو آيو هئس) مان ٻاهر نڪري آيس، ٻاهر سخت سرديءَ منهنجي هڪ دفعو ٻيهر آجيان ڪئي. مان اچي گاڏيءَ ۾ وينس. ڳالهہ ٻُڌائيندو هلان تہ اُني وزيٽرس جن کي پنهنجيون گاڏيون نہ هيون انهن لاءِ ٽرام جي شڪل جي هڪ بس

جي صورت ۾ ”Free Ride“ جي سروس موجود هئي “Chicago’s free Trolley System” جي نالي سان هيءَ ٽرانسپورٽ سروس شڪاگو جي مختلف سياحتي ماڳن کي ڏسڻ لاءِ ايندڙ سياحن لاءِ مفت ۾ مهيا ٿيل هئي.

# آرٽ ميوزم: فن جو لازوال مرڪز

پلانيٽوريم مان واپس اچي مان ۽ ڊاڪٽر نيماليہ شڪاگو جي وڏي ۾ وڏي آرٽ ميوزم ۾ آياسي. جتي دُنيا جهان جي آرٽ جا رنگ محفوظ ٿيل هئا، ايتري وسيع ۽ شاندار آرٽ ميوزم کي مڪمل طرح ڏسڻ لاءِ شايد مهينا درڪار هجن ها پر اسان هِڪَ هڪَ حصي تي ٽڪڙي نهار وجهندا رهياسي. ميوزم ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ٽڪيٽ وٺڻي پئي "Art Institude of Chicago" جي نالي سان قائم هن آرٽ ميوزم ۾ داخل ٿيندي ئي ٻن شينهن جي مجسمن اسان جي آجيان ڪئي. هتي سيڪيورٽيءَ جو انتظام سخت نظر آيو. شايد ان ڪري تہ هتي نادر آرٽ جا نمونا محفوظ هُئا. اِها آرٽ پينٽنگز ۽ اسڪلپچرز جي صورت ۾ هئي، جڏهن تہ آرٽ جو هڪ وسيع جهان هِن ميوزم جي مختلف حصن ۾ موجود هيو. ميوزم جي هيءَ شاندار عمارت پڻ ٽن منزلن تي مشتمل هئي. لوئر ليول تي جيڪي گيلريز قائم هيون انهن ۾ ٽيڪسٽائيل ورڪ جا نمونا، پيپر ورڪ ڪليڪشن جا انيڪ نمونا، يورپين ڊيڪوريٽر آرٽ پيسز جا نمونا، آفريڪن ۽ قديم آمريڪن آرٽ جا نمونا، آرڪيٽيڪچر آرٽ  جي گيلري، هٿ جي هنرن جي سکيا جو مرڪز، فوٽوگرافي جو شعبو، ٿچ گيلري وارا شعبا اهم هئا.

فرسٽ ليول تي اوڻيهين صدي عيسوي جي آمريڪن آرٽ جا نمونا، 1901ع کان وٺي هيل تائين آمريڪن ڊيڪوريٽر آرٽ جا نمونا، قديم مصري، يوناني ۽ رومن آرٽ جا نمونا، همعصر آرٽ جا نمونا، انڊين ۽ سائوٿ ايشن آرٽ جا نمونا، چائينيز، جاپاني ۽ ڪورين آرٽ جا نمونا، پرنٽس ۽ ڊرائينگس جو شعبو ڏسڻ وٽان هُئا.

سيڪنڊ ليول تي آرڪيٽيڪچر گيلري، امپريشنزم ۽ پوسٽ امپريشنزم جي گيلري، يورپي پرنٽس ۽ ڊرائنگس، سورهين، سترهين ارڙهين، اوڻيهين ۽ ويهين صديءَ جي آرٽ جا نمونا ڏسي عقل دنگ رهجيو پئي ويو. آمريڪين جتي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي ميدان ۾

معرڪا سر ڪيا آهن اتي سندن آرٽ سان دلچسپي ۽ لڳاءُ پڻ ڏسڻ وٽان هُيو.

اسان ڪي ٻُڌايو ويو ته هي آرٽ ميوزم سال جا سمورا ڏينهن سواءِ ڪرسمس ۽ هيپي نيو ييئر جي، کليل رهندو آهي جڏهن ته خميس جي ڏينهن شام جو پنجين کان انين بجي تائين ۽ مزدورن جي عالمي ڏينهن تي ميوزم ۾ انٽري فري هوندي آهي. ميوزم جا مستقل ميمبر بغير ٽڪيٽ جي ڪنهن به ڏينهن تي گُهمي سگهندا آهن. ميوزم ۾ وقت به وقت آرٽ جي حوالي سان مختلف پروگرام پڻ ٿيندا رهندا آهن. آرٽ گيلرين ۾ کاڌي پيتي جي شين ۽ گُل ڪٽي وڃڻ جي اجازت نه هئي سگريٽ نوشي منع هُئي. فوٽو گرافي به صرف ذاتي ۽ نان ڪمرشل مقصدن لاءِ ڪري پئي سگهياسون. آرٽ ميوزم ۾ انفارميشن، چيڪ روم ۽ ريسٽ رومز جا الڳ شعبا قائم هئا. ٽيليفون ۽ فوڊ سروس جون جڳهيون موجود هيون، جڏهن ته ميوزم شاپ ۽ فئملي شاپ پڻ هڪ پاسي کان موجود هئا. جتي آمريڪا توڙي پرڏيهه جي مختلف حصن کان آيل سياح خريداري ڪري رهيا هئا.

آرٽ جي مختلف شعبن ۽ انهن جي تاريخ سان دلچسپي رکندڙن لاءِ هي ميوزم ڪنهن جنت کان گهٽ ناهي. ميوزم جي هڪ حصي ۾ آرٽ جي سکيا جو مرڪز پڻ موجود هُيو جتي شاگردن کي آرٽ جي سکيا ڏني پئي وئي.

شامَ جو ٽين ڌاران شنڪر جي فون اچي وئي جنهن چيو ته ”مان توهان کي ميوزم وٽان کڻڻ اچان ٿو“، سوا ٽين بجي اسان آرٽ ميوزم جي سمورين حسناڪين کي خدا حافظ چئي ٻاهر نڪري آياسي. ٻاهر شنڪر اسان جي انتظار ۾ بيٺو هو. هُو اسانکي سڌو ”ديوان اسٽريٽ“ وٺي آيو (اُهائي ديوان اسٽريٽ جنهن کي ڏسي طارق روڊ ياد اچي ويندو آهي) هڪ هوٽل ۾ ويهي ريفريشمينٽ ڪئي سي، هتي ئي فريد جو فون اچي ويو، جنهن چيو ته ديوان اسٽريٽ مان حلال گوشت ورتيون اچو. اسان فريد لاءِ پنج ڇهه مُرغيون خريد ڪري، ذبح ڪرائي گوشت جي صورت ۾ ڪنيوسي ۽ سڌو شنڪر جي گهر آياسي جتي اسان جي لاءِ رات جي مانيءَ جو شاندار اهتمام ٿيل هيو. پاپيءَ سان ملاقات ٿي، شنڪر جون به نياڻيون هتي خيرپور ۾ سنڌ چلڊرينس اڪيڊمي ۾ پڙهنديون

هيون. اُهي اڪيڊميءَ ۾ نڪتل پنهنجن پُراڻن فوٽن جو البم ڪٺي آيون جنهن ۾ اسڪول جي مختلف تقريبن جا فوٽو اسان سيني گڏجي ڏٺا. انهيءَ وقت شنڪر، ضمير لاشاريءَ ڏي فون ڪيو. ان وقت پاڪستان ۾ صبح جا ڇهه ٿي رهيا هُئا ۽ ضمير ڪنهن ورڪشاپ جي سلسلي ۾ اسلام آباد ترسيل هُيو. شنڪر جي فون ڪيس نندَ مان سجاڳ ڪيو. شنڪر گهرواريءَ سميت اسان کي فريد جي گهر ڇڏڻ آيو. جتي پهچڻ تي وري فريد جي گهرواريءَ زوريءَ کين ويهاري ڇڏيو ۽ چانهه پياري پوءِ ڇڏيو. هُو اسان کان موڪلائي پنهنجي گهر هليا ويا.

منهنجو اڄوڪو ڏينهن سُٺو ڏينهن گذريو. پلانيٽوريم ۾ سائنس جا ڪرشما ۽ آرٽ ميوزم جو خُمار جهڙوڪر منهنجي دماغ تي ڇائنجي ويو هُو. مٿان وري شنڪر جي مهمان نوازيءَ اصل مزو ڏئي ڇڏيو. رات جو فريد ۽ ان جي ٻاررن سان ڪچهري ڪري کين اڄوڪي ڏينهن جا حال احوال ڏئي مان سمهي رهيس.

# اسپرنگ فيلڊ: ابراهام لنڪن جون يادون

اڄ اسان صبح جو سوير تقريباً ڇهين بجي ننڊ مان سجاڳ ٿياسي. ڇاڪاڻ ته اڄ اسان کي ”Illinois“ اسٽيٽ جي گادي واري هنڌ ”Spring field“ ڏانهن وڃڻو هو. هي اهو تاريخي شهر آهي جتي آمريڪا جي اڳوڻي صدر ابراهام لنڪن زندگيءَ جو وڏو عرصو، تقريباً ٽيهه سال گذاريو. صبح جو ستين بجي اسان سپرنگ فيلڊ ڏانهن روانا ٿياسي. رستي جي ٻنهي طرف آباديون ۽ ڪارخانه نظر آيا. رستي ۾ فاسٽ فوڊ جي هڪ دوڪان تي ٿوري دير بيهي پيٽ پوڄا به ڪئي سون. تقريباً ساڍي يارهين بجي اسان اسپرنگ فيلڊ شهر ۾ داخل ٿياسون.

ابراهام لنڪن يونائيٽيڊ اسٽيٽس آف آمريڪا جو سورهون صدر ٿي گذريو آهي. جنهن آمريڪا جي تاريخ کي اُٿلائي پٿلائي ڇڏيو. تاريخدانن جي چوڻ مطابق هو آمريڪا جو عظيم ترين صدر ٿي گذريو آهي. 12 فيبروري 1809ع تي ”هارڊن ڪائونٽي“ ۾ جنم وٺندڙ آمريڪا جي هن عظيم صدر نوجوانيءَ جي عمر ۾ئي سياست ۾ پير پاتو. هُو هِڪَ انقلابي ۽ باغي رُوح وارو اڳواڻ هويو. 1832ع ۾ هُو ”Illinois“ اسٽيٽ جي ليجسليٽو اسيمبلي جو ميمبر ٿيڻ ۾ ناڪام ٿيو. جڏهن ته ٻن سالن کان پوءِ هُو ”Whig party“ ۾ ميمبر چونڊيو ويو. هڪ ”Whig“ جي حيثيت سان هن مثال ڪم ڪيو. روڊن، ڪينالن، ريلوي لائينن ۽ هار برس جي تعمير ۽ انهن جا نوان ڇار وڇائڻ ۾ هن اهم ڪردار ادا ڪيو. ابراهام لنڪن وڪالت جي شعبي سان به جاکوڙي انداز ۾ سلهاڙيل رهيو. هُو 1847ع کان 1849ع تائين” يُو ايس هائوس آف ريپريزينٽيٽوز“ جو ميمبر رهيو. فيبروري 1860ع ۾ جڏهن لنڪن نيو يارڪ ۾هڪ عظيم ريلي کي خطاب ڪيو تڏهن سندس وڏي پئماني تي سياسي بصيرت ظاهر ٿي ۽ هُو آمريڪي صدر جي عهدي لاءِ هڪ قابل ۽ مضبوط اميدوار طور سڃاڃجڻ لڳو ۽ آخر هو هڪ مضبوط صدر ٿي ويو. 1861ع ۾ آمريڪا ۾ خانه جنگي ڇڙي پئي ۽ ڪماڊر ان چيف جي حيثيت سان هُن پنهنجي ملڪ کي ان خانه جنگي مان ٻاهر ڪڍيو.

اسپرنگ فيلڊ هڪ صاف سٿرو، ويڪرو ۽ ڪليل شهرهيو. عمارتون پري پري، ڪشادا رستا ۽ انهيءَ سخت سرديءَ وارن ڏينهن ۾ هي شهر مون کي ڏاڍو خوبصورت لڳي رهيوهو. اسان شهر جا نظارا پسندا "Abraham Lincoln Presidential Library & Museum" پهتاسي. اندر داخل ٿيڻ لاءِ ٽڪيٽ ورتي سون. ٽڪيٽ ۾ شاگردن لاءِ خاص رعايت رکيل هُئي. ٽڪيٽ سان گڏ اسان کي ٻانهن جي ڪلائيءَ ۾ پائڻ لاءِ هڪ سائي رنگ جي ربن بہ ڏني وئي، اُهو انهيءَ لاءِ تہ جيڪڏهن ڪوئي ميوزم کان ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر اچي تہ ٻيهر وري اندر داخل ٿي سگهي. هن شاندار ۽ تاريخي ميوزم ۾ ابراهام لنڪن جي زندگيءَ جي مختلف حوالن کي جنهن شاندار انداز ۾ محفوظ ڪيو ويو آهي، ان کي ڏسي عقل حيران ٿي ويو تہ ڪيئن آمريڪي پنهنجي عظيم هيرو جي ياد کي محفوظ ڪيو ٿا اچن. ميوزم جي هڪ حصي جي شڪل وائيٽ هائوس جو ڏيک ڏئي رهي هئي. هي ميوزم روزانو صبح جو نائين بجي کان شامَ جو پنجين بجي تائين سڄي دنيا جي سياحن جي توجہ جو مرڪز رهندو آهي. ابراهام لنڪن جي صدارتي زندگيءَ کان اڳ ۽ پوءِ وارن مختلف واقعن، لمحن ۽ يادگار گهڙين کي تصويرن، ملٽي ميڊيا، مجسمن ۽ مصنوعي ماڳن مڪانن ذريعي محفوظ ڪيو ويو آهي جيڪو آرٽ جو پڻ هڪ عظيم شاهڪار آهي. جڏهن تہ لئبريري ۾ ٻارنهن ملين کان مٿي ڪتاب، اسٽيٽ ۽ لنڪن جي حوالي سان، محفوظ ڪيا ويا آهن. جيڪا تحقيق ڪندڙن لاءِ ڪنهن جنت کان گهٽ ناهي. لائبريري ۾ داخلا مُفت آهي. ميوزم ۾ داخل ٿيندي ئي اسان ڄڻ هڪ نئين دنيا ۾ داخل ٿي وياسون. ميوزم ۾ داخلا جي ٽڪيٽ ڏھ ڊالر هُئي جڏهن تہ ٻاهٺ سالن کان مٿي وارن بزرگن لاءِ ست ڊالر، ملٽري ۽ شاگردن لاءِ ست ڊالر، پنج کان پندرنهن سالن تائين عمر جي ٻارن لاءِ چار ڊالر ۽ ڇئن سالن تائين جا ٻارَ مفت ۾ ميوزم گهمي پئي سگهيا. ميوزم جي ڪجھ حصي ۾ فوٽوگرافي جي اجازت هئي ۽ ڪجھ حصن ۾ وري منع ٿيل هُئي. ميوزم ڏسندي مون کي ابراهام لنڪن جو هڪ مشهور جملو ياد اچي ويو تہ "جيڪڏهن اسان ٻئي هڪٻئي سان هڪ ڊالر جي مٽا سٽا ڪريون تہ اسان ٻنهي وٽ هڪ هڪ ڊالر ئي هوندو پر جيڪڏهن اسان ٻئي هڪٻئي سان هڪ هڪ خيال جي مٽا سٽا ڪريون تہ

اسان ٻنهي وٽ ٻه ٻه خيال هوندا“ ڪيڏو نه خوبصورت جملو آهي ابراهام لنڪن جو.هتي ميوزم ۾ ابراهام لنڪن جي زندگي ۽ جدوجهد کي جذباتي انداز سان ۽ فنائتي نموني محفوظ ڪيو ويو هيو. ميوزم ۾ مختلف ٿيٽر به هُيا. جن ۾ هولو ٿيٽر ۽ فلمي ٿيٽر شامل هُئا. جن ۾ ابراهام جي زندگي تي مختلف فلمون هلي رهيون هيون. عجائب گهر ۾ گهڻي سان ڪيترائي جذباتي منظرن وارا مجسما ڏناسون. هڪ جاءِ تي ابراهام لنڪن جو اباڻو ڪچو گهر نهيل نظر آيو. اهو گهر اهڙي نه مهارت سان نهيل هيو جو ان کي ڏسي اصلي هجڻ جو گمان ٿي رهيو هو. ايتري تائين جو وَڻُ ٻوٽا ۽ ڍَڳ به اهڙي نموني ناهيا ويا هُئا جو هڪ لمحي لاءِ يقين نه پئي آيو ته اِهي نقلي آهن، ٻاهر وَڻ جي ڪٽيل ٿُڙ تي ويٺي نوجوان لنڪن ڪتاب پڙهي رهيو هو. پاسي ۾بيٺل وڻ جي ٿُڙ کي هٿ لائي فريد چيو ته هي نقلي ٿي نه ٿو سگهي. پر جڏهن اُن کي ٺورو وڃائي ڏنوسي ته خبر پئي ته اهو وڻ به نقلي هيو. جنهن جا ڇوڏا پڻ ناهيا ويا هُئا. ڪچي گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ ٻاهه ٻري رهي هئي ۽ اها ٻاهه به نقلي هئي. پرسان ئي لنڪن مطالعي ۾ مصروف ويٺو هو. پرسان ڪوئي رلي پاتيون سُتو پيو هو. (مون فريد کي چيو ته يار! هيءَ رلي ته صفا اهڙي رلي آهي جهڙي سنڌ جي ٻهراڙين ۾ عورتون رنگين ڪپڙن جي ٽڪرن کي ڪٽي ناهينديون آهن ۽ فريد منهنجي ان ڳالهه سان سهمت ٿيو) هڪ جاءِ تي ابراهام لنڪن درزيءَ جي روپ ۾ پنهنجي گهر واريءَ سان گڏ ڪائونٽر تي بيٺل نظر آيو. جڏهن ته وائيٽ هائوس ۾ وري ابراهام لنڪن جي صدارتي زندگيءَ جا عڪس نظر آيا. هڪ جاءِ تي سندس گهرواريءَ جا وارَ هڪ شيدياڻي نوڪرياڻي سنواريندي نظر آئي. بورچيخاني ۽ ميٽنگ روم جا منظر به نظر آيا. هڪ ميٽنگ ۾ ابراهام لنڪن کي اها رٽ پيش ڪندي ڏيکاريو ويو آهي ته سَڀُ انسان، ڪارا ۽ گورا برابر آهن ۽ سندس انهيءَ رٽ تي ڪابينه ميمبرن کي متي تي هٿُ ڏيندي ڏيکاريو ويو آهي. وائيٽ هائوس جي ٻاهران لنڪن جي سموري خاندان جا بيٺل مجسما نصب ٿيل آهن ۽ اهڙي انداز سان بيٺل آهن جو ڪيئي سياح اچي ساڻن گڏ بيهي گروپ فوٽو ڪيرائي پئي سگهيا. اسان به هتي گروپ فوٽو ڪيرايا. وائيٽ هائوس جي هڪ ڪمري ۾ ابراهام لنڪن خلاف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل ڪارٽونن جي ذخيري کي

محفوظ ڪيوويو هو پرهڪ دلچسپ ڳالهه ته اهي سيئي اخباري ڪارٽون ٽيڙن فريمن ۾ لڳل نظر آيا. ان وقت مون کي پير صاحب پاڳارو ياد اچي ويو. ڪجهه سال اڳ پنهنجي دوست صحافي عبدالرزاق خلجيءَ جي نياڻيءَ جي شاديءَ ۾ منهنجو پير ڳوٺ وڃڻ ٿيوهو جتي پير صاحب پاڳاري سيني ٻاهران آيل مهمانن کي پاڻ وٽ مانيءَ تي سڏيو هو ۽ اتي پير صاحب پيرين اگهاڙي ٻيهي سيني مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو هو. پير صاحب جنهن ڪرسيءَ تي ويٺو هو ان جي پويان ديوار تي پير صاحب جا اخبارن ۾ ڇپيل ڪارٽون خوبصورت فريمن۾ لڳل نظر آيا هئا. ايتري تائين جو 78-1977ع جا ڪارٽون بہ اتي نظر آيا هئا.

ابراهام لنڪن پنهنجي صدارتي اميدوار هئڻ جو اعلان هن ئي شهر ”اسپرنگ فيلڊ“ ۾ ڪيو هو. آمريڪا جا شهري لنڪن کي پنهنجو محسن تصور ڪندا آهن. هُو پنهنجي گهرواريءَ سان گڏ ٿيٽر ڏسندي ماريو ويو هو. اهو منظر بہ هڪ مجسمي جي صورت ۾ محفوظ ٿيل هُيو. منجهند جو اسان سيني هڪ ”پيزاهٽ“ تي لنچ ڪئي ۽ پوءِ پرسان ئي ”Fossils Museum“ ڏسڻ وياسي. هتي مان اهو پڻ ٻُڌائيندو هلان ته آمريڪن پنهنجي هن عظيم اڳواڻ کي ياد رکڻ لاءِ مختلف جاين تي تمام گهڻا يادگار ماڳ ۽ عمارتون سانديي رکيون آهن ڪيترائي تاريخي ڪامپليڪس ۽ سائيٽس لنڪن جي حوالي سان محفوظ آهن، جڏهن ته ڪيترائي ميوزم پڻ مختلف جاين تي موجود آهن.

فاسلز جي حوالي سان قائم ”Illionis State Museum“ بہ سياحن لاءِ دلچسپيءَ جو مرڪز نظر آيو. جنهن ۾ هن اسٽيٽ جي زميني خزائن، زندگي، ماڻهن ۽ آرٽ جي مختلف رخن کي مختلف حصن ۾ محفوظ ڪيو ويو هُيو. هتي بہ داخل ٿيندي ئي اسان کي”رلي“ ٽنگيل نظر آئي. فاسلز ميوزم ۾ هڪ حصو ريڊ انڊين جي حوالي سان انهن جي زندگيءَ ۽ تاريخ کي محفوظ ڪرڻ جي حوالي سان نظر آيو.

واپسيءَ تي اسان ابراهام لنڪن، جو يادگار ”Lincon Tomb“ ڏٺوسي، هي يادگار ابراهام لنڪن سندس زال ميري ۽ سندس پونئيرن جي آخري آرامگاهه آهي. 117 فوٽ اوچي هن يادگار کي ڏسي اسان ”اسپرنگ فيلڊ“ کان موڪلايو سي. رستي ۾ فريد جي ٻارڙن عُمير، نيها، دانيال ۽ ڪومل اها شڪايت ڪئي ته وقت گهٽ هئڻ سبب اسان

ميوزم صحيح معنيٰ ۾ ڏسي ڪونہ سگهياسون، ۽ واقعي اها حقيقت بہ هئي تہ جنهن عظيم ورثي کي هتي شاندار انداز ۾ محفوظ ڪيو ويو آهي. اسان اُن کي مڪمل طرح ۽ گهرائي سان ڏسي ڪونہ سگهياسون بهرحال اها ڳالهہ طئہ آهي تہ زندگيءَ جي وسيع رنگن کي ڏسڻ پسڻ لاءِ انسان جي عمر تہ ڪنهن بہ صورت ۾ ڪافي نہ آهي. اسان رستي ۾ اڄوڪي سفر تي تبصرا ڪندا شام جو تقريبا ساڍي ڇهين بجي گهر پهتاسي.

# آمريڪا ۾ آخري ڏينهن ۽ ذڪر
# هڪ لئبريريءَ جو

آمريڪا ۾ آخري ڏينهن، آچر جو ڏينهن، مون شڪاگو ۾ اچڻ مهل ٻه ويڪ ايند جي چونڊ ڪئي هئي ۽ واپسيءَ لاءِ ٻه مون ويڪ ايند جي چونڊ ڪئي هئي ته جيئن فريد پُٽو آرام سان مونکي وقت ڏئي سگهي. صبح جو سوير اسان فريد جي ٻارن سميت گهران نڪتاسون. ٻارن کي ”اسلامڪ سينٽر“ ۾ ڇڏيو. شڪاگو جي اولهه ڏڪڻ پاسي جي مسلمانن هتي ”آمريڪن اسلامڪ ايسوسيئيشن“ ناهي آهي. جنهن جي انتظام هيٺ هِتي هڪ عاليشان مسجد تعمير ڪئي وئي اهي. جتي عيدُن جي موقعي تي عيد  نمازن جا وڏا اجتماع ٻه ٿيندا آهن. جڏهن ته آچر جي ڏينهن هتي مسلمانن جي ٻارن کي ٽي ڪلاڪ ديني تعليم پڙهن ڏني ويندي آهي. في ٻار کان ساليانو اڍائي سؤ ڊالر في ورتي ويندي آهي پر جيڪڏهن هڪ ئي گهر جا ٽي يا ٽن کان وڌيڪ هجن ته پوءِ سڀني کان ملائي سِلائي ڇهه سؤ ڊالر في وصول ڪئي وڃي ٿي. اسان ٻارن کي مسجد ۾ ڇڏي، ڊاڪٽر مبارڪ جي گهر روانا ٿياسي. اصل ۾ڊاڪٽر مبارڪ اسان سان گڏ ايئرپورٽ هلي مون کي ”سي آف“ ڪرڻ پئي چاهيو پَر فريد صلاح ڏني ته ڊاڪٽر کي تڪليف نه ٿا ڏيون، ڪائنس سندس گهرهلي موڪلائي ٿا اچون. مون کي ٻه اها ڳالهه مناسب لڳي. ڊاڪٽر مبارڪ جي گهر اچي ساڍس ٻَه ڪلاڪ ڪن ڪچهري ڪئي ۽ ان کان پوءِ ڪائنس موڪلائي اسان واپس اسلامڪ سينٽر آياسي. موسم ۽ ماحول ڏاڍو خوشگوار هيو ”سنو فال“ شروع ٿي وئي هُئي. پر برف ذرتيءَ تي ڪري پاڻيءَ ۾ تبديل ٿيو پئي وئي. برف ڄمڻ جي نوبت اجان ڪونه آئي هئي.

ٻارن کي ڪٽي سندن ئي خواهش ۽ صلاح تي اسان ”وليج لئبريري“ گهمڻ آياسي. هن لئبريريءَ جو نالو “Tinely Park Public Library” هيو. جتي ڪتابن، آڊيو، وڊيو ۽ انٽرنيٽ جو وسيع جهان آبادهيو. هيءَ هڪ تمام وڏي لئبريري هئي. هتي توهان ڪنهن ٻه ڪتاب

جي گُهر ڪريو، لئبريري اهو ڪتاب اوهان کي مهيا ڪرڻ جي پابند هوندي. ڪتاب پنهنجي گهر ڏانهن بہ ڪٽي وڃي پئي سگهيا ۽ تاريخ پُوري ٿيڻ تي نيٽ ذريعي اُن جي تاريخ وڌرائي بہ پئي سگهي. لئبرريءَ جي نيٽ واري شعبي ۾ فريد جي نياڻي ڪُومل کي سندس هڪ ساهيڙي ملي وئي جنهن سان ڪومل انگريزيءَ ۾ ڳالهہ ٻولهہ شروع ڪئي. ڪومل بنيادي تعليم خيرپور ۾ ”سنڌ چلڊرينس اڪيڊمي“ ۾ حاصل ڪئي آهي. اڄ هتي ڪيس روانيءَ سان انگريزي ڳالهائيندي ڏسي مان ڏاڍو خوش ۽ حيران ٿيس. منهنجي حيراني ڏسي فريد ٻُڌايو تہ هتي آمريڪا ۾ ماڻهو ڪتاب خريد ڪري پڙهي گهرن جي شيلفن ۾ سجائي ڪونہ ٿا رکن، پر ڪتاب پڙهي، لئبريريءَ کي گفٽ ڪري ڇڏين. اهوئي سبب آهي جو لئبريري پندرنهن ويهہ ڊالرن جو ڪتاب صرف هڪ ڏيڍ ڊالر ۾ پڙهندڙن کي ڏئي ڇڏيندي آهي چاڪاڻ تہ پڙهندڙ اهو ڪتاب پڙهي وري بہ اچي لئبريريءَ کي ئي گفٽ ڪندو آهي۽ ايئن ڪتاب هِڪ هٿ کان ٻئي هٿ تائين پهچندا رهندا آهن. مون فريد کي چيو تہ جيڪڏهن ڪٽڻ جي سهولت هجي تہ مان گهڻا ڪتاب هتان خريد ڪري وڃي ”سنڌ چلڊرينس اڪيڊمي“ جي لئبريريءَ ۾ رکان. بهرحال لئبريريءَ کي ڏسي مان ڏاڍو متاثر ٿيس ههڙي قسم جون لئبريريون آمريڪا ۾ هر وليج ۾ موجود آهن. لئبريريءَ ۾ جتي پڙهندڙن لاءِ ڪتابن جو وسيع جهان آباد هُيو اُتي ئي فري انٽرنيٽ جي سهولت، سي ڊيز ۽ ڊي وي ڊيز جو بہ وڏو خزانو موجود هيو. جڏهن تہ لئبريري شهر واسين کي تفريح، سکيا ڪلاسز ۽ مختلف سرگرمين ۽ دلچسپيءَ جا موقعا پڻ فراهم ڪري رهي هئي. روزگار جي ڳولا ۾ پڻ هيءَ لئبريري نوجوانن جي رهنمائي ڪري رهي هُئي. لئبريري ۾ ڪجهہ موڪل وارن ڏينهن تي “Holiday gift Wrapping party” جا پروگرام بہ منعقد ٿيندا آهن. جنهن ۾ نوجوان پنهنجا تحفا هتي ڪٽي اچن ۽ انهن کي هتي خوبصورت انداز ۾ پئڪ ڪرڻ سيکاريو وڃي، گڏوگڏ ڪين چاڪليٽ بہ ڏنا وڃن ۽ ميوزڪ بہ ٻڌرائي وڃي. لئبريريءَ پاران مختلف وقتن تي مختلف علائقن ۾ وڃي موبائيل لئبريريون پڻ قائم ڪيون ٿيون وڃن. ”Book Mobile“ جي نالي سان اهي لئبريريون وڏين ٽرڪ نما گاڏينِ۾ مختلف ڳوٺن ۾ وڃي ماڻهن کي ڪتابن طرف راغب ڪن ٿيون. لئبريريءَ ۾ ڪمپيوٽر

ڪلاسز جو اهتمام ٿيل هو. ٻارن لاءِ ”اسٽوري ٽائيم“، نوجوانن لاءِ ”Teen Dance“ ۽ ٻيو ڪوڙ سارين علمي ۽ ثقافتي دلچسپين لئبريريءَ جي پليٽ فارم تان ٿي رهيون هيون. ”بڪ ڪلب“ جي سري هيٺ عظيم ڪتابن جو مطالعو ۽ انهن تي اپياسي ويهڪون پڻ منعقد ڪرڻ جو اهتمام هن لئبريريءَ ۾ٿيل هيو. ڪنهن ڏينهن تي هتي ”پُتلي تماشي“ جو اهتمام بہ ٿيل هُيو جنهن جو مقصد پڻ شاگردن جي تعليم ۽ تربيت ئي هُيو.

اسان لئبريري گهمي واپس گهر آياسي. مون واپسيءَ جي سفر لاءِ پنهنجو سامان سهيڙڻ شروع ڪيو. شامَ جو فريدَ پنهنجي پُٽ دانيال سميت مون کي ايئرپورٽ ڇڏڻ لاءِ تيار ٿيو، مون سيني کان موڪلايو سندن ٿورا ادا ڪيا ۽ پوءِ اسان ”O’har International Airport“ روانا ٿياسون. هي تمام وسيع ۽ نئون تعمير ٿيل ايئرپورٽ آهي.

ايئرپورٽ پهچي مونکي فنگر پرنٽس واري خاص اميگريشن مان گذرڻو هُيو. جيڪا ٻئي ٽرمينل تي واقع هئي. جتي پهچڻ لاءِ مون کي ايئرپورٽ جي حدن ۾ ئي هلندڙ لوڪل ٽرين پڪڙڻي پئي. ٽن ڊٻن تي مشتمل ٽرين ۾ چڙهي مان فنگر پرنٽس ڏئي آيس. واپس اچي مون بورڊنگ پاس ورتي جنهن بعد اميگريشن ۾ داخل ٿيس. اسان جي فلائيٽ ٽرمينل نمبر ٽي تي هئي. رات جو ساڍي اٺين بجي ڌاران سَڀُ ڪاروايون مڪمل ٿي ويون ۽ ايترو وقت فريد ٻاهر منهنجي لاءِ بيٺل رهيو. مان فارغ ٿي فريد کان موڪلائي لائونج ۾ هليو آيس، پوڻين ڏهين بجي بورڊنگ ٿي ۽ مان آمريڪن ايئرلائينز جي جهاز A-98 ۾ اچي وينس. سوا ڏهين بجي جهاز اڏاڻو. ٻن ڄڻن واري سيٽ تي مون کي دريءَ جي پاسي واري سيٽ ملي. منهنجي پرسان هڪ شيدياڻي ويٺي هئي. جهاز اڏامڻ کان ٿوري ئي دير پوءِ ماني پيش ڪئي وئي. مُنهنجي لاءِ خاص مسلمانن واري حلال ماني هئي جنهنجي مٿان منهنجو نالو ۽ ”مسلم فوڊ“ لکيل هيو. مان ماني کائي سمهي پيس. صبح جو سوا ڇهين بجي لنڊن جي هيٿرو ايئرپورٽ تي منهنجي اک کُلي. لنڊن جي وقت مطابق صبح جا سوا ٻارنهن ٿي رهيا هئا. شڪاگو ۽ لنڊن جي وچ ۾ وقت جو فرق ڇهہ ڪلاڪ آهي. جڏهن تہ شڪاگو کان لنڊن پهچندي جهاز اٺ ڪلاڪ وقت ورتو.

جهاز مان لهي، سيڪيورٽي مرحلا طئہ ڪري، مان لائونج ۾ پهتس. مون وقت ڏٺو منُو هِڪُ ٿي رهيو هو جڏهن تہ لنڊن ڪان منهنجي جهاز جو وقت چار لڳي پنجٽيهہ منٽ هيو. مون کي چار ڪلاڪ ڪن ايئرپورٽ تي ئي گذارڻا هئا. ايئرپورٽ ڇڻ تہ ڪنهن وڏي شاپنگ مال جو ڏيک ڏئي رهيو هو، هر قسم جا وسيع دُڪان، مان هيڏانهن هوڏانهن گهمندو رهيس. سامهون ئي هڪ نوجوان ۽ خوبصورت ڇوڪري مون ڏانهن وڌي آئي. هيلو هاءِ ڪرڻ کان پوءِ هُنَ هڪ بروشر منهنجي سامهون کوليو ۽ مون مختلف شاپنگ اسپاٽس جي لوڪيشن ۽ انهن جي باري ۾ تفصيلي ڄاڻ ڏيڻ لڳي. دراصل هيءَ ڇوڪري دڪاندار پاران مقرر ڪيل گائيڊ هُئي جيڪا مسافرن کي شاپنگ ڪرڻ ڏانهن مائل ڪري رهي هئي. ڇوڪري ذاتي دلچسپيءَ جا سوال بہ ڪري رهي هُئي مان ڇوڪريءَ سان ڳالهہ ٻولهہ ۾ ئي مصروف هيس تہ اوچتو هڪ همراهہ ڊوڙندو آيو جنهن اچي رڙ ڪئي تہ "Have You Change?" ڪيس سڪا ڪپندا هئا. منهنجي کيسي ۾ پاڪسان سِڪا پيا هئا. مون مذاق ۾ اهي ڪيڏي سندس اڳيان جهليا. جن کي ڏسي هُو حيران ٿيو. چيائين "اهي ڇا ڪندس؟!" مون کيس چيو "تون تہ صرف سڪا گُهريا هُئا........ءِ هي سِڪا آهن" منهنجي ڳالهہ تي هو کليو ۽ هليو ويو. منهنجي بوڪنگ ايمرٽس ايئرلائينز جي جهاز Ex-30 ۾ هئي جهاز طرف ويندڙ گيٽ تي لڳي ويهہ منٽن تي کلڻو هيو ۽ ايترو عرصو مان هيڏانهن هوڏانهن گهمندو رهيس، جنهن وقت فلائيٽ رواني ٿي، ان وقت مڪمل اونداهي ڇائنجي چُڪي هئي حالانڪ ان وقت چار لڳي پنجٽيهہ منٽ ٿيا هئا. رات جو يارنهن لڳي پنجٽيهہ منٽن تي جهاز دُبئي ايئرپورٽ تي پُهتو. دبئي جي وقت مطابق رات جا ٽي وڃي پنجويهہ منٽ ٿي رهيا هئا. مان لائونج ۾ اچي سليپنگ بينچ تي سمهي پيس. صبح جو انين بجي منهنجي هتان ڪان فلائيٽ هئي. ڇهين بجي ڌاران مون کي جاڳ ٿي وئي مان اُتي ايئرپورٽ تي هيڏانهن هوڏانهن پَسار ڪرڻ لڳس. صبح جو ايمرٽس ايئرلائينز جي جهاز Ex-600 ۾ سوار ٿيس. بورڊنگ ڪان پوءِ انين بجي جهاز روانو ٿيو ۽ ٻن ڪلاڪن جي سفر ڪان پوءِ اچي ڪراچي پهتس ان وقت ڪراچيءَ ۾ صبح جا يارنهن ٿي رهيا هئا.

ڪراچيءَ ۾ پنهنجي سنڌ جي سِجَ جي ڪرڻن ڪي ڏسي مان ڇڻ
تہ ڪنهن سپني مان جاڳي پيو هُجان.

# ليکڪ جو پروفائيل

## قُربان منگي

1. **نالو:** قربان علي پُٽ حسين بخش منگي
2. **جنم:** پهرئين اپريل 1961ع (خيرپور ميرس)
3. **تعليم:** ڊپلوما اِن ڪامرس، ايم. اي (ايڪانامڪس)
4. **پرڏيهي سفر:** ايران، جاپان، ٿائليند، ملائيشيا، آمريڪا، يونائيٽيڊ عرب امارات ۽ سريلنڪا.
5. **ڇپيل ڪتاب:**
   - ........... ۽ هوءَ هلي وئي (ڪهاڻيون) 1980ع
   - راهن جو رولاڪ (ڪهاڻيون ۽ شاعري) 1987ع
   - مُسافر (سفر نامو) 1990ع
   - هڪ گهڙي پيار جي (سفر نامو) 2004ع
   - آمريڪا ۾ ايڪٽيهه ڏينهن (سفرنامو) 2009ع
     (سنڌي لئنگئيج اٿارٽي پاران ايوارڊ يافته)
   - هوائيءَ جي هوائن مان (سفرنامو) 2014ع

6. **چيف ايڊيٽر / ايڊيٽر / سب ايڊيٽر/ ميمبر ايڊيٽوريل بورڊ:**
   - پوپٽ پبليڪيشن (6 شمارا) 1977ع کان 1984ع
   - ٻارڙن جو صفحو (روزانه نِجات سکر) 1978ع
   - ٻارڙن جو صفحو (روزانه نواءِ انقلاب سکر) 1979ع
   - سچل گزيٽ، ترجمان سنڌ يونيورسٽي شاهه عبداللطيف ڪئمپس خيرپور 1981ع
   - ماهوار ”رابيل“ لاڙڪاڻو (10 شمارا)
   - سچل سووينئر 1991ع کان
   - ”سرمست“، تحقيقي جرنل 1999ع کان
   - آل پاڪستان حضرت سچل سرمست فوٽبال ٽورنامينٽ جي موقعي تي شايع ٿيل سووينئر 1993ع

- آل سنڌ اسڪائوٽ روئر موٽ جي موقعي تي شايع ٿيل سووينئر 1995ع
- امن ڪانفرنس سووينئر (سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ خيرپور) 1991ع
- ”بيدل“ سووينئر 2004ع کان
- سووينئر ـ شهيد بينظير ڀُٽو اسڪائوٽ ريلي 2011ع کان
- ٽماهي ”پوپٽ“ مخزن 2012ع کان
- ماهوار نيوزليٽر GML ـ روٽري انٽرنيشنل ڊسٽرڪٽ 3271 ـ 2013ع.

### 7. علمي / ادبي/ سماجي/ ثقافتي مقرريون:

- صدر گُلن جهڙا ٻارڙا سنگت ـ خيرپور 1977ع
- تعلقه آرگنائيزر، گلن جهڙا ٻارڙا سنگت ـ تعلقو خيرپور 1978ع
- ضلعي آرگنائيزر، چٽنگ سنگت، خيرپور 1978ع
- مرڪزي وائيس چيئرمين، ٻارن جي محفل، حيدرآباد 1980ع
- صدر، سنڌ ٻالڪ سنگت 1982ع کان
- ميمبر، سچل سرمست يادگار ڪاميٽي 1982ع کان
- ميمبر، هلال احمر سوسائٽي خيرپور 1991ع کان
- سيڪريٽري سنڌي ادبي سنگت خيرپور 1991ع
- چيئرمين اين جي اوز ڪو آرڊينيشن ڪائونسل خيرپور. 1993ع کان 1995ع.
- ڪنوينر، پبلشنگ ڪاميٽي، جشن خيرپور 96 ـ 1995ع
- ڪوآرڊينيٽر ايڊووڪيسي گروپ خيرپور (عورت فائونڊيشن)
- ڊسٽرڪٽ ڪو آرڊينيٽر سٽيزنس ڪمپين فار وومينس ريپريزنٽيشن ان لوڪل گورنمينٽ 2001 ـ 2000ع
- سيڪريٽري، ڊاڪٽر تنوير عباسي يادگار ڪاميٽي خيرپور 2000ع
- ميمبر، بيدل يادگار ڪاميٽي 2004ع کان
- چيئرمين، پوپٽ پبلشنگ هائوس ـ خيرپور.
- ڊائريڪٽر، سنڌ چلڊرينس اڪيڊمي ـ خيرپور.
- ميمبر، روٽري انٽرنيشنل ـ خيرپور.
- ميمبر، جيم خانه ڪلب خيرپور.
- ميمبر، پاڪستان ـ جاپان ايسوسيئيشن اسلام آباد.
- ميمبر، پاڪستان ـ جاپان ڪلچرل ايسوسيئيشن ڪراچي

- ميمبر، حامي يادگار ڪاميٽي ـ خيرپور
- ميمبر، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ـ خيرپور
- صدر، شهيد محمد پريل منگي ميموريل ـ ايجوڪيشنل سوسائٽي ـ خيرپور
- ميمبر پبليڪيشن ڪاميٽي ـ سنڌي ادبي سنگت (سنڌ) مرڪز 2005ع
- ميمبر، خيرپور هسٽاريڪل سوسائٽي ـ خيرپور.
- ميمبر سووينيئر ڪاميٽي، سووينئر، خيرپور فيسٽيول 2011ع.
- صدر روٽري ڪلب خيرپور 11-2010ع.
- ميمبر، مانيٽرنگ ڪاميٽي فار پبلشنگ هسٽاريڪل بُوڪ، خيرپور 2009ع.
- باني ميمبر، آفيس ڪاميٽي ـ سچل سرمست يادگار ڪاميٽي خيرپور 2010ع.
- ڪو چيئرمين، انٽريڪٽ پروموشن ڪاميٽي روٽري انٽرنيشنل 12-2011ع
- ڪو چيئرمين، روٽري لٽريچر ٽرانسليشن ڪاميٽي روٽري انٽرنيشنل 12-2011ع
- اسسٽنٽ گورنر روٽري انٽرنيشنل 13-2012ع
- چيئرمين سووينئر ڪاميٽي ـ شهيد بينظير ڀُٽو اسڪائوٽ ريلي 2012ع
- جوائنٽ سيڪريٽري خيرپور آرٽس ڪائونسل خيرپور 2012ع
- جوائنٽ سيڪريٽري ـ ڏاڏا شاهه يادگار ڪاميٽي خيرپور 2012ع کان
- لائيف ميمبر ـ اليومني ايسوسيئيشن ـ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي2013 ع.

**8. ايوارڊ / شيلڊون:**

- بهترين سوشل ورڪر ايوارڊ ـ منسٽري آف يُوٿ افيئرس پاڪستان 1998ع
- بهترين سوشل ورڪر ايوارڊ ـ نيشنل يوٿ آرگنائيزيشن لاهور 1991ع
- بهتريل سوشل ورڪر ايوارڊ ـ پاڪستان ڪريسينٽ يُوٿ آرگنائيزيشن 1991ع

- بهتريل سوشل ورڪر ايوارڊ ـ سنڌ بواءِ اسڪائوٽس ايسوسيئيشن خيرپور 1991ع
- يادگار شيلڊ ـ ”آگهي“ ڪراچي 1994ع
- بهترين ورڪر ايوارڊ ـ سچل سرمست يادگار ڪاميٽي خيرپور 1994ع
- بهترين ورڪر ايوارڊ ـ سنڌ ڪلچرل ايسوسيئيشن ـ ڪراچي 1994ع
- بهترين ورڪر ايوارڊ ـ آل سنڌ روئر موٽ اسڪائوٽ 1994ع
- بهترين ورڪر ايوارڊ ـ جشن خيرپور 96-1995ع
- مجتا شيلڊ ـ سنڌي ادبي سنگت خيرپور 2005ع.
- بيدل ايوارڊ (بهترين ڪارڪن) بيدل يادگار ڪاميٽي 2009ع
- مجتا ايوارڊ ـ ريڊ ڪريسينٽ سوسائٽي ـ خيرپور 2009ع
- مجتا ايوارڊ: سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم خيرپور 2009ع.
- مجتا ايوارڊ ـ روٽري انٽرنيشنل ـ 2010ع.
- ادبي ايوارڊ (بهترين سفرنامہ نگار) سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ـ حيدرآباد 2010ع
- مجتا ايوارڊ سينٽر فار بائيو ڊائيورسٽي اينڊ ڪنسرويشن ـ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور 2010ع
- حامي ايوارڊ (لائيف ٽائيم اچيومينٽ) حامي يادگار ڪميٽي 2011ع
- سچل ايوارڊ (لائيف ٽائيم اچيومينٽ) سچل سرمست يادگار ڪميٽي 2011ع
- مجتا ايوارڊ: ڊسٽرڪٽ بواءِ اسڪائوٽس ايسوسيئيشن خيرپور 2011ع
- مجتا ايوارڊ: خيرپور ڊيٽس فيسٽيول 2011ع
- مجتا ايوارڊ: روٽري انٽرنيشنل (شاخ گمبٽ) 2011ع
- مجتا ايوارڊ: خيرپور فيسٽيول 2011ع
- مجتا ايوارڊ: (سفرنامي آمريڪا ۾ ايڪٽيهہ ڏينهن تي) روٽري انٽرنيشنل 2011ع
- مجتا ايوارڊ: (ٻوڏ جي تباهہ ڪارين ۾ خدمتن تي) روٽري انٽرنيشنل 2011ع
- مجتا ايوارڊ: (صدر جي حيثيت ۾ بهترين خدمتن تي) روٽري انٽرنيشنل 2011ع.
- ايم يحييٰ ڀُٽو ايوارڊ: ريڊيو ڊرامہ آرٽسٽ فورم خيرپور 2012ع

- مجتا ايوارڊ: ڊسٽرڪٽ اسڪائوٽس ايسوسيئيشن خيرپور 2012ع
- مجتا ايوارڊ: خيرپور آرٽس ڪائونسل خيرپور 2012ع.
- مجتا ايوارڊ: خيرپور فيسٽيول 2012ع.
- مجتا ايوارڊ: ڏاڏا شاھ يادگار ڪاميٽي خيرپور 2012ع
- مجتا ايوارڊ: (پال هيررس فيلو) روٽري انٽرنيشنل 2012ع
- مجتا ايوارڊ: (خيرپور فيسٽيول) ضلعي انتظاميہ خيرپور 2012ع.
- مجتا ايوارڊ: (خيرپور ڪجور فيسٽيول) ضلعي انتظاميہ خيرپور 2012ع.
- مجتا ايوارڊ: (بهترين اسسٽنٽ گورنر) روٽري انٽرنيشنل 2013ع.
- مجتا ايوارڊ: ڏاڏا شاھ يادگار ڪاميٽي خيرپور 2013ع.
- مجتا شيلڊ: روٽري ڪلب خيرپور گرين 2013ع.
- مجتا ايوارڊ: ڊاڪٽر محبت بُرڙو اڪيڊمي قنبر 2013ع.
- مجتا ايوارڊ: الفاروق اوپن اسڪائوٽس گروپ خيرپور 2013ع.
- مجتا ايوارڊ: خيرپور يوٿ آرگنائيزيشن خيرپور 2013ع.
- مجتا ايوارڊ: اليومني ايسوسيئيشن شاھ عبداللطيف يونيورسٽي 2013ع.

### 9. مجتا سرٽيفڪيٽ:

- فائن آرٽس سوسائٽي ـ حيدرآباد 1982ع
- ڊپٽي ڪمشنر ـ خيرپور 1982ع
- سچل نيشنل سيمينار 1982ع
- اسسٽنٽ ڪمشنر ـ خيرپور 1987ع
- اسسٽنٽ ڪمشنر ـ خيرپور 1987ع
- حيدرآباد جئسيس ـ حيدرآباد 1988ع
- پاڪستان ڪريسينٽ يُوٿ آرگنائيزيشن 1990ع
- سنڌي گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ـ سنڌ 1990ع
- پريس انسٽيٽيوٽ آف پاڪستان 1990ع
- ڊپٽي ڪمشنر ـ خيرپور 1991ع
- منسٽري آف فارين افيئرس ـ جاپان 1991ع
- نيشنل يُوٿ آرگنائيزيشن آف پاڪستان 1991ع
- پاڪستان سوشل ايسوسيئيشن ـ پنجاب 1992ع
- بيت التبسم ـ ڪراچي 1993ع

- سنڌي ادبي سنگت (سنڌ) 1993ع
- سنڌ يونيورسٽيز اسپورٽس چيمپئن شپ 1994ع
- فيملي پلاننگ ايسوسيئيشن آف پاڪستان 1994ع
- ڊسٽرڪٽ ريڊ ڪريسنٽ سوسائٽي ـ خيرپور 1994ع
- سنڌ ڪلچرل ايسوسيئيشن ـ ڪراچي 1994ع
- ڊپٽي ڪمشنر ـ خيرپور 1995
- ڊائريڪٽر پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ اينٽي نارڪوٽڪ فورس اسلام آباد 1995ع
- ريڊ ڪريسنٽ پاڪستان، ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن ۽ امپيڪٽ پاڪستان 1997ع
- پاڪستان سوشل ايسوسيئيشن پاڪستان 1997ع
- ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ـ خيرپور 1997ع
- عورت پبليڪيشن اينڊ انفارميشن سروس فائونڊيشن 2003ع.
- سنڌ پوليس خيرپور ۽ ضلعي حڪومت خيرپور 2010ع
- روٽري انٽرنيشنل (ڊسٽرڪٽ 3270) 2010ع
- روٽري انٽرنيشنل (ڊسٽرڪٽ 3271) 2010ع
- پريزيڊينشل سائيٽيشن ايوارڊ، روٽري انٽرنيشنل 11-2010ع.
- ڪلب جي بهترين صدر جو سرٽيفڪيٽ. روٽري انٽرنيشنل 11-2010ع.
- اسسٽنٽ گورنر ٽريننگ سرٽيفڪيٽ. روٽري انٽرنيشنل 13-2012ع.
- پال هيررس فيلو سرٽيفڪيٽ ـ روٽري انٽرنيشنل 2013ع.
- ايگل ٽريڪ زِپ لائين (چَنگ مائي ٿائليند) 2013ع.

◈

# پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور

## پاران شايع ٿيل ڪتابَ

مسافر (سفرنامو) قربان منگي
سائنس جي دُنيا (سائنس) بدر جميل مينڊرو
ريشمي آواز (شاعري) پارس عباسي
سنڌي ـ انگلش گرامر (گرامر) فتح محمد جتوئي
عملي جاميٽري ۽ ٽرگناميٽري (رياضي) فتح محمد جتوئي
ڇُهاءُ (شاعري) اطهر قُريشي
اکين مان ٽميل نظم (شاعري) امر اقبال
لُڙڪ ٽهڪ ۽ سنسار (شاعري) مير صوبدار صعيد
ٽُرڪيءَ ۾ چار مُسافر (سفرنامو) ڊاڪٽر محبوب شيخ
اسان جي عشق جون ڳالهيون (شاعري) غُلام عباس پنيرو
اداس لمحن جو درد (شاعري) ضمير لاشاري
اڌاٽا احساس (ريڊيو اسڪرپٽ) ڪوثر ٻرڙو
ڇا رکيو آهي امر اقبال ۾ ؟!(شاعري) امر اقبال
ترڪيءَ ۾ چار مسافر (سفرنامو) ٻيون ايڊيشن: ڊاڪٽر محبوب شيخ
آمريڪا ۾ ايڪٽيهه ڏينهن (سفرنامو) قربان منگي
تنهنجي دل ۾ هوندي ٻه اڪيلا (ڪهاڻيون) ڊاڪٽر اعجاز سمون
استاد منظور علي خان (فن ۽ شخصيت) مرتب: ڪوثر ٻرڙو
اکن تي پارو (شاعري) اميد خيرپوري
روهڙيءَ جا روشن ستارا (تحقيق) ڊاڪٽر هدايت پريم
بندر ديسان ديس (سفرنامو) ٽيون ايڊيشن: الطاف شيخ
سچل ـ ساڃاهہ شعور (تحقيق) ڊاڪٽر مخمور بخاري
سچل جو فڪر (تحقيق) حزب الله آءِ سومرو
ميهڙ کان ماسڪو (سفر نامو) ٻيون ايڊيشن: ڊاڪٽر محبوب شيخ
خالي بينچ (ناول) ٻيون ايڊيشن: اسحاق انصاري
ميلي جي تنهائي (شاعري) اياز گُل
هوائيءَ جي هوائن مان (سفر نامو) قربان منگي

## گهرائڻ لاءِ رابطو ڪريو

پوپٽ پبلشنگ هائوس مال روڊ خيرپور ميرس, سنڌ
0300-3116231 – 0331-3067097

